# ڳاڙها ڳوڙها

محمد علي جوهر



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# ٻاڙها ڳوڙها

(شاعريءَ جو مجموعو)

محمدعلي جوهرؔ

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/ حيدرآباد
١٤١٢ھ/١٩٩١ع

حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ

پهريون ڇاپو: ڊسمبر ١٩٩١ع
تعداد: ۱ هزار
ٽائيٽل ڊزائين: عظيم چانڊيو
ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچي

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ملهه: ٦٠ رپيا

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

انهن ارڏن ۽ اڏول سرويچ سورمن جي نالي
جيڪي پنهنجي جنم ڀومي جي آزادي لاءِ
پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪري وڃهندا
رهيا آهن.

مانجهي متير، مڙسن کي منهنجا سلام پهچايو
ڌرتيءَ جي سپوتن کي منهنجا سلام پهچايو

محمدعلي جوهر

# فهرست


| | |
|---|---|
| خاص نوٽ | ٧ |
| ناشر طرفان | ٨ |
| پنهنجي متعلق | ١٠ |
| حمد نعت | ١٧ |
| قومي نغما | ٤٥ |
| غزل | ٨٥ |
| ڪافيون | ١٨٥ |
| بيت ۽ قطعا | ٢٢٩ |
| متفرقات | ٢٧٥ |

جوهر صاحب جو ڪلام دلچسپ دل آويز ۽ دلڪش آهي. سندس شاعري تي عشقيه انداز ڇانيل آهي. جيتوڻيڪ فلسفيانه، قومي ۽ اصلاحي موضوعات تي به جوهر صاحب طبع آزمائي ڪئي آهي. صحافت واري زندگي ۾ به جوهر صاحب پنهنجو پاڻ ملهايو آهي.

جوهر صاحب هڪ سيمابي طبعيت جو متحرڪ انسان رهيو آهي. جواني جي دور ۾ مشاعرا، علمي ادبي محفلون ۽ ڪانفرنسون ڪوٺائڻ ۾ نهايت سرگرم رهيو. سالها سال جمعيت الشعراء جو باندار جنرل سيڪريٽري رهيو. جنهن ڪري هن جو اسان سان قريبي واسطو ۽ تعلق رهيو. جوهر صاحب جمعيت الشعراء جي خدمت ۾ پنهنجا ڏاڍا جوهر ڏيکاريا. هڪ زنده دل، محنتي، مخلص انسان هئڻ سان گڏ جوهر صاحب هڪ پيار پرين قرب واري صورت آهي.

اسان سندس ڪلام سنڌي ادبي بورڊ طرفان منظرعام تي آڻي بيحد خوشي محسوس ڪريون ٿا.

الله پاڪ جوهر صاحب کي علم و ادب جي خدمات لاءِ عمر دراز عطا ڪري آمين.

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ
چيئرمين
سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو

# ناشر جي طرفان

محمد علي جناح باصلاحيت سياسي ليڊر جي حيثيت سان، مولانا محمد علي جوهر آزادي جي بيباڪ رهبر جي حيثيت سان، محمد علي بي خوف ۽ برق رفتار باڪسر جي حيثيت سان ۽ هن ڪتاب "ڳاڙها ڳوڙها" جو مالڪ محمد علي جوهر هڪ سرگرم صحافي اديب ۽ شاعر جي حيثيت سان آئون سڃاڻان! هي نالي جو تاثير آهي يا منهنجي سوچ جو تجزيو ته، جيڪي "محمد علي" جي نالي سان دنيا ۾ ماڻهو رهيا انهن مان اڪثر، متحرڪ، بي آرام، بيقرار، جاندار، جانثار ۽ نامدار رهيا آهن. علم، ادب ۽ شعر جي آسمان تي محمد علي جوهر چمڪندڙ ستارو آهي.

"جمعيت الشعراءِ سنڌ" سنڌ جي واحد باوقار، بااعتماد نمائينده تنظيم هئي، جنهن جي سڄي سنڌ ۾ هاڪ ۽ ڌاڪ هئي: "جمعيت الشعريٰ سنڌ" سڄي سنڌ جي سيني شاعرن جي تنظيم هئي. ٻين ننڍين ننڍين علمي، ادبي تنظيمن بزمن جو وجود نه هئڻ جي برابر هو. "جمعيت الشعراءِ سنڌ" ۾ سنڌ جا نامور عالم اديب ۽ شاعر شامل هئا، جيڪي يادگار زمانه آهن. انهن سيني عظيمُ هستين جي وچم ۾ هڪ وڏي ۾ وڏي تنظيم جو، گهٽي ۾ گهٽو وقت سيڪريٽري رهڻ، ڪنهن عام ماڻهو جي وس جي ڳالهه نه هئي! هتي ڪو جنون، جوش، جذبي ۽ جولان وارو جاندار جوان گهربو هو. "جمعيت الشعراءِ سنڌ" لاءِ محمد علي جوهر جون خدمتون ناقابل فراموش آهن جمعيت اشعريٰ ۽ محمد علي جوهر ٻئي نالا لازم و ملزوم رهيا آهن. شاعر جي حيثيت سان جوهر صاحب پخته گو، قادر الڪلام شاعر آهي، هن جي شاعري علم بديع ۽ بيان جي لحاظ کان پڪي ۽ پختي آهي، سندس غزلن ۾ عربي فارسي ترڪيبون ۽ الفاظ گهڻا آهن جيڪي غزل جو شان ۽ مضمون جي جان هوندا آهن. جوهر هڪ

علمي ادبي دور جو زنده يادگار آهي. جمعيت الشعراء سنڌ جهڙي غير متنازع تنظيم جو غير متنازع ۽ هردل عزيز سيڪريٽري تي رهيو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ جي ٻين ڪتابن وانگر "ڳاڙها ڳوڙها" بہ بورڊ جي فخريہ پيشڪش آهي. سنڌ جي عوام آڏو معياري، تعميري ۽ پاڪيزه ادب پيش ڪرڻ ۾ سنڌي ادبي بورڊ هميشہ پيش پيش رهيو آهي. "ڳاڙها ڳوڙها" بہ ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي اُميد تہ سنڌ جي مانوارن عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي ڪاوش کي سنڌي ادبي بورڊ منظر عام تي آڻيندو رهندو. علم و ادب جي خدمت لاءِ اسان جون هي مثبت انداز سان ڪوششون يقيناً سوچ جي مالڪن، معياري عالمن، اديبن ۽ شاعرن وٽ قبول پونديون.

**محبوب سروري**

سيڪريٽري

سنڌي ادبي بورڊ

۱ ڊسمبر ۱۹۹۱ع

# پنهنجي متعلق

جيئن تہ منهنجي پيدائش ۽ پرورش علمي ۽ ادبي خاندان ۾ ٿي. انڪري ابتدائي تعليم قرآن شريف ۽ فارسي تعليم پنهنجي ڏاڏي مرحوم مولوي (آخوند) نصرالله لاشاري ۽ مولوي محمد ابراهيم 'اثيم' جن وٽ گهرُو ماحول ۽ سندن مدرسہ ۾ ٿي. مولوي صاحب جي والد منهنجي ماسڙ استاذ العلماءِ مولوي دين محمد چانديو (بُنوي) جي شاگردن مان جيدّ عالمن ۽ مجاهدن کان علاوه وقت جا برک اديب ۽ شاعر بہ پيدا ٿيا جن ۾ حاجي محمود 'خادم' جو نالو هن حوالي سان خصوصي اهميت جو حامل آهي. ننڍپڻ ۾ ئي اهڙي ماحول سان مُتعلّق هڪ مثالي ۽ مشفق دوست مولوي عبداللهُ 'اثر' ملي ويو عمر ۽ علم ۾ مون کان گهڻو وڏي هئڻ جي باوجود اثر صاحب پنهنجي اعليٰ اخلاقي اقدار سان گڏ منهنجي خاندان سان تعلّق ۽ عقيدت سبب مون کي بيحد عزت ۽ پيار سان پاليندو هيو. ان وقت استاد مولوي محمد ابراهيم 'اثيم' ۽ پهريان 'آثم' بعد ۾ 'اثر' صاحب جن کي شاعري ڪندي ۽ ٻُڌندي ڏسي منهنجي دل ۾ بہ شاعر بنجڻ جو شوق پيدا ٿيو.

١٢– سالن جي ڄمار ۾ فارسي تعليم ختم ڪري صَرف ۽ نَحو جو سُٺو ۽ ذهين طالب العلم سڏجڻ لڳس ۽ شاعري جي قافيہ رديف ۽ مصرعن کي ملائڻ ۾ شروع ٿي ويس. جلد ئي پنهنجي بزرگن جي حڪم تي شهدادڪوٽ جي هڪ نامور عالم ۽ پلاري بزرگ حضرت مولانا قمرالدّين 'قمر' مهيسر رحمةالله عليہ جن وٽ عربي پڙهڻ شروع ڪيم. مولانا صاحب پنهنجي تقويٰ ۽ توڪّل، ظاهري ۽ باطني علم ۽ عرفان جي ڄاتل سڃاتل عالمِ دين هئڻ سان گڏ شاعر هيا، ڪجھ وقت سنڌيءَ ۾ "المهيسر" ماهنامو جاري ڪيائون مان بہ ننڍڙا ننڍڙا مضمون لکڻ ۽ شعر (تُڪ بندي) جي شروعات ڪئي. مولانا صاحب جن منهنجي معصوم ڪاوشن کي پسنديدگي جي نظر سان ڏٺو ۽ حوصلہ افزائي ڪئي. مان جڏهن عربيءَ جي مُنتهي طالب جي

حيثيت تي پهتس، تڏهن مولوي صاحب جي هدايت موجب عربي ادب ۽ انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ جامعہ عربيہ حيدرآباد ۾ آيس، جتي آسمانِ ادب جا درخشنده مهرو ماهَ، يا آفتاب عالمتاب مولانا مخدوم امير احمد صاحب ۽ مولانا غلام محمد گرامي جن بحيثيت استاد جي موجود هئا ۽ جامعہ عربيہ جي دروازي جي سامهون اتڪل اَٺن وڪن جي وِٿـي تي (ان وقت جامعہ عربيہ صدر بزار جي هڪ بلڊنگ ۾ هُئي) ڊاڪٽر محمد ابراهيم 'خليل' جي خانگي اسپتال (ادبي بيٺڪ) ۾ ساڻس ملاقات سوني تي سهاڳي جو ڪم ڪيو.

ساڳئي وقت حيدرآباد مان نڪرندڙ روزانہ سنڌي اخبار "هلال پاڪستان" جي مُدير شهير سنڌ جي نامُورَ مُوَرِّخ ۽ مُحقِّق رحيمداد خان مولائي شيدائي ۽ اخبار جي خاص شاعر حافظ "بسمل" ٽڪڙائي جن سان بہ ملاقات ٿيندي رهي ۽ اخبار لاءِ ڪجھ ڪچو پڪو ڪلام ۽ مواد ڏيندو رهيس. ان وقت آزادي جي تحريڪ ڪاميابي جي آخري مرحلن ۾ هئي، آزادي جي لاءِ جذباتي انداز ۾ لکڻ ٿيندو هيو.

عين اُنهن ئي ڏينهن ۾ حيدرآباد جي نورمحمد هاءِ اسڪول ۽ هئي ڪنهن هال ۾ سائين مخدوم محمّد زمان طالب المولىٰ جن جي پُرڪشش ۽ جاذبِ دل و نظر شخصيت تي نظر پئي ۽ سندن ڪلام ٻُڌڻ جو موقعو مليو ۽ منهنجي دل ۾ شاعري جو ذوق هيڪاري وَڌيو. جامعہ عربيہ ۾ هڪ طرف مولانا مخدوم امير احمد جن وٽان عربي ادب ۽ علمِ اصول جي حصول ۽ مولانا غلام محمد "گرامي" جن ڪان شعر و شاعري بابت هدايات جو سلسلو جاري رهيو.

بهرحال جهڙي تهڙي شاعر بنجڻ لاءِ ذڪر ڪيل ماحول ۽ موقعا ڪافي قدر مددگار ثابت ٿيا. ٻن سالن ڪان پوءِ لاڙڪاڻي شهر ۾ جوهر پريس قائم ڪري پنهنجي ادبي ذوق جي تڪميل لاءِ هفتيوار اخبارون "پيامِ نوُ" اڳتي هلي "آواز" پوءِ "پيغام" جاري ڪيم، "انسانيت" ۽ "پورهيت" اخبارون بہ ڇپيم.

سنڌي شعر ۽ ادب جي ناطي سان سنڌ جي شيراز لاڙڪاڻي کي اعلىٰ مقام حاصل هيو. ماهوار مشاعره، ادبي نشستون ۽ ڪچهريون، آل سنڌ ادبي ڪانفرنسون بامِ عروج تي پهتل هيون، جتي اُستادانِ سخن ۽ ادب

دوست حضرات حاجي محمود ’خادم‘. عبدالفتاح ’عبد‘ عاقلي، مولوي عبدالله ’اثر‘ نواز علي ’نياز‘ نظام الدين ’نظام‘ مولوي، محمد عظيم ’شيدا‘ مولوي حبيب الله ’حبيب‘ شهداد ڪوٽي، غلام ’سرور‘ مغل مولوي نورالدين ’نور‘ هري ’دلگير‘، حافظ ضياءالحق ’اسلم‘، مولوي ثنائي، مولوي عبدالله چانڊيو يونڪائي، مولوي ’نذير‘ حسين جتوئي، عبدالحق ’زيب‘ عاقلي، ميان غلام عباس قادري، اياز قادري، سيد جمال الدين بخاري، ڪامريڊ علي محمد عباسي، جمال ابڙو، عزيز ڏوڪري وارو لقمان حڪيم، فقير علي بخش جمالي، مولوي عبدالرشيد جمالي، ماستر غلام دستگير، سيد الهڏنو شاهه راشدي، عبدالڪريم سنديلو، عبدالمجيد ميمڻ، غلام مصطفيٰ ’مُشتاق‘، عبدالغفور پرڳڙي، علي گوهر خان کهڙو، قاضي عبدالمنان، عبدالمنان چانڊيو، تاج محمد ابڙو، عبدالفتاح ميمڻ، نظام الدين ميمڻ، عبدالرزاق سُومرو، دوست محمد ابڙو، عبدالحق سولنگي، فقير عبدالوهاب ناظم، شيخ واحد بخش، مولوي محمد اسماعيل قريشي، دادن فقير، عاشق واحد بخش، اختر علي قاضي، خادم حسين شاهه، ديوان امبرت راءِ ’سام‘، الله بخش ’انيس‘ انصاري، حاجي واحد بخش شيخ شهدادڪوٽي، سيد وريل شاهه، علي اڪبر شاهاڻي، علي حيدر منگي محمد خان شيخ، مولوي غلام يحيٰ، حڪيم محمد عالم، ڊاڪٽر شمس الدين چانڊيو، قاضي عبدالحئي قائل، حاجي محمد پيرزادو، مهرالله شيخ، گدا علي منگي، خدا بخش ’مسڪين‘ سومرو، محمد چٽل فدا، عبدالله عتيق، صوفي ڏتي بخش، سرور عاقلي، قلندر بخش بدوي، قلندر لاڙڪاڻوي، مولا بخش سانگي، ڪشنچند گرناڻي، چاچو الاهي بخش سومرو، خير محمد ’سوز‘ مولانا ابوالخير فيض محمد سيال، غلام حسين منگي ۽ ڪي ٻيا دوست ادب جي خدمت جي عمل ۾ مشغول هيا، بزمِ ادب ۽ انجمن ترقي اردو وارن مان سيد صَمدَ رضوي ’ساز‘، حڪيم شاهد علي شهيد، شاهه مسعود، مسلم شميم، شفيق، شاهه محمد ’عزمي‘ مسعود فاروقي، ’عرشي‘ ۽ ٻيا ڪيترا دوست به نمايان طور تي ادب جي خدمت ۾ مصروف هيا. اهڙي حوصلا افزا ادبي ماحول ۾ معاصرين سان نؤعمري ۾ مان به گڏجي پيس ۽ علم ۽ ادب جي حلقن ۾ هڪ نؤجوان اديب، صحافي ۽ شاعر جي حيثيت سان سنڌ ۾ سُڃاڻپ لڳس، لاڙڪاڻي جي ڪيترن ادبي ۽ ثقافتي ادارن ۾ چند ممتاز عُهدن تي ڪم ڪرڻ جو موقعو

مليو.

خاص ڪري آل سنڌ ادبي ڪانفرنسن جي انعقاد ۾ ڪامياين کي مون سان لازم و ملزوم ۾ مشروط سمجهيو ويندو هيو. سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن جي واحد نمائنده جماعت "جمعيّت الشّعراءِ سنڌ" جو مسلسل ٢٣ سال جنرل سيڪريٽري ٿي رهيس (جناب مخدوم طالب المولىٰ صاحب جن جمعيّت جا صدر هيا).

محترم مخدوم صاحب جن جي سرپرستي ۾ اُن وقت جي وزيراعظم جناب ذوالفقار علي خان ڀٽي جي خاص دلچسپي سان لاڙڪاڻي شهر ۾ جمعيّت الشّعراءِ سنڌ جي پليٽ فارم تان لاڙڪاڻي شهر ۾ "شاهنواز ڀٽو" لائبرري جهڙي مثالي ۽ منفرد اداره قائم ڪرڻ منهنجي خواب جو تعبير، آرزوئن جي تڪميل ۾ بارآور ڪوشش جو ثمر آهي.

ڪيترن سالن لاءِ ٧٧ع جي مارشل لا لڳڻ تائين سنڌي ادبي بورڊ جي گورننگ باڊي جو ميمبر بہ رهيس.

جيئن تہ مان مختلف وقتن تي مختلف زبانن ۾ مختلف حالتن جي تناظر ۾ شاعري ڪئي آهي، جنهن مان ڪجھ سنڌي ڪلام گڏ ڪري هن ڪتاب "ڳاڙها ڳوڙها" ۾ ترتيب ڏيئي ناظرين ڪرام جي نظرن ۾ هٿن تائين پهچائڻ جو شرف حاصل ڪري رهيو آهيان.

مان پنهنجي شاعري ۾ فڪر جي خوشبو، فنّ جي خوبصورتي، حسين خيالن، لطيف جذبن، سهڻن لفظن جي سجاوٽ يا جڙاوت، باڪمال محاورن ۽ مثالن، اِستعارن ۽ ڪِناين، بيان جي خوش اُسلوبي، تلميحات، فصاحت ۽ بلاغت يا زبان تي دسترس جي نہ دعوىٰ ڪئي آهي، نہ وري 'شاعري منهنجي زندگي آهي، يا منهنجي زندگي شاعري جي لاءِ وقف'. جهڙي هامَ هڻي سگهان ٿو. اَلبَت هيئن چوڻ ۾ حق بجانب آهيان تہ شاعري منهنجي طبيعت ۾ رچيل آهي، شاعري ۾ منهنجي مزاج جو پاڻ ۾ ازلي عشق ۾ تعلق آهي. شاعري جي لاءِ جيڪا حسّاس دل گهرجي قدرت جي طرفان اهڙي درد آشنا دل عطا ڪري مون کي شاعري جي بُنيادي تقاضائن جي تڪميل جو رَهين بنايو ويو آهي.

پنهنجي گِردوپيش جي زندگي جي مشاهده ڪرڻ وقت منهنجا حَسّاس جذبا متاثر ٿيندا رهيا آهن. واقعن ۽ حادثن جو مُشاهدو ڪربِ دَرُون بنجي

واردات قلب جو رُوپ اختيار ڪرڻ ڪانپوءِ شاعري جي موجن ۾ تبديل ٿيندو آهي. شاعري منهنجي پَناه گاه آهي. جتي مان گردشِ روزگار ۽ اُن جي تلخين کان ڪناره ڪش ٿيڻ جي خاطر پاڻ کي اُن ۾ گُم سُم رکندو آهيان- پنهنجي گردوپيش ماحول ۽ معاشري ۾ مُلڪ ۽ مِٽي جي ماڻهن يا سندن سياسي، سماجي ۽ مُعاشرتي حق تَلَفِيُنُ، زبان يا ٻولي تي مختلف وقتن يا شڪلين ۾ ٿيندڙ حملا ۽ هاڃان، ڪاهُون ۽ ڪَڙديُون، ظلم ۽ ڏاڍ، استحصالي قُوّتن جي ڦُرلُٽ، غير موزون معاشره ۽ نظام جي غلط تشڪيل، اخلاقي انحطاط، تعصُبّ ۽ نفرت جي نهايت، فريب، تملّق، غلط بياني، چاپلوسي، رهبري جي دعويدارن جي مُنافقانہ رَوش، دهشت گردي ۽ بَربريّت، قومي سطح تي مايوسي ۽ مُردگي، اجتماعي خودڪُشي جهڙي پيانڪ اثرات محسوس ڪرڻ کان علاوه سنڌي شعر ۽ ادب جي روايات پڻ منهنجي رهنمائي ۽ ذهني تربيت ڪرڻ ۾ بنيادي حيثيت رکن ٿيون. مون کي جيڪو پيدائش کان علمي ۽ ادبي ماحول مليو آهي، اُنهيءَ جو ذڪر مٿي ڪري آيو آهيان، دراصل دُکي انسانيت جي دکن جو احساس ۽ اُن جو معاشرتي طور تي اظهار ڪرڻ اديب ۽ شاعر جو بُنيادي فرض بڻجي ٿو.

"شاعري جُزوي است از پيغمبري"

يا

"جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتُون آهين"

شاعري کي هيءُ عظيم منصب انهي حوالي سان مليو آهي تہ شاعر انساني معاشري کي سَنوارڻ سِينگارڻ ۽ سندس بدصُورتين کي دُور ڪرڻ ۾ پنهنجي قلم جا جوهر ڏيکاري. جنهن جي جيئري جاڳندي تصوير، مڪمل ۽ مثالي صُورت سنڌي شاعري جو ابو ۽ باـشاهہ، شاعرِ آفاق و انسانيّت ۽ نَقّاشِ فطرت حضرت شاهہ ڀٽائي رحمه‌الله عليہ سنڌي شاعري جي تمام تر بلند روايتن ۽ روين جو مُوجد ۽ پاسدار تا اَبَدُالآباد موجود ۽ اَمَر آهي. منهنجي نزديڪ بہ ادب ۽ زندگي جي رشتي جي نوعيت اِهائي آهي تہ جيڪو ادب زندگي کان ماوراءِ ۽ زندگي جي مسئلن ۽ مُشڪلين، تلخين ۽ صعوبتن کان عاري هجي ۽ زندگي جو ترجمان نہ هجي، اهڙو ادب سواءِ ادب چوائڻ جي ٻيو سڀ ڪجهہ چوائڻ جو مُستحق آهي. زندگي کان بي نياز ۽ بيگانو ادب، ادب جي سماجي منصب ۽ ڪردار جي نفي ڪري ٿو. ادب ۾ سماجي شعور

جو اظهار نہ هجي تہ گويا اديب پنهنجي سماجي منصب ۽ سماج جي حوالي سان پنهنجي فرائض ۽ ذمہ دارين کان رُوگرداني ڪري پنهنجي سماجي وجود جو انڪار ڪري ٿو.

منهنجي خيال ۾ سماجي زندگي جي عڪاسي ۽ سماجي شعور جو فنڪارانہ اظهار ئي عظيم ادب لاءِ اوّلين شرط آهي.

جيئن تہ مان پنهنجي شاعري ۾ سماج ۽ زندگي سان پنهنجي وابستگي- وچن (ڪمٽمينٽ) کي هميشہ سامهون رکيو آهي ۽ هيئت تي مَوَاد کي ترجيح ڏني آهي مان جيتري قدر لکيو آهي. ان ۾ گهڻو سماج جي لاءِ لکيو آهي ۽ پنهنجي شعري تخليقات جي ذريعي سماج جي مثبت قدرن ۽ صحت مند روايتن کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

مان پنهنجي مادرِ وطن (جَنم ڀومي) جي عظيم روايتن کي ساه کان گهڻو پيارو سمجهان ٿو ۽ سنڌ جي خوشحالي ۽ ترقي جي لاءِ جيڪي خواب ڏٺا آهن. اُنهن کي نئي شعر جي قالب ۾ ڍالڻ جي مُختلف انداز ۾ ڪوشش ڪئي آهي. جيئن تہ سنڌ تهذيب ۽ تَمدّن جو قديم ترين گهوارو آهي. سنڌ روايات ٻي عظيم ۽ اڻ مِٽ آهن ۽ اُنهن روايتن جي پُنيان جيڪي اقدار آهن اُهي ٻي وڏو قيمتي سرمايو آهن.

منهنجي پڙهندڙن کي منهنجي شعري تخليقات ۾ سنڌ جي سرزمين جي سڳنڌ ضرور ملندي. سرزمينِ سنڌ ۽ اهلِ زمين سان ٿيندڙ زيادتين ۽ استحصال جي خلاف ڪنهن نہ ڪنهن انداز ۾ صداءِ احتجاج ضرور نظر ايندي. منهنجي شاعري ۾ توحيد ۽ توڪل جي روشن جهلڪ ۽ سرورِ ڪائنات صلي الله عليہ وسلم جن سان والهانہ محبت ۽ غلامانہ عقيدت، اذنِ حضوري، شفاعت خواهي ۽ مدعا طلبي لاءِ ليلائڻ ۽ ٻاڏائڻ جو ٻاجهاري ٻولي ۾ عرض ۽ اظهار ڀرپور انداز ۾ ڏسڻ ۾ ايندو جنهن کي مان پنهنجي دنيا ۽ آخرت جي فلاح ۽ نجات لاءِ واحد وسيلو ۽ ذريعو سمجهان ٿو. منهنجي شاعري ۾ منهنجي جمالياتي حسُن جو عنصر بہ شامل آهي.

منهنجي شاعري فَنّ جي معيار تي ڪيتري قدر پوري آهي، انهيءَ جو فيصلو قارئين ڪرام تي ڇڏجي ٿو.

البت ايتري چوڻ ۾ مون کي ڪنهن بہ قسم جي هٻڪ يا جهجهڪ محسوس نہ ٿي ٿئي تہ مان پنهنجي همعصر سچائين کي سادگي سان، سواءِ

ڪنهن تصنُع ۽ بناوٽ جي پيش ڪيو آهي ۽ پنهنجي دل جي ڳالهين کي بنا ڪنهن اِبهام جي چوَڻ جي روَش اختيار ڪري پنهنجي پڙهندڙن کي شعرن جي ذريعي ڳجهارتون پَچڻ جي هرگز زحمت ڏيڻ نہ گهري آهي، مون ڪوشش ڪئي آهي تہ دل مان جيڪا ڳالھ نڪري دل تائين پهچي وڃي. مان وٽ روايات جي پاسداري کي وڏي اهميت حاصل آهي، باوجوديڪ شعر و ادب ۾ نوَن تجربن جو مخالف نہ آهيان خواہ اُهي تجربا شاعري ۾ هيئت جي حوالي سان هجن يا اظهار جي حوالي سان.

بهرحال مان هن راءِ جو آهيان تہ ابلاغ کان محروم ڪا بہ شعري تخليق مُهمل ۽ بي معنيٰ آهي، فڪري اعتبار سان سماجي زندگي ۾ اِرتقا جي قانون کان انڪار دراصل انساني شعور جي نفي جي برابر آهي. مان سماجي زندگي جي هر شعبي ۾ تغيرّ و تبدلّ (مَٽَ سَٽَ) کي قدرت جو قانون سمجهان ٿو. جنهنڪري ادب ۽ فَن جي تجربن ۾ بہ هر قسم جي تبَدل، جدّت ۽ نواڻ جو قائل آهيان. زندگيءَ جو سفر منهنجي نظريئہِ حيات جي مطابق ارتقا جي قانون جو تابع آهي ۽ اهو سفر مُراجعت (واپسي) جو سفر نہ بلڪ هر لمحي ۽ هر گهڙي پيش رفت جو سفر آهي، جهڙي طرح منهنجي شاعري ۾ زندگي جي مُثبت قدرن جو اظهار انهيءَ طرزِ فڪر ۽ احساس جو مظهر آهي.

مان انسان جي عظمت جو قائل آهيان ۽ ان جي روشن مُستقبل تي منهنجو پُختو يقين آهي. منهنجي شاعري جي شمع اهڙي يقين جي روشني سان ٻرندي ۽ روشن رهندي آئي آهي، خدا ڪري اها روشني اوهان سيني جي نگاهن کي چڱي لڳي.

**محمد علي جوهر**

ڪراچي
۱۰ آڪٽوبر ۱۹۹۱ع

# حمد و نعت

▲

سُبحانَ الله! سُبحانَ الله!

مالِڪُ مُلڪَن جوتون آهين سُبحانَ الله، سڀ جا سائين
سڀ ڪجهہ تنهنجي وَسَ ۾ آهي جنهن کي ڏاهين، جنهن کي ناهين
ساري جڳ جو، پالڻ وارو روزي سڀ کي، تون پهچائين
تنهنجي قُدرَت، سڀ تي قائم ڏک سَڀَ جا، لحظي ۾ لاهين
ساري دنيا، تو آ ناهي تون مُحتاجِ دُنيا ناهين
تون پنهنجي مرضي وارو آن بخشين بي شڪ جنهن کي چاهين
سڀ تعريفون، سُونهَن توکي مِنٿا مالڪ، مولا سائين
ويهي رَهُہ، هِڪڙي دَرَ تي تون دَر دَر، ڇو ٿو نوڪر ڪائين؟
مِلندو مالڪ جي دَرَ تان سَڀُ ٻئي پاسي ڇو ٿو واجهائين؟
رَبَ کي روئي ريجهائج تون پانَهن آڏو، ڇو پاڙائين؟
تو سان هڪڙو رِشتو آهي مان بَندو، تون سائين، آهين
جهڙو آهيان تهڙو جوهر،
تنهنجو پانهون آهيان سائين

ڳاڙها ڳوڙها

▲

نہ آهي آسرو، ڪنهن ماسِويٰ تي
تَوَڪَل آهي منهنجي هڪ خدا تي

نہ پئي ڪنهن جون عطائون مون ڪي گهرجن
نہ جُهڪندس غير آڏو ڪنهن بَها تي

مليو جو مونکي، آ اَلحمدُلله
رهان راضي ٿو مان رب جي رضا تي

مونکي فخر آهِ، يَڪتائي اِنهي تي
گدائي پنهنجي ۽ تنهنجي عطا تي

مُحمّــدﷺ جي مُهابي بخش مونکي
ٿئي شل ساهُ پورو هن دعا تي

تنهنجي در تان گهراں ٿو ۽ پنان ٿو
ٿيس نازان اِنهي بخت رسا تي

ٿمر ناهي سوا توحيد جي ٻيو
نظر ڪر منهنجي، هن هڪڙي ادا تي

سڄي دنيا کي جيڪو پاڻ پالي
رکيو مان آ. اُنهي رَبّ العُليٰ تي

نہ رهندي تنهنجي مُشڪل ڪا هميشہ
ٿيندي آسانُ، رکُ مشڪِل ڪُشا تي

خدا جي مغفرت تي، سُون کي "جوهر"
يقين آهي، مُحمّدﷺ جي شفا تي

ٻاڙها ڳوڙها

▲

رفعتن ۾ آ رهيو، بلَغَ العُليٰ، تنهنجو ڪمال
روشنيءِ ڪونہ آ، ڪَشفَ الدّجي،تنهنجو مثال

عادتون تنهنجون، سيئي سُهٽيون پسنديده خصال
رحمتن جو آهين مرڪز تون، بمعئہ اصحاب وآل

يا مُحمّد مصطفيٰ محبوبِ ربّ العٰلمين
ذات تنهنجي آ مڪمل رحمة اللعٰلمين

عاصين جو آسرو تون آن، شفيعَ المُذنبين.
صاحبِ ”مَن زَارَ قبرِي“ صادق الوعدالامين

▲

خدا جو سَنُهن، خدا تنهنجو. خدا جو يار. تون آهين
مُحمّد مُصطفيٰ مدني، مِٺو مَنٺار تون آهين

شفيعُ المُذنبين تون، مان گناهن ۾ ٻُڏل آهيان
نِماڻي آهيان نُوري مان، سَمون سردار تون آهين

تون آهين ساقيءِ ڪوثر، تون آهين شافعِ محشر
خدا جو خاص بَندو، احمدِ مختار تون آهين

ڪري تنهنجي وسيلي سان، مُصيبت معاف ٿو مولا
ضعيفن جو تون ضامن ۽ اَڙين آڌار تون آهين

طبيب آهي طَبيبن جو، مَسيح آهي مَسِيحن جو
دوا تُنهنجي ڪندو دلدار، جي بيمارُ تون آهين

مُحمّدُ جي مُهابي، معاف ڪر مولا ڳُنهہ مُنهجا
گنهگارن کي بخشِڻ وارو، بخشڻهارُ تون آهين

جُهڪايو سر نہ آ "جوهر" دنيا جي بادشاهن وٽ
چُمان ٿو چاهہ سان چائنٺِ، سدُم سرڪار تون آهين

ڳاڙها ڳوڙها

▲

حَياتي سَڄي جو آ، حاصل مُحمّدؐ
مُنهنجون سڀ مُرادُون ۽ منزِل مُحمّدؐ

بظاهر تيو خاتِمُ الانبِيا آ
بباطن اَزل کان بہ اَوّل مُحمّدؐ

بَشر آهي خلقت ۾ تعظيمَ وارو
نَبِيّن سَين ۾ آ افضل مُحمّدؐ

فضيلت جي چَٽَ جنهن جو پاڇو ڇپايو
آعاصِين سندو سايو اڪمل مُحمّدؐ

چئي "سَوفَ يُعطِيڪَ رَبُڪَ فَترَضيٰ"
خدا پاڻ آهي، رکي دِل مُحمّدؐ

"فَقَد قَابَ قَوسَينِ" مان آهہِ ظاهر
خدا جي مُحبّت جي، محفِل مُحمّدؐ

وَيُون مِٽِجي تارِيڪِيُون روشني سان
تيو دل اَندر نُورُ مشعل مُحمّدؐ

مِٽو ماءُ پِيءُ کان، پيارو پُٽن کان
آ "جُوهر" سندي جانِ ۽ دل مُحمّدؐ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

▲

سيّد الابرار توتي لک صَلواتُون لک سلام
مطلع الانوار توتي لک صلاتون لک سلام

باعثِ تخليقِ عالمہ تاجدارِ دوجهان
احمدِ مختار. توتي لک صلاتون لک سلام

تون آن ختم الانبياءَ. تون آن رسولن جو رسول
اي سچا سردار. توتي لک صلاتون لک سلام

خود خدا ٿو موڪلي توتي صَلاتون ۽ سلام
اي خدا جا يار. توتي لک صلاتون لک سلام

سؤ دفعا صدقي ٿيان. لک وار مان قُربانُ ٿيان
گهورِيان گهرٻار. توتي لک صلاتون لک سلام

موڪليان ٿو مان صَلاتُن, جي سدا سوغات پيو
روز شب لک بار. توتي لک صلاتون لک سلام

بيڪَسن جا يَر جَهلا. واهَر وسيلا. واهَرُو
مُونِس وغمخوار. توتي لک صلاتون لک سلام

يا شفيع المُذنبِين! 'جوهر' جا اُمّيد ويقين
آسِرا آڌار. توتي لک صلاتون لک سلام

گــاڙهـا گــوڙهـا

▲

ساهہُ صدقي، سر لڳي تو سانۡ مان، قُربانُ ٿيان
نانءَ تنهنجي تان مُون گهوريان پاڻَ، مان قُربانُ ٿيان

مان گهريو جو ڪجهہ مِلي ويو، تنهنجي پيرن ۾ پڳس
ٻيو ڪپي مُون کي نہ ڪجهہ پي هاڻ، مان قُربانُ ٿيان

زندگي تنهنجي اشارن تي ڪندس قربانُ مان
آ ڏنو ڏاتر اِهوئي ڏاڻ، مان قُربانُ ٿيان

سُونهن تنهنجي جي ثنا حُورُون مَلائڪ خوبُ ڪن
تنهنجي وَرقن ۾ بہ آ واڪاڻ، مان قُربانُ ٿيان

تنهنجي دَرَ تي حسرتون دل جون سَڀئي پُوريون ٿيون
دَرُ ڇڏي ٻئي دَر وڃان ڇا ڪاڻ، مان قُربانُ ٿيان

رِوئي روئي پوئتي دريا وهائي مان پڳس
مُنهنجي ڳوڙهن مان رَوان مِهراڻ، مان قُربانُ ٿيان

چنڊُ، تارا، سج، زمين و آسمان تنهنجي ڪري
هي مِڙئي مالڪ مَندبيا ماندياڻ، مان قُربانُ ٿيان

تو گُلن کي رنگُ بخشيو، چَنڊَ کي روشن ڪيو
مشڪ عنبر کي مِلي سُرهاڻ، مان قُربانُ ٿيان

ماءُ پيءُ مُنهنجا تَصدّق، ٻار ٻچڙا گهور ٿين
سؤ دفعا صدقي ڪيان مان پاڻ، مان قُربانُ ٿيان

ڳاڙها
ڳوڙها

هِن اُجي کي ڪؤثر و تسنيم جا ساقي، سخي!
اَڻ مَيا، اَڻ ڪُٿ، عطا ڪر ماڻ، مان قُربانُ ٿيان

ڪئي ڀَلائي تو ڀَلارا ڀاڳ ٻُڇڙي جا ڀَلا
ڀاڳيا تنهنجا نہ ڪُٿندا ڀاڻ، مان قُربانُ ٿيان

اَڻ ڳڻيا احسانَ ٿيا مون تي، ڀَلايون بي حساب
ويو لڳي ٻيجَل سندو آ ٻاڻ، مان قُربانُ ٿيان

اَڻ گُهريو ايڏو ڏِنئہِ، ڀرَجي وئي جهولي سَڄي
آ ڪريمي جو اِهو اُهڃاڻ، مان قُربانُ ٿيان

هڪ نظر سان ئي وئي، اڪ ڇِنبَ ۾ ڪايا پلٽجي
دل جي دنيا ٿي وَئي چانڊاڻ، مان قُربانُ ٿيان

پَٽَ جي رهجي شل اچي، پيرن ۾ پُورا ٿين پَساهہَ
پَهُر پويون ٿيو آ پُورو ڇاڻ، مان قُربانُ ٿيان

تنهنجي پيرن جي مِٽي تاز، موتي، ”جوهر“ لعَلَ لکَ
گوهَرن جي گهوريان، سؤ ڪاڻ مان قُربانُ ٿيان

ڳاڙها
ڳوڙها

▲

مُحمّدﷺ! تنهنجو مَٽُ ڪونهي جَهان ۾
نہ تو جهڙو، زمين و آسمان ۾

مَدد منهنجي ڪئي تو آهِ مولا — هَميشہ ابتلاءُ و امتحان ۾
هو سرمايو ندامت جا ٻہ ڳوڙها — جي ڳاڙيندو مان پَهتُس آستِان ۾
مُون کي اُميّدَ بخشش جي رهي ٿي — تنهنجي رحمت جي بحرِ بيڪران ۾
شفيعُ المُذنبين، تنهنجو لَقب آ — آهيان مَشهورُ. مان ٻي عاصيان ۾
گنهگارن جو واهر ۽ وَسيلو — ٻيو ڪوئي نہ آساري جَهان ۾
تنهنجي دَر تي لَتن ۾ پيالَتا ڙِنِ — ڪندس ڇا مان وَڃي باغِ جنان ۾؟
سدائين ذڪر تنهنجو آزبان تي — رکيو ڇاهي، حدَيثِ ديگران ۾؟
هي سڀ بدر الدّجيٰ جو نور آهي — ثُريا، چَنڊَ، تارن، ڪَهڪشان ۾

اڇي پيرن ۾ تُنهنجي آهِ ٻيڙو
ڇڏي سڀ آسِرا. 'جوهر' جهان ۾

▲

## گُنبَدِ خضر جي سامهون

قُدسِيو! ترسو، وُضو زَمزَم جي پاڻي سان ڪيو
عَرش کان وَڌ، ادب جو آهِ، هي نازڪ مقام!
هِي مٿي سُرمون ڪري، پايو اکين ۾، پو ڏِسو!
هِي منارهءِ نُورُ آهي. قابلِ صد احترام

▲

تنهنجي قدمن ۾ مَران — مون کي هي قُربت هجي
ساهُ يي نِڪري هِتي — ۽ هِتي تربت هجي
بابِ جِبرائِيلَ وٽ — آستِانو شل ٿئي
۽ جُتين جي جاءِ تي — تڪيو ۽ آٿت هُجيَ
هِن مُبارڪ شهر جو — مان گداگر ٿي رهان
شل مَديني شهر ۾ — مُون کي هي عزّت هُجي
منهنجو محشر ٿئي هِتان — تنهنجو ٿئي سايو مَٿان
شهرِ يثرب جي ڳلي — مِنهنجي لئه جَنّت هُجي
يا شَفِيعَ المُذنِبِيُن! — رَحــمَــةً لّـلعٰـلمِـين!

حشر ۾ ”جوهر“ مٿان
سايهِ رَحمت هُجي

▲

خيالن ۾ ئي سرڪار جو سوداءُ رَهي ٿـو
ڳوڙهن جو لڳاتار، هي درياهُ وَهي ٿـو

خوابن ۾ ڏسان ٿـو ۽ خيالن ۾ پسان ٿـو
ڏينهن رات، اُهو نقش اکين تان نـَ لَهي ٿـو

عرفات جو، ڪعبي جو ۽ روضي جو تخيّل
چائنٺ جي چُمڻ لاءِ، پريشانُ ڪري ٿـو

قِسمَت ۽ قضا آهي، هِتِ مون کي رنڊايو
وَاللهِ! سندم موت، تنهنجي دَرَ تي ٿـهي ٿـو

لَبّيڪَ جي آواز جي دل مان اچڻ سان
"سڀ بخشُ تـي بَدڪار" جو آواز اَچي ٿـو

دنيا جي شنهشاهي ڪان وَڌ، تنهنجي غلامي
جنهن کي بہ نصيب آهي، سو پَروان چڙهي ٿـو

ڪافي آ جيئڻ لئہ. تُنهنجي رحمت جو سهارو
منهنجو نہ پيو واسطو. ڪنهن سان رَهي ٿـو

دلدارُ دوا پاڻ ڪندو، مُنهنجي مَرَض جي
وَاللهِ! ٻُڌو، قُربَ پـرَيو ڪانگَ چوي ٿـو

ٽيو وردِ زبان، صَلِّ عَليٰ، صَلِّ عَليٰ آ
ٻولي جي ڪيان ٻي، تہ مون تي حرفُ آَچي ٽو

موجُود غلامن ۾، سندُم نامُ آَچي ٽو
رحمت جو فرشتو اِهو اِعلانُ ڪري ٽو

منزل تي رسيا جيڪي، سندن ياڳَ يَلاها
”جوهر“ تہ هي رَستي ۾ پيو سُورَ سَهي ٽو

▲

زائرِ يثرب جڏهن ڪو مون اڳيان پَهچي وَيو
دل سچي پَهتِي اُتي، سارو ڏيان پَهچِي وَيو

وائي ناڪامي سندم، افسوس مجبوري سندم
مان هِتي رهي وَيُس، پيو ڪاروان پهچي وَيو

خاڪِ آهن لَذّتُون هِتِ، هيچ سڀ تفريح گاهَ
جو مَديني ۾ پُڳو، باغ جَنان پهچي ويو

چوٽي گهبرائين، دلِ نادان. گناهن جو سڄو
رحمة اللِلعمين وٽ، داستان پهچي ويو

درد دل جا سڀ دَفع ٿيندا نـ رهندو رنجُ هاڻ
برسرِ بالين حڪيمِ دوجهان پهچي وَيو

پاڻ بخشيندو ۽ بخشائيندو، منهنجا سڀ گناه
آ گنهگارن جو مالڪ مهربان پهچي وَيو

جان و دل شانِ ڪريمي تان تصدّق ۽ نثار
مِهرَ جو مَوّاج بحرِ بيڪران پهچي وَيو

تو اڳيان جوهر، زهي قسمت، شفيعَ المُذنبين!
اج گناهن جو ڪٽيـ بارِگران پهچي ويو

ڪاڙها ڪوڙها

▲

تمنّا، حَسرتُون، ارمانَ دل جا سڀ وَنـي آيُس
خدا جي گهر کان ٿيندو، تنهنجي دَرَتي، يا نَبي آيُس

ڀَري ڇڏ بَرڪتُن ۽ رحَمتُن سان بادِشَہ جهولي
تِهي دامن، سُجو، سڪٽون، هَٿين خالي هَلي آيُس

زماني جي شهنشاهن وَٽان ٿيو ڪجهہ نہ هڙَ حاصل
اجايو عُمر پـر سڪٽَن سُجن جا دَرَ ڏسي آيُس

شفِيع المذنبين جو دَرُ، ٿيو رحمت جو گهر آهي
گنهگارن جي بخشش عام هِتِ ٿيندي، ٻُڌي آيُس

مندايُون معاف ڪر منهنجون، بُرايون بخش سڀ منهنجون
گناهن جو کٿي ٻوجهو، گنهگار اُمَتي آيُس

طبيبن جا، وڪيلن جا، وزيرن جا، عزيزن جا
ڇڏي سڀ آسرا 'جوهر' مُحمّد وٽ لنگهي آيُس

گاڙها
گوڙها

پَر تَو حُسنِ ذات صلّي الله عَليہَ وَسَلّمُ
سَروَرِ ڪائنات صلّي الله عَليہَ وَسَلّمُ

صاحبِ صد صفات صلّي الله عَليہَ وَسَلّمُ
مالڪِ شش جهات صلّي الله عَليہَ وَسَلّمُ

تنهنجي آئي ٿيا مات صلّي الله عَليہَ وَسَلّمُ
لات، عُزّيٰ، مَنات صلّي الله عَليہَ وَسَلّمُ

سَوَ ڍَٿا سومنات صلّي الله عَليہَ وَسَلّمُ
صدقي دَجلہ وفُرات صلّي الله عَليہَ وَسَلّمُ

اي وسيلہءِ نجات صلّي الله عَليہَ وَسَلّمُ
دافعِ مُشڪلات صلّي الله عَليہَ وَسَلّمُ

صبح سانجهي ۽ رات صلّي الله عَليہَ وَسَلّمُ
تن ۾ تنهنجي آ تات صلّي الله عَليہَ وَسَلّمُ

وائي جوهر جي وات صلّي الله عَليہَ وَسَلّمُ
مو ڪليان ٿو صلوات صلّي الله عَليہَ وَسَلّم

▲

هي يثرب جي فضا آهي، مَديني جي ڳلي آهي
جُهڪائي سر. اکين پَر هَل، اِهو شهرِ نَبي آهي

نہ هِيڏي ڏس، نہ هوڏي ڏس، وِساري پاڻ هِتِ هلجان
زمين تي. عرش کان نازڪ، ادب جي جاءِ هِي آهي

قدم آهِستي رک، هي بابِ جبريلِ اَمين آهي
هي ڌرتي، عرشِ اَعليٰ کان بہ وڌ عِزَّت پَرِي آهي

شفيعُ المذنبين ؑ رحمةٌ للعٰلمين جي دَر
وَئي تنهنجي، نظر هڪ ساڻ، ڪايا پلٽجِي آهي

سَدا بخَشش جي بارش، وَڏ ڦِرّي هِتِرّي، وَسي 'جوهر'
گُنہ آلُودَه گندِي دل، سَندءِ ڌوپي وَئي آهي

▲

هي تبديلي خوشگوار، اَلله! اَلله!
مُرادَن سان مأن هَمڪنار، اَلله! اَلله!

مُقدّرَ متاهون ٿيو سُبحانَ الله!
حيَاتي ۾ آيو بَهار، اَلله! اَلله!

ڪمالِ ڪرم، مُنهنجو محشر، هِتان!
ڪِٿي مان، ڪٿي هي ديار، اَلله اَلله!

اکيون دَرَ ۾ آهن لُڇي ساهُ پيو
مَرَڻ کان ڌکيو انتظار، اَلله! اَلله!

جڏو جيءُ 'جوهر' جو جِانبَ ڏسي
پِرِين پاڻ، ڪن ٿا پيار، اَلله! اَلله!

کارڙها
کوڙها

▲

كاش! مان ٻي شهر يثرب جو رهڻ وارو هُجان
مان مديني جي گهٽين ۾ ئي گهمڻ وارو هُجان

هن چپن سان پاڪ چائٺ کي چُمڻ وارو هجان
پنبڻين سان پاڪ چاري کي اگهڻ وارو هُجان

آمِنہَ جي گودڙِي جي لَعلَ جي دربار ۾
پاندُ پائي، حاضُري هر دم، ڀرِڻ وارو هُجان

ٿئي حرَم جي ٻاهِران، هِي مرتبو مون کي نصيب
تنهنجي پانڌِين جون جُتيُون ٺاهي رکڻ وارو هُجان

ياَ شفِيعَ المُذنِبِين! اِذنِ حَضُوري ڪر عطا
تنهنجي دَرَ تي ليٽِڙيُون پائي رُئڻ وارو هجان

ٻيا ڇڏي دَرَ، اهڙي داتا جو وٺي دَرُ مان ويهان
هن هٿن سان پاڻ، ڏيهَن کي ڏيڻ وارو هُجان

ٿيس اَزل کان جنهن مان آقا جو غُلام ابنِ غُلام
شال! اُن دَرَ تان سدا "جوهر" پنڻ وارو هُجان

▲

منهنجا محبوب مِٺا،
سهڻا سردار سچا،
بيڪسن جا يَرجَهلا،
دل جي دردن جي دَوا

توکان نہ پِنان پيو ڪنهن کان پنان

بادشہ مُلڪ سندا، ٻانڌ ڳُل پائي ٻندا،
ٿيا تنهنجي در جاگدا، تون وڏو بَعدِ خُدا
منهنجا محبوب مِٺا

تنهنجي در آهيان پيو، نو جيهو ڪونہ پيو،
منهنجو پيو ڪير رهيو، ٻيا سڀ ڇڏي آسرا،
منهنجا محبوب مِٺا

تنهنجي پيرن جا نشان، ان تو چشمن سان چمان،
ساھُ سَر صدقي ڪيان، نهنجو مَٿُ ڪير ٻَلا؟
منهنجا محبوب مِٺا

تون شفيعُ المُذنبين، رَحمَةً لِلّعٰلمين
صادِقُ الوَعدُ الاَمِين، توکي آ اِذنِ شفا
منهنجا محبوب مِٺا

تو اڳيان جهولي جَهليمَ، ۽ پلئہ پاندُ ڪَيمِ،
رَتُ جاڳوڙها رُنُمِ، معاف ڪر منهنجي خطا
منهنجا محبوب مِٺا

ساقيءِ ڪوثر بہ تون، مالڪِ "جوهو" بہ تون
شافعِ محشر بہ تون، ڪر عنايت ۽ عطاً
منهنجا محبوب مِٺا

ٻاڙها ٻوڙها

▲

نگاهِ قلب جي آڏو مُحمّد مُصطفيٰ آهي
زبانِ دل تي جاري نام محبوبِ خدا آهي
مديني جي مِٽي منهنجي اکين لئہ توتيا آهي
رسولِ هاشمي جو دَرُ، مُراد ۽ مُدّعا آهي.
تيو وردِ زبان منهنجو فقط صلِّ عَليٰ آهي

گرِي،گدلي، ڪِني، ڪوجهي، بُراين ۾ ڀَري آهيان
پري آ پنڌُ پربَت جو، ڀيو ڏولڻ ڏَري آهيان
تہ ٻي توڏي اکيُون ڀوتي اچڻ لئہ تي چَري آهيان
ٻُڌو آ، تنهنجي دروازي تي بخشش بَرملا آهي
تيو وردِ زبان منهنجو فقط صَلِّ عليٰ آهي

گُنهگارن جو واهر ۽ وَسيلو، ڀَرجهلو آهي
گُهري اُمّتَ جي بخشش جنهن خدا کان رُوبَرُو آهي
خدا چاٺي خدا جي خاص رحمت هُوبَهُو آهي
جَهاَنن لاءِ رحمت، شافعِ، روزِ جَزا آهي
تيو وردِ زبان منهنجو فقط صَلِّ عليٰ آهي

زهي قسمت! اکين آڏو اکين جي نار جو قُبوَ
ڏسان سامُهون پيو سائو، سَچي سردار جو قُبَو
لڳي ٿو عرش کان اعليٰ گهٽون، سرڪار جو قُبَو
خدا جو شُڪر، راضي مون تي ٿيو رَبّ العُليٰ آهي
ٿيو وردِ زبان منهنجو فقط صَلِّ عَليٰ آهي

هَٿن ۾ آهي جاري ۽ نظر ۾ آهي پيغمبر
وَسي مُنهنجي مَٿان ٿو مِينهن رحمت جو ججهو 'جوهر'
اِشاري سان عطا ڪئي، دل جي دردن جي دَوا دلبر
صَلاتُن ۽ سلامَن سان ڀَرِيل ساري فضا آهي
مَلائِڪ هت، هِتي جَنّت. هِتي عَرشِ خدا آهي

▲

سَمان چامَ تنهنجي مان ٻانهي ٻُراڻي
ڪِني ڪاري، ڪوجهي، ڪَسِيرَڪَ، مُهاڻي

سَمان چامَ سُلطانَ، سهڻا، سِياڻا
ٻُڪي تنهنجي ٻيَرِّسِ، مِنا مورَ راڻا
گرِي، گولِي، گدلي ۽ آيري آياڻي

اَزل کان تَماچي سان ٻانهپَ جي ٻولي
ٽِيسَ تنهنجي گولِين سَندِي چامَ گولي
ٻَڌي هٿ ڪري عرض نُوري نِماڻي

جُهران تي، جِهجان تي، رُئان تي رَڙان تي
تنهنجي دَرِ اچڻ کان، نہ هرگز مُڙان تي
ٻائي پاندُ ڳَلَ ۾ ٻُڳِسِ پانڊِياڻي

ڏسي عيب اَوگڻ نہ مُنهنڙو مَٽائِجِ
پنهنجي دَرَ تان ٻانهِي، نہ سائين هَٽائِجِ
ٽئي تنهنجي پيرن ۾ 'جوهر' پُڄاڻي

ٻاڙها
ٻوڙها

▲

ادا يار ويندڙ، اءِ پيارا پيامي!
ڪجان پيش پهچي، تون سائين سَلامي

ٻَچي پائي ڳارو، ٻَڌي يار ٻانهُون
رَڙِي راڻي آڏو، ڪجان خوبُ دانهُون
ڪري پَٽَ تي پئجان، پُنَهلَ وَٽ پيامي

سِگهو وَڃُ تون سائين سَفر تيز ترڪر
چڱي دَرَ نہ تُنهنجي سگهي بادِ صَر صرَ
خدا تنهنجو حافظ، مُحمّد آ حامي

تون چئجانءِ هِڪڙو گنهگارُ آهي
پَري توڪان پَيَڙو مو بدڪارُ آهي
مَجِي آهِ جنهن، صِرف تُنهنجي غُلامي

تون چئجانءِ هُن وٽ، نہ سُهڻو ثمر آ
چڱي چال ڪانهي، نہ ڪوئي هُنَر آ
نہَ حَسَانُ آهي، نہ سَعدي، نہ جامي

خدا جي طرف کان تون مامُورُ آهين
جئن تون شفاعت ۾ مَشهورُ آهين
گناهن ۾ "جوهر" بہ، نامي گرامي

ٻاڙها
ڳوڙها

▲

چُمان پيرَ تُنهنجا، حَرَمَ جا ڪَبُوتَر
ڀَلا ڀاڳَ تُنهنجا، ڪيا پاڪَ پَروَر

هميشہ حَرَمَ جو تون مهمانُ آهين
سين پانڌِيُن جو جگرجان آهين
حقيقت ۾ ڪامِل تون اِنسانُ آهين
مِڙين عاشقن جو تون سلطانُ آهين
پَڙهين تو صَلاتُون مَزي ساڻُ هرَ هرَ

رَهين تو حرم ۾ سڄو ڏينهن سارو
وَرِي رات تئي تي، وَري تنهنجو وارو
خزانو حوالي تي رَحمتَ جو سارو
خدا تنهنجو حافظ، مُحمّد سَهارو
نَبي جو چڌي دَرُ، وڃين تُون نہ ٻاهَر

سَدائين تون روضي مَٿان پيو اُڏِين تو
تون ڌوتيون ڏئي ساهُ صدقي ڪَرِين تو
سُٺي سُرَ سان سَوُ سَؤ، صلاتُون پڙهين تو
پري هِڪڙي پَلَ پي، نہ پيارا وڃين تو
تيو زور ماٺهن ڪان، تنهنجو مُقَدَر

سدا سائو ڦُٽو آ، تنهنجي نظر ۾
رَهين ٿو نَبي جي، تون دِيوار و دَرَ ۾
جتِي آهِ جبرِيلُ پِي تنهنجي پرَ ۾
مُحمّد وَسي تُنهنجي دل جي ٿو گهر ۾
ڪري رِيسَ ڪهڙي سگهي توسان "جوهر"

# قومي نغما

## سنڌ جي لاءِ دُعا

سدا سنڌ سائين تون آباد رکجان
مِٺي مُلڪ جا مارُو دل شاد رکجان

اَڇا، آبرو وارا منهنجا اباڻا
سچا صاف دل جا، ۽ سُهڻا سياڻا
سيئي مرد ماڃهي سيئي راڄ راڻا
منهنجا ڪيت مارُو نہ ڪڏهين وِڪاڻا
سندن غيب کان جاري امداد رکجان
منهنجي سنڌ سائين، تون آباد رکجان

ٿي عورت جتي مارئي آهِ هرَڪا
آ عزت جي راڻي ۽ عصمت جي مَلڪ
وِجهي آهَ! جنهن جي ٿي ڪوٽن ۾ ڪڙڪا
ڪندا شينهڻين ڪي ڇا، گدڙن جا دڙڪا
اُنهن کي تون خطرن کان آزاد رکجان
منهنجي سنڌ سائين، تون آباد رکجان

جِتي خوب فصلن جي سُرهاڻ آهي
۽ موجن ڀريو جاتي مهراڻ آهي
هي هر ڳوٺ جنت جو اُهڃاڻ آهي
۽ هر شهر جنهن جو ٿيو چانڊاڻ آهي
هي وستيون ۽ واهڻ تون آباد رکجان
منهنجي ملڪ جا مارو دلشاد رکجان

منهنجي سنڌ ڪيني ڪَنان پاڪ آهي
هي ڌرتي بڻي رشڪِ افلاڪ آهي
هِتي جي سچائي سندي هاڪ آهي
اسان لاءِ اڪسير هي خاڪ آهي
هتي سرنگون ظلم و بيداد رکجان
منهنجي سنڌ سائين تون آباد رکجان

آسر ساه ڪان وڌ، هي ڌرتي پياري
ڀٽائي، بلاول جي آهي ڀلاري
سچل، نوح، بيدل ۽ امروٽ واري
هي پيرن فقيرن جي نگري نياري
سُني سر زمين کي تون آباد رکجان
مِني ملڪ جا مارو دل شاد رکجان

بظاهر عدوديسر جا زور آهن
مگر ديس جا دوست، شهزور آهن
ڪٿي سرتري تي اُٿيا مور آهن
هوشو جان هي سانيهہ تان گهور آهن
نِمڪَ خور دشمن کي برباد رکجان
مِني ملڪ جا مارو دل شاد رکجان

▲

## سنڌ جي سُهڻي زمين

ساهُ سر صدقي هي توتان، سِنڌُ جي سُهڻي زمين
گهر ڪيان مان گهورَ توتان، ماءُ مِنرّي مَه جَبين
تنهنجا منظر دل فريب آهن، فضائون دل نشين
عطربيز آهن هوائون ۽ گهٽائون عَنبَرِين
حُسنَ ۾ توسان نہ سگهندُو هامَ هِتِ ڪوئي هَٽين

آمِٽي تنهنجي مُقدّس، هر ذرو آ تابدار
تنهنجا گلشن، تنهنجا جهنگل، تنهنجا پَربَتَ، ڪوهسار
تنهنجا بَر پَٽَ، تُنهنجا صحرا، تنهنجا بَر ٿر ريگزار
ڪؤثر و تنسيم تنهنجا نارَ، دريا، آبشار
تُنهنجي وچ ۾ تـو وَهي مهراڻ بحرِ انگبين

تنهنجو سانَوڻ ۽ سيارو، يا خزان توڙي بهار
تنهنجي سَردِي، تنهنجي گرمي، تنهنجي موسُم خوشگوار
تنهنجون بُوندون، تنهنجي بارش، ماڪَ تنهنجي مُشڪبار
تنهنجي ٿـڌڙي هِيرَ ۽ تنهنجون هوائون دل جو نـار
هن جهان ۾ تون زمين تي آهين فردوسِ بَرِين

ڳاڙها
ڳوڙها

شهر تنهنجا، ڳوٺ تنهنجا. تنهنجا واهڻ، وَستيون
ڪٽڪ، چانور، سونُ چاندي، ڪن ڪَپَهَه پيدا پنيُون
سنگرِيُون، ڏيلها ۽ ليسوڙا ۽ پيرُون ۽ پُسيُون
مُرَسَ تنهنجا مورَ تيا، شَہِز ورَ آهن سڀ وَنيوُن
منهنجي سُهڻي سرزمين! دنيا سڄي ڪان تي وٺين

تنهنجا ماڻهو، ماڪي مصريءَ کان گهڻون آهن مِٺا
تا سڄي ساڻيهَ ۾ سڏجن سچا، سهڻا، سُٺا
ملڪ ساري ۾ نہ ڪنهن اهڙا ٻيا ڪاٿي ڏِٺا
آسمان کان مِينهن رحمت جا سَدا جن تي اُٺا
سونُ پيدا ٿي ڪرين تون، ماڻهو موتي ٿي جڻين!

تنهنجي مُومَلَ، مارُئي، سَسئي ۽ سُهڻي کي سلام
تنهنجي ڄائي بخَت آور ـجهڙي مائي کي سلام
مائي ڀاڳهي سُومرِي، نُورِي نماڻي کي سلام
سِنڌِ جي لَڄَ جنهن بچائي، اهڙي ڄائي کي سلام
خاڪ تنهنجي شجاعت ۽ شرافت جي اَمين

ماءُ منڙي سِنڌُ سُهڻي! منهنجو توسان سر لڳي
ڪِيرَ جهڙي تنهنجي پاڻي، تنهنجي ٿَجُ تي جو ٽڳي
وارُ وِنگو ڪو ڪندو تنهنجو نہ، پَل ويري وڳي
ڪجهہ نہ اڳتي ڪو ڪري سگهندو، نہ ڪنهن ڪيو آ اڳي
تون تہ آن لڄپال، سڀ پنهنجا پرايا پئي ڏِڪين

ڪانڌا
ڪوڙها

تو ڪيو پيدا پٽائي، پيرپاڳارو،(١) بِلالُ
تنهنجي سِيني ۾ پَيا آهن مَٽيا موتين مثال
مورڙو، حيدر(٢)، هُوشُو ۽ ڪيت، دودو ديس پال
نُوحُ، امروٽي، سچل، سوڍو، قلندر باڪمال
خاڪِ تنهنجي تي فلڪ 'جوهر' جُهڪائي ٿو جَبين



(١) شهيد صبغت الله پير پاڳارو
(٢) حيدر بخش جتوئي

▲

تون سُهڻي ڌرتي، تون منهنجي مُومَل مِنڙِي ماءُ
ساهُ سَڄي ساڻيهہ جو تون، تو مان اَڇي سَڀَ کي ساءُ

تُنهنجي ويرين وڙهي ڪيو، تنهنجي گهوٽن کي گهرو گهاءُ
سچ تہ سِنڌُو! ڪونهي توتي، ڪنهن جي پاٽيءَ جو پاءُ
رَحمت تنهنجي ريلا ڪيو، آئي وَئي جو ڪري آڌَرَ ڀاءُ
ڀَل ڀيو پيو نڪي ڪوئي ڏاڍيان، تاري ڪي ڏيئي تاءُ
صدقي توتان، سر لڳي توسان، ڪنهن جو ناهي ڏپُ ڏاءُ
ٿڌڙيون هِيرُون هوئن تو ۾، توکي ڪانہ لڳي ڪوسي واءُ
پنهنجن ڦوڳن ڦري ڇڏيو، ڪونهي ڪَميڻن کي ڪهڪاءُ
ٻيڙيائن ٻيڙي ٻوڙي آهي، ناخدائن ناءُ
نعرا هڻي نانگا نڪتا آهن، آهي پُورَب ۾ پَڙلاءُ
تنهنجو وارُ وِنگو ٿيڻ نہ ڏيندا، جوڌا جوَان جيجل ماءُ
تنهنجي اولاد جو سِرُ اڏي تي آ، داسَن رکيو آهي داءُ
مَرِي ڀيَ مُنهن مَٿي ڪندا، جِن ۾ آهہ غيرت، شَرم حَياءُ
جيرو 'جوهرَ' جو جَلي ويو، اَندرَ ۾ آهي ايذو ايذاءُ

▲

زبان شمع آهي مان پروانو آهيان
زبان جي محبت ۾ ديوانو آهيان
شرابِ زبان پي ٿيو مستانو آهيان
فروغِ زبان لاءِ فرزانو آهيان
ڪندس ساه صدقي مان سنڌي زبان تان
وڃان گهور اهڙي مون عزمِ جوان تان

زبان آهه ايمان، نه ايمانُ ڏيندس
وڃائڻ نه پنهنجو ڪڏهن شانُ ڏيندس
بوقتِ ضرورت، جگر جان ڏيندس
مَري پي زبان کي، وڏو مانُ ڏيندس
ڪندس ساه صدقي، مان سنڌي زبان تان
وڃان گهور اهڙي مون عزمِ جوان تان

سلامت زبان آ، ته آهي وطن پي
آ ڪوئل جي ڪُوڪُو سان، زنده چمن پي
رهي شمع روشن ته آ انجمن پي
جي شيرين مَري وئي ته ويو ڪوهڪن پي
ڪندس ساه صدقي مان سنڌي زبان تان
وڃان گهور اهڙي مون عزمِ جوان تان

ڳاڙها ڳوڙها

منهنجي دنيا جي ٻولين ۾ ٻولي
ڏني ماءُ پينگهي اندر جنهن ۾ لولي
خدا جو قسم جنهن ٻه رڻ ۾ آ رولي
انهيءَ سان وڙهي رت جي ڪيڏان مان هولي
ڪنيون هٿ اٿم هن فنا جي جهان تان
ڪندس ساه صدقي مان سنڌي زبان تان

اُٿو سڀ، جهان سارو بيدار آهي
هي اهلِ وطن لاءِ للڪار آهي
زبان کان سوا جسم بيڪار آهي
حياتي جي عزت جي درڪار آهي
ته لنگهڻون ٿي پوندو وڏي امتحان مان
ڪندس ساه صدقي مان سنڌي زبان تان

زبان منهنجي آهي سين کان پياري
زبانِ مُحمّد کان پو آ پلاري
عنايت، سچَل، نوحَ، امروٽ واري
يتائي ۽ دائود پوتي اُجاري
وريان صدقي تنجي مان نام و نشان تان
اُنهن جي وطن جي مان خورد و ڪلان تان

مَري مُلڪ مان ڇو وئي ليڊري آ؟
وئي قومي غيرت سندس ڇو مَري آ؟
گُهرڻ حقّ جو ڳالهه ڪهڙي ڳري آ؟
”جُهنو زبان کي جيو هڪ چَري آ“
صد افسوس مون کي اهڙي بيان تان
ڪندس ساه صدقي مان سنڌي زبان تان

زبان پنھنجي وڪٽي نہ وٺ تون وزارت
زبان لئہ مَري پيءُ جامِ شهادت
انهيءَ ۾ سمايل آ عزت ۽ عظمت
زبان جي ڏيڻ سان ملئي جي صدارت
تہ قربان ڪر پنھنجي مادر نشان تان
ڪيان ساه صدقي مان پنھنجي زبان تان

ڇڏي باهمي رنج، هڪ ٿي تہ هاٺي
ڪيو اڄ اوهان سڀ، نہ ٿيندي سُياڻي
ٿيو مردِ ميدان، وڏو سينو تاڻي
هلو لاڙڪاڻي، هلو لاڙڪاڻي
ڪيو پاڻ سڀ، هٿ کڻون آسمان تان
ڪيو جان قربان، پنھنجي زبان تان

ڪيو عهد گڏجي، سيئي دوست دلبر
ٻُڍا ۽ جوان، هاري، مزدور، ليڊر
ملازم ۽ استاد، شاگرد، تاجر
پِيئو جيڪي پاڻي ٿا، سنڌو جو 'جوهر'
حياتي ڏبي مادرِ مهربان تان
ڪبو ساهُ صدقي تہ مادر زبان تان

ٻاڙها
ٻوڙها

ملڪِ وفا جي مارُن کي منهنجا سلام پهچايو
سانگين سمَن، سنگهارن کي منهنجا سلام پهچايو
ڪيچين ۽ قربدارن کي منهنجا سلام پهچايو
آديسين اَباڻن کي منهنجا سلام پهچايو
سؤ سؤ سلام پهچايو، منهنجا سلام پهچايو

سؤ سؤ سلام يارن کي منهنجا سلام پهچايو
'جوهر' جي جيئي جيارن کي منهنجا سلام پهچايو
پيرِي جي سَهارن کي منهنجا سلام پهچايو
۽ آخري مُرادن کي منهنجا سلام پهچايو
سؤ سؤ سلام پهچايو، منهنجا سلام پهچايو

مُومل جي راڄ راڻن کي منهنجا سلام پهچايو
سُهڻي سندي ميهارن کي منهنجا سلام پهچايو
نُوريءَ جي، تماچين کي منهنجا سلام پهچايو
سَسُئي سندي سُهاڳن کي منهنجا سلام پهچايو
سؤ سؤ سلام پهچايو، منهنجا سلام پهچايو

سُوري کي سيج جن سمجهيو تن کي سلام پهچايو
جنّت ڪان جيل کي سَهنجو، تن کي سلام پهچايو
سر صدقي، جن ڪيو پنهنجو تن کي سلام پهچايو
جنت جي شاهزادن کي منهنجا سلام پهچايو
هُوشُو شهيد پارن کي منهنجا سلام پهچايو
سؤ سؤ سلام پهچايو، منهنجا سلام پهچايو

▲

اي وطن وارا! پريءَ محفل ۾ اڄ اعلان ڪر
پنهنجي ٻوليءَ جي تحفّظ لاءِ ڪو سامان ڪر
مال زر، گهر، عيش، راحت کي اُتي قربان ڪر
پنهنجي مقصد تان فدا تون جسم ڪر ۽ جان ڪر
پاڻ تي ياڙي اُتي پئو، پرو سورک پاڻ ۾
"تنهنجو دم ئي موج آڻي ٿو سگهي مهراڻ ۾"

جي ڪرين همّت، بلاشڪ ٿي سگهين ٿو ڪوهڪن
سر ڏيڻ چاهين ته تون ئي آهين مردِ صف شڪن
ڪين ڏيڇارڻيندا توکي ظلم جا دارورسن
سَهُ سيئي رنج و محن، اڄ تون ٻڌي سرسان ڪفن
ڪاميابي جي ڪليد آهي، سنڌ ۽ رت ڇاڻ ۾
خون تنهنجو ماپبو آهي، مهانگي ماڻ ۾

ڇو خموش آهي اسان جي ليڊرن جي ليڊري؟
ڇا زبان جي مسئلي ۾ سڀ ويا آهن مَري؟
يا وزارت جي هوَس، ڪئي چيلهه آتن جي ڍري!
اڄ سُيان ووٽن وٺڻ لئي ڪهڙي مُنهن ايندا وري؟
آوِڏو جنجي سياست ملڪ کي مانڌاڻ ۾
شرم ڪان ته ٻه مُنهن لڪائن ڪين ٿا پهراڻ ۾

ڪاڙها ڳوڙها

منهنجو ذوراپو بہ گستاخي آتن جي شان ۾
پاڻ سان گڏ ملڪ وڪٽي ٿا ڇڏن هڪ آن ۾
ڇڻ ڪلي ٻڪرا پڙي آهي پئي ايوان ۾
ڪن خلافت جي ٿا دعوي، ڪير پاڪستان ۾؟
منهنجي اميدن جو گلشن آخزان جي ٻاڻ ۾
ويندو اُجڙي اڪ پٽيندس مان نہ جي،هن ڇاڻ ۾

آسمان جي چال ۾ هڪ انقلاب ايندو ضرور
ملڪ جو مزدور، هارِي هو شور ٿيندو ضرور
ظلم، زوري جو تصور ختم ٿي ويندو ضرور
حقُ هر حقدار کي پهنجو ملي ويندو ضرور
’جوهرِ‘ فطرت جي گهُرج آ رهبري اهڃاڻ ۾
”تنهنجو دم ئي موج آٿي تو سگهي مهراڻ ۾“

ٻاڙها ٻوڙها

▲

ٻولي منهنجي اِها ٻولي　ٻَنڌِئين ٻُڌم جيڪا لولي
اَديون پنهنجي ابَاڻن جي　آهيان ازل کان مون گولي
ويسهہ ڪيو مُون ويرين تي　ٻينر ڙي آنءُ هُيسَ ٻولي
ڏيرن ڏِقيڙ وِڌو ڏاڍو　سائين اسان جي ڪر سَوَلِي
ڌرتي سُڪونَ واري سنڌ　رولاڪَ ڪنهن اڇي رولي
ساٽيهہ سائو رَڪُ سائين　'جوهر' جَهلِي آهي جهولي
سُورِي ڪي سيج سمجهي هِتِ　ڳيرنْ اڇي آهي ڳولهي

# نغمهءِ وطن

سر ڪيان صدقي مان توتان ساهه ڪان پيارا وطن
راحتِ قلب ونظر، اکڙين سندا تارا وطن
اي مِٺا محبوب منهنجا، دوست دل وارا وطن
ڇو نشان ڏسجن ٿا تو ۾، ظلم جا ڪارا وطن؟
بادهءِ احساس پي اڄ جان هي آندي آ مان
دولتِ افڪار تنهنجي نذر لئه آندي آ مان

هڪڙي ڌرتي تي رهڻ وارا هي انسان اڄ سيئي
بي سبب ٿيا پاڻ ۾ دست و گريبان اڄ سيئي
جيڪي شيرازا هيا، آهن پريشان اڄ سيئي
ننگِ مذهب، ننگِ دين آهن مسلمان اڄ سيئي
خُون سان ساڙي ڇڏي، جن منهنجي سائي سرزمين
سي، هلاڪُوخان جي اولاد آهن باليقين

ڪنهن ڪيا پيدا هتي ايڏا وڏا ويڇا ۽ وير؟
پاڻ ۾ پاڙيسرِين ڪي آويڙهائڻ وارو ڪير؟
ديوَ نفرت جي ڇمايا هت جڏهن ها، پنهنجا پير
ويا لڳي هن ملڪ ۾، مٺهن جي لاشن جا ها ڍيرَ
هن مُقدَس مُلڪ جي تاريخ ٿي مٽجي وئي
آشتي ۽ اَمن جي، تهذيب ٿي گهٽجي وئي

چوٽي آ آيامِ گل ۾، بي پَرو بالي سَنڌ ۽
آ گُلِ اُميّد ڪان، دامان ايجا خالي سَنڌ ۽؟
مون ڪان اڄ ڏسجي نہ ٿي وَالله! پامالي سنڌ ۽
۽ نہ آ منظورُ مون کي، هِي زبُون حالي سنڌ ۽
ٿي نہ مايوس اي وطن، تنهنجي دَوا آندي آ مان
نعرو چَپَ تي، سر تَرِي تي ۽ دُعا آندي آ مان

آهيان شاعر، منهنجي قبضي ۾ آ عالم جو نظام
مون کي آ، اندازهٔ رفتار نبضِ صُبح وشام
دشمنن ڪان تنهنجو، عبرت خيز وٺندس انتقام
آ زبان شاعر جي سيف اللهِ، 'جوهر' بي نيام
طاقتِ بيداد سڀ لرزي ٿي، منهنجي ئي اڳيان
وقت جي رفتار پي ٿئي بندِ منهنجي ئي اڳيان

هي، دَرندَه اشرف المخلوق آهي آدمي؟
آدميّت سان عداوت، بغض و نفرت دُشمني
ظلم جي آغوش ۾ انسانيت جي خودڪُشي
حاصلِ مذهب اِهو جي آ، مان لامذهب سَهي
حيف تنهن مذهب تي، جو خون ريزو خون آ شام آ
جنهن جي باعث، عورتن ٻارن جو قتلِ عام آ

ڪاڙها ڳوڙها

▲

وطن جِسمُ آهي وطن جانِ آهي
وطن دينُ آهي ۽ ايمانُ آهي

اسان جي وطن جي وڏي هاکَ آهي
وطن جي زمين رَشڪِ افلاڪ آهي
ڏنگي سون کان وڌ سندس خاڪ آهي
هي فرمان شهنشاهِ لولاڪ آهي
وطن جي محبّت ئي ايمان آهي

اسان کي وطن، ساهَ کان وَڌآ پيارو
دُعاگو آ جنهن جو پٺائي پلارو
جتي خواب فرما آ، اَمروٽ وارو
قلندر، ڪريم آهِ سرور، سچارو
وطن مرڪزِ علم و عرفان آهي

وطن جو رَهاڪُو آ هر هڪ سپاهي
رکي سر تَرِي تي، وطن جو تيو واهي
ڏِئي جنهن سَوين پيرا، چاڙهي ۽ لاهي
ڪندي چا اُنهي کي ڪائي ڪج ڪُلاهي؟
خدا خود، وطن جو نِگهبانُ آهي

اچو گڏ جي پنهنجي وطن کي بَچايُون
پنهنجي مُلڪ جي، پاڻ عزّت وَڌايون
ڪري خوب محنت وطن کي بَٺايون
يَلي پاڻ کي پوءِ، سُورِهُ سَڏايُون
وطن سان ئي 'جوهر' وڏو شانُ آهي

ڳاڙها
ڳوڙها

▲

اي وطن جا پاسبانو، جان نثارو، اَلسّلام
ديندارو، دردمندو، دل فگارو، اَلسّلام

آسمانِ فتح جا روشن ستارو، اَلسّلام
سوبَ واري سرزمين جا ماهَ پارو، اَلسّلام
سر بلندو، سرفرازو، شَهسوارو، اَلسّلام

عزّتِ ارضِ مُقدّس، سَرفدايانِ وطن
نازشِ عرشِ مُعَلّيٰ، جانبازانِ وطن
غيرتِ مِلّت، وطن جا پاسدارو، اَلسّلام

سر ڏئي اِسلامَ لئہ، اَلله سان ٿي سُرخرو
ٿيو، اوهان جامِ شهادت، آ وڏائي آبرو
جَنّتُ الفِردَوُسَ جا دلبر دُلارو اَلسّلام

خالد و طارق، حُسين اِبن علي جا رازدار
فتح خود آهي، قدمبوسي جي خاطر بي قرار
جَنگ جي ميدانَ جا، سُورهَ سَوارو السّلام

اڄ وَري زنده ڪيا آهن. اوهان بدَر وُحنين
اڄ وَرِي آهي اوهان دُهرائي، تاريخِ حُسين
قَرنِ اُوليٰ جا مثالي يادگارو، اَلسّلام

خوش اوهان ڪان ٿي زمين و آسمان جي اَنجمن
زندهٔ جاويد آهيو، اي شهيدانِ وطن
"لاَ تَقُولُو" جَو اوهان لئہ آ، اشارو، اَلسّلام

حُسنُ اَبدالي جو آهيو، شانُ غوري جو اوهان
آهِ پاڻي پَٿَ جو تازو ڪيو اوهان اڄ داستان
'غزنوي' جي جِان، 'بابر' جا پيارو، اَلسّلام

پنهنجي دَمَ سان آهي 'جوهر' جن ڪئي جَنّتَ خِريد
درد ۾ تن سان شرِيڪ آهيان، ٿيا جن جا شهيد
اي عزيزو، خوش نصيبو، اشڪبارو، اَلسّلام

ڪانڊها
ڪوڙها

ايجا جاري فلڪ جي ڪجرَوي جو سلسلو آهي
تہ منزل تي پُڄڻ همراهہَ مُشڪل مسئلو آهي

چمن جي مالڪن ۾ جي وڌيو احساسِ محرومي
پو گلشن جو، بذاتِ خود، بچڻ ڏاڍو ڏکيو آهي

شهنشه تخت طائوسي ڇڏي ڪاڏي ويوَ يارو؟
اکين مان ڳوڙها ڳاڙيندو، وڃي ڪاٿي مئو آهي!

نہ رهندو تخت تابع ٿي، سدائين ڪنهن سڪندر جو
هميشہ وقت ڪنهن جو، ڪونہ گذريو هڪ ڪَرو آهي

نظامِ گردشِ دوران ئي عبرت جو مقام آهي
ڏسو پنهنجي اکين آڏو، تہ هتِ ڇا ڇا نہ ٿيو آهي؟

پُڇو ڇو ٿا؟ دوباره آزمائش ۾، وجهو ڇو ٿا؟
اوهان کي ياد هوندو، اڳ اسان ڇا، ڇا. ڇيو آهي

لسان الغيب ئي سمجهو، يا نَقّارَهٔ خدا سمجهو
اسان جئن، جئن، ڇيو آهي بنِهہ تئن، تئن، ٿيو آهي

ڪڏهن سردي، ڪڏهن گرمي، ڪڏهن ڏڪ آ ڪڏهن سڪ آ
ڪڏهن آ گُگهہ اُوندَهہِ ۾ ڪڏهن ٿيو سوجهرو آهي

اجائي بدگماني، يا غلط فهمي نہ ٿئي ڪنهن کي
حقيقت کي وَڏي واڪي، ٻُڌائي مون ڇڏيو آهي

▲

ملڪ ساري ۾ سياست جي ستيا ٿي ناس آ
چڻ ڳُهمي هاٿي ويو شايد نئون را ڪاس آ

پنهنجي پنهنجي رنگَ ۾ بدمستُ پوري قوم آ
ملڪ جو ڪنهن کي نه ذرّه ڀر رهيو احساس آ

فڪر، دانش، آدميّت خودڪُشي ۾ مُبتلا
هر عمل اميّد جي برعڪس، محوِياس آ

جيستائين، قوم ۾ هوندي ريا ڪاري، نفاق
فرد، قومي امتحان ۾ ٿي نه سگهندو پاس آ

مختلف جادوگرن جي شُعبده بازي عجيب!
سڀ اجايا آسرا ٿهن، اجائي آس آ

زيست، روشن طبع وارن لاءِ آ 'جوهر' عذاب
دردمندن لئه زمانو، ٿيو نه ڪڏهين راس آ

## نظم

# قوم

مست مئي پندار آ جنهن قوم جو هر فرد،
سر گشتهءِ ادبار آ جنهن قوم جو هر فرد،
تصوير بديوار آ جنهن قوم جو هر فرد
سا قوم، سزا وارِ بقا ٿي نہ سگھي ٿي.

جا بادهٔ اخلاص کان سرشار نہ آهي،
جا وحدتِ قوميءَ جي پرستارنہ آهي،
جنهن قوم ۾ يڪجهتيءَ افڪار نہ آهي:
سا قيدِ غلامي مان رها ٿي نہ سگھي ٿي.

حق ڳالهہ جي اظهار جي، جنهن ۾ نہ آ قوّت،
بيباڪيءَ گفتار جي، جنهن ۾ نہ آ همّت،
هڪ آهَ شرر بار جي جنهن ۾ نہ حرارت:
سا ناشرِ فرمانِ خدا ٿي نہ سگھي ٿي.

دلدادهٔ هر رند طلسمات جا قوم آهہ،
زندانيءَ اربابِ خرافات جا قوم آهہ،
وابستهءِ پيرانِ خرابات جا قوم آهہ:
سو دردآ، هت جنهن جي دوا ٿي نہ سگھي ٿي

باقي نہ جنهن قوم ۾ اسلاف جا 'جوهر'
هر فرد آ جنهن قوم جو خود ساختہ رهبر،
جنهن قوم جو هر فرد گناهن سندو پيڪر:
ميراثِ شرف ان کي عطا ٿي نہ سگھي ٿي

▲

مِنِي مُلڪَ جا مورَ سُهڻا سپاهي
هَميشہ رَهي تنهنجو اَللہ واهِي

هُجي شلُ مقدّر تنهنجو ڪامراني
مِلئي شال عِزّت ڀَرِي زندگاني
فَلڪ تي نون چمڪين سَدا مورَ ماهي

وَڃي جڳ ۾ تنهنجي شجاعت جو ڏوڪو
هَلي تنهنجي هِمت جو هر هَنڌِ هوڪو
چَڙِهين چِرِٽَ تي تون، ڏسين ڪانہ لاهي

پنهنجي دَيس جي تون، آن عزّت ۽ عظمت
تنهنجي جان نِثاري جو جذبو ۽ غيرت
ڪندا چَڊّ تي شانَ سان بادشاهي

عَدُوجي صَفن ۾ وِجهي ڇڏ تون ڀاڄَڙ
وَڃي دشمن جي لَهِي سارِي آڪَڙِ
چُمي پير تنهنجا، اَچي ڪج ڪُلاهي

اَبابيل بڻبا اچي تنهنجا ساٿي
مَرِي دشمن جا وِيندا سارا هاٿي
ٿيندي توسان همراهُ، نُصرَتَ اِلاهي

ڪَفنَ بَڌ مَٿي سان، تَرِي تي رکي سر
وَڌائج قدم چئي تڙن اَللہُ اڪبر
مُحــمَّــدُ مــددگار. اَللہُ واهــي

وَڏي فتح تنهنجي قدمبوس ٿيندي
سُري پاڻ منزل بہ پيرن ۾ ايندي
رَضا تنهنجي ’جوهر‘ رضائي اِلاهي

▲

جو سُورِي تي چڙهي ٿو سَچ سُٺائي
اُنهي کي حَقَ آ. سُورِهُ سڏائي

نتيجي جو، ڪَنهين تي ناهہ ذمّو
اَدا ڪيو، فرض پنهنجو حَقُ ٻُڌائي

پَڄي باطل جا بُتَ پُرزائي ٿيندا
ڏسو وينا، خليل اللهِ آئي

اَوَس. فرعونُ، غرقِ نِيلُ ٿيندو
نہ سگهندو ڪيس، ڪو لشڪر بَچائي

وَري فرعونيت واپس نہ اِيندي
نہ سگهندو ڪوئي ڪوشش سان وَرائي

ٿيو ايٽم بم قلم آهي اوهان جو
ڇڏيو طاغوتي طاقت کي اُڏائي

اوهان شاعرِ، لسانُ‌الغيب آهيو
ڇڏيو اڳواٽ، هرڪنهن کي ڇِتائي

ڏٺوُ، جيڪي اکين سان، اِج ٻُڌايو
وَرِي موقعو مِلي ڀِيهرَ، اَلائي

زبان شاعر جي سيف الله آهي
قَصِيدا ڪُوڙ جا، ’جوهر‘ نہ ڳائي

ڳاڙها ڳوڙها

▲

ختم ٿيندو جلد ڏسجي ٿو انڌيرو
هُئي رات ڪنهن جي، آ پنهنجو سَويرو

اُٿي پيو آ لشڪر مي جمهوريت جو
ٿيو آمرَيت جو آ تنگِ گهيرو

سَدا هِڪ ڪَرو وقت، ڪنهن جو نہ رهندو
هِينئر وقت ۽ بخت ڪاڏو آ ڦيرو

ڏکيا ڏينهن ڏاڍا، ويا نيٺ گُذرِي
چڙهيو ساڙي سُورن هو، 'جوهر' جو جيرو

▲

اي واقفانِ قوم سزا وار ڪير ٿيا؟
راهِ جفا طلب ۾، طلبگار ڪير ٿيا؟

گيسُوئي فَنَ ڪي ڪنهن جي ٿي مَشّاطگي نصيب
جوش ۽ جنون ۽ جذب ۾ سرشار ڪير ٿيا؟

سُقراط وارو پيالو پَري، پِي ويا سي ڪير؟
موڪيءَ جي پي وٽي، سَرِ بازار ڪير ٿيا؟

ڪنهن راز هاءِ ديرو حَرم، فاَش اچ ڪيا؟
مَنصورَ وار، ڪِلندي سَرِدار ڪير ٿيا؟

ڪنهن جي بيان ڪان لَرزَه بہ اندام آ عَدُو؟
سُوريءَ ڪي چوندي سَيج، سَزا وار ڪير ٿيا؟

ديرو حَرم ڪي رَمزِ محبّت، ڪِٿان مِلي؟
فَتويٰ فُروش! مَحرمِ اسرار ڪير ٿيا؟

ڪهڙا لَقائي يار جي خاطر ويا طُور تي؟
چئو، تشنہ گانِ جَلوَه گهِ يار ڪير ٿيا؟

ڪهڙا، رَهينِ ذوقِ نِگہ ٿيا، اَلمَ نصيب؟
ڏس! ڪُشتگانِ حَسرتِ ديدار ڪير ٿيا؟

اربابِ ذوق وعزم کي ڪنهن وِلوِلا ڏنا؟
۽ رَهروانِ واديِ پُرخار ڪير ٿيا؟

هي ڪير ها؟ جي خُونِ تمنا ۾ لَعلُ ٿي
گلگون قبا سان، رونقِ بازار ڪير ٿيا؟

اي، حافظانِ شهرِ جمال! آهِ ڪجهه خبر؟
سارق، نقب زنان، پَسِ دِيوار ڪير ٿيا؟

ڪنهن علم وفن جا ڪيئي حقائق ڪيا ٿي فاش؟
افسانہ گوئي مڪر، فسون ڪار ڪير ٿيا؟

ڪنهنجو ٿيو حرف حرف، دُرِ مَعنوِي فِڪر؟
اي شاعرانِ دَهرَ، گُهرَ بار ڪير ٿيا؟

ڪهڙا حرم نَشين ٿي چُڪا، اڄ شَهيدِ فن
سَبَحہ بدوش، صاحبِ زنآر ڪير ٿيا؟

ڪنهن ڪنهن سنا ٿي، چَشمِ تمنآ ۾ زخمِ يار
اُجڙيل چمن ۾، ديدَهِ خُونبار ڪير ٿيا؟

ڪنهن ڪنهن جي خون، لالہ ڪي بخشيو جمالِ يار
باغِ خزان رسيده ۾ خونبار ڪير ٿيا؟

ڪهڙا ويا ٿي گوشہ نشين ۽ وطن فروش
ڪهڙا وڍيا، ۽ رونقِ بازار ڪير ٿيا؟

ڪھڙا رھيا شِڪارِ جُنون، اي خِرد فروز!
ميدانِ ڪارزار ۾، لاچار ڪير ٿيا؟

اڄ جنبشِ قلم ۾، تبِ زندگي ڪِٿي؟
يَخ بَستہ ٿيا ڪير؟ گُھربار ڪير ٿيا؟

ھِمّتَ بلند، عزم بَلند ۽ نظر بلند
چئو، صاحبانِ دولتِ بيدار ڪير ٿيا؟

باطل سان پنجہ آزما، شاھين مزاج ڪير؟
روبہَ مزاج، بَستہِ گفتار ڪير ٿيا؟

خاڪِ وطن ۾ُڏاءِ، سندءِ جانفروش ڪير؟
غَدّار ڪير ٿيا ۽ وفادار ڪير ٿيا؟

راهِ وفا ۾ سر ڏئي، 'جوھر' ٿيو جان نثار
بُزدل، بَھانہ ساز، گِيدِي، مَڪّار ڪير ٿيا؟

▲

نہ فرات و دجلہ تي ناز ڪر، نہ فريبِ گنگ و جمن ۾ آ،
آ جهانُ تنهنجو سچو وطن، سگهو بيوطن تون وطن ۾ آ.

توڪان حُسنِ نرگس و نسترن، ڪُلي توڪان رونقِ ياسمن،
تنهنجا منتظر ٿيا گل و سمن، تون بهار بنجي چمن ۾ آ.

سرِ خم نہ رهہ تون اي محترم، جو وطن بہ آهہ بنيو صنم،
تنهنجو قدر ٿيندو اي جانِ من، تون حريمِ دل جي عدن ۾ آ.

هي بهارِ دهر جون محفلون، تنهنجي خلوتن تان نثار ٿيون،
تنهنجو ڪم نہ غنچہ وگل سان آ، تون چمن چڏي ڏيءُ بن ۾ آ.

رَہ و رسمِ عشق تي رک نظر، ٿي جهانِ نؤ جو پيامبر،
نہ تون عهدِ ماضي کي ياد ڪر، نہ فريبِ چرخِ ڪُهَن ۾ آ.

رهي بيوطن چوان ڪٿ سخن، هان، سخن لئہ گهرجي ٿو علم و فن،
چيو آهہ 'جوهر' کي دوستن، تہ اي يار، بزمِ سخن ۾ آ.

ٻارڙها
ٻوڙها

▲

پياري ديس پنهنجي جا پيارا دوستو! جاڳو!
ننڊ ۾ سُتل اوهان کي ننڊ غفلت جي اُٿو، جاڳو!

پيو جاڳي آ جڳ سارو، اوهان ئي ننڊ ۾ آهيو
سچا، سادا ۽ سُهڻا سيبتا، سڀ ساٿيو، جاڳو!

مٿان سج آ چڙهي آيو، سُمهڻ هاڻي نٿو سُونهين
اکيون کولي اُٿي پئو، مُنهن مٿي ڪيو مُلڪ جو، جاڳو!

اَديون ڀينر، اوهان اڄ ڀائرن سان، ٻانهن ٻيلي ٿي
سَنواريو، مادرِ گيتي جي زلفن کي، سِگهو، جاڳو!

اوهان جي ماءُ ڌرتي، اڄ مدد لئہ منتظر آهي
اوهان جي رَتُ ۾ بختاور سندو آهي جُزو، جاڳو!

گُلن جهڙا جوان ڳڀرُو، ٻُڍا ۽ ٻار جاڳي پئو
اَديون، اَمڙيوُن نياڻيون، نينگريُون سڀ ڀينرو، جاڳو!

جهان جي انقلابن جي سڄي تاريخ شاهد آ
گُهرڻ سان ڪونہ مِلندو حق، زبردستي وَٺو، جاڳو!

لڳي ٿو ڄڻ تہ مايُوسي ۽ محرُومي جو آ گهيرو
سڄي آڪاش ۾ گويا گُهمي راڪاس وَيو، جاڳو!

مَرِي وئي قومي غيرت، ڇو اوهان جي ليڊرو آهي؟
اچا تائين، ٿا پنهنجن جو گريبان ڦاڙيو، جاڳو!

ڪاڙها ڪوڙها

سنڀاليو پاڻ، اڃا ڀي وقت آ، خود احتسابي جو
ويو ٿي مُلڪ سارو ڀڄنگَ، پيرو، مُرشدو، جاڳو!

اوهان ڀي پاڻ بدلايو زمانو ويو بدلجي آ
ويجي نڪري متان هَٿَ مان اوهان جي موقعو، جاڳو!

اوهان جي باهمي جهڳڙن ڇڏيو ڇا پوئتي آهي؟
ڇڏي ڏيو اختلافن کي، ٻڌي ڪيو، هڪ ٿيو، جاڳو!

اَنا، لالچ ۽ خود غرضي، وساري سڀ ڇڏيو ويچا
حَميّت جي تقاضا آ اوهان کان رهبرو، جاڳو!

زميندارو، غريبو، هاريو، محنت ڪَشو و مزدور!
اوهان کان اڄ گهري ٿو وقت، قرباني ڏيو، جاڳو!

اوهان پنهنجي هٿن سان قوم پنهنجي کي ڪُٺو آهي
هنيئر قتلِ عمد جي، خود سَزا ڀي ڀوڳيو، جاڳو!

اوهان کي سوچڻو، سمجهائڻو، جاڳائڻو، آهي
اوهان تي فرض ٿيڻون آ، اديبو، شاعِرو، جاڳو!

چمن ۾ وِڄُ جا وَسڪارا ۽ ڪانوَن جو آڪانگيرو
گل وبلبل سان گڏ، گلشن بچايو مالهيو، جاڳو!

وڏن ڳاڱهن کي وَرجائي، چوي ٿو يارَ اڄ 'جوهر'
گهڻون ڪائي چڪا آهيو، هينئر هٿ روڪيو، جاڳو!

▲

## مُلڪ جا ڏهہ ڪروڙ انسانو!

جيئرو رهڻو آ، يا تہ آ مرڻو
آ، اوهان کي، هي فيصلو ڪرڻو
مُلڪ جا ڏهہ ڪروڙ انسانو!

هر عَملَ باغبان جو بيداد
دم ٿو گُهٽجي، ڪجي نہ ڪيئن فرياد
صبر جو ڀارجي ٿو پيمانو
مُلڪ جا ڏهہ ڪروڙ انسانو!

آ چڏيو چيڪ هي سمگلر ڪنهن؟
چوٽ چاڙهيو آ چور تاجر ڪنهن؟
راشين کي آ ڪنهنجو پروانو؟
مُلڪ جا ڏهہ ڪروڙ انسانو!

ساڌَ سڄڻ سماج جا دشمن
ديس جا دوست، چور ۽ رهزن
هر حقيقت ڏسان ٿو افسانو
ملڪ جا ڏهہ ڪروڙ انسانو!

ڪنهن جي دَمَ سانڻ تازو گلشن آ؟
ڪنهن جي محنت سان مُلڪ روشن آ؟

ڳاڙها ڳوڙها

ڪير هن شمع جو آ پروانو؟
مُلڪ جا ڏهہ ڪروڙ انسانو!

دوستو! حق ميائُٽو آهي
ظلم جو بُت پيچائٽو آهي

هوندو محمود، يا صنم خانو؟
مُلڪ جا ڏهہ ڪروڙ انسانو!

عام جو حق تئي غَضَب ڪيسين؟
زور جون ڪرسيون، لَقَب ڪيسين؟

تابہ ڪي راڄ هي بهيمانو؟
مُلڪ جا ڏهہ ڪروڙ انسانو!

آ زبان بند، ذِڪر تي؛ بندش
ڪِلڪَ پابندْ فڪر تي بندش

مات آهيو، خموش طوفانو!
مُلڪ جا ڏهہ ڪروڙ انسانو!

ميڪده جو نظام، بدلايو
هيءَ بي ڪيف شام، بدلايو

رنگ هن ۾ ڪٿي نہ ميخانو
ملڪ جا ڏهہ ڪروڙ انسانو!

ڳاڙها
ڳوڙها

▲

هي زندگي آهي | هي زندگي آهي
هر روز آ نالان | هرشب، شبِ هجران
هر صبح آ گريان | هِرشامَ پريشان
دل حشر بَدامان | اکِ شامِ غريبان
سنسار آ سُنسان | جڻ شهرِ خَموشان

هي زندگي آهي | هي زندگي آهي
آ هُـو ئـيِ خِـرامـان | پابَندُ بَجَو لان
تـي صُورت جانان | جڻ زلفِ پريشان
گلشن ۾ آ رقصان | تـي غُولِ بيابان
ماحول آبي جان | آزيست جو فقدان

هي زندگي آهي | هي زندگي آهي
بيداد جي بِستي | مُوهن سندي وستي
ڪا مُرڪَ نـ مَستي | ڪجھ هوش نـ هستي
آڪاش جي پَستي | ڳاري چڏيو ڳتي
رَتْ راڪَ ڪان سَستي | گل رنگُ تـي ڏِرتي

هي زندگي آهي | هي زندگي آهي
گُلڙا بـ سَڙن تا | مُڪڙا بـ مَرن تا
بلبل بـ رڙن تا | ڳوڙها بـ ڳڙن تا
صيّاد ڏسن تا | همدردي نـ ڪن تا
هايجان بـ هڻن تا | هيڪاري ڪلن تا

هي زندگي آهي | هي زندگي آهي
جيوَنَ جو جتي نامُ | الزام آ الزامُ
سُکُ، سَهنج نـ آرام | ڏُکُ درد ۽ آلامُ
آ گردشِ ايّامُ! | گردش ۾ نـ آجامُ
احساس تـيو عامُ | مجروح ۽ ناڪامُ

هي زندگي آهي | هي زندگي آهي

يَخ بَستہ زبان آ    افسرده بيان آ
جذبو بہ جوان آ    مِهراڻ روان آ
موهومُ گمان آ    جيئرن جو جهان آ
بي مَندَ خزان آ    بي پَهچ فغان آ
هي زندگي آهي    هي زندگي آهي

هي منهنجو وطن آ    گل چاڪُ بَدن آ
پڙ مُرده چمن آ    سيني ۾ جَلن آ
دُکُ دل ۾ دفن آ    بي گورو ڪفن آ
خوش زاغ وزغن آ    چِپَ مَستُ مگن آ
هي زندگي آهي    هي زندگي آهي

گلشن بہ جَلي تو    جهولو بہ لڳي تو
جو ساهُ ڪٽي تو    محسوس ڪري تو
سي سُور سهي تو    پر ڪجهہ نہ پڇي تو
اندر ۾ لُڇي تو    ڪو وَس نہ هَلي تو
هي زندگي آهي    هي زندگي آهي

هر فرد آبي تاب    هر فڪر آ سيماب
هر چشم آ پُر آب    تسڪين آ ناياب
دل آتش تيز آب    هر قلب آ خون ناب
ماحول آ زهر آب    ٿيا مُضمحل اعصاب
هي زندگي آهي    هي زندگي آهي

جذبات اُٿن ٿا    مُئو ساهُ کڻن ٿا
اڳتي نہ وڌن ٿا    دل ۾ ئي رهن ٿا
'جوهر' جان جُهرَن ٿا    بي موت، مَرن ٿا
چيڙن ۾ چَوَن ٿا    ياشعرَ ـَ لکن ٿا
هي زندگي آهي    هي زندگي آهي

▲

## اِي ڀِٽـائِي سِنڌ جي تو وٽ سڏِي فرياد آ

اي آمينِ "شاعري جُزوِي است از پيغمبري"
اي دَليلِ عالمي، اِلهامي، قومي شاعِري.
گـوَهـرِ گنج هدايت، اي خَزِينَہِ رَهبَري
شعر ۾ دنيا مَجي تنهنجي ڀِٽائي بَرتري
ثانيءِ حَسّانَ سان ڇا شيڪسپير جي مجال؟
شعر ۾ ٽيگور جو ڪهڙو ڏجي توسان مثال؟

سُورَ پنهنجا تو ڪيا پٽر پَرائي تي پَڌر
شعر ۾ مِيناج ڏادِو، شعر ۾ ذوقِ اثر
شعر ۾ تشبيهہَ سُهڻي ۽ حقيقت تي نظر
لفظ پيارا، اِستِعارا ۽ ڪِنايا خُوب تَر
مُلڪ پنهنجي جي مُحبّت ۾ بُڌل هرهڪ اکر
ديس جون رِيتُون ۽ رَسمُون، هر رَوايت مُعتبر

بَندِ بيتَن ۾ ڪيا آهن ڀِٽائي سڀ بَيَان
پنهنجي ڌرتي جون ئي رُوماني ڪَهاڻيون داستان
مُلڪ جي مِٽي سان اُلفت هُن ڪئي آهي عَيان
ديس وارن سان جَڙِي جنهن آهِ پنهنجي جِندَ جان
ترجمو قرآن جو آهي رِسالو شاهَ جو
مشرِقُ ومَغرِب وِچي پَهتو آ نالو شاهَ جو

ڳاڙها
ڳوڙها

اي پيارا ٿنائي! سنڌ جي تو وَٽ سڏي فرياد آ
هِت سياسي، اِقتصادي طور تي بيداد آ
چورَ هِتِ ڌاڙيلِ هت، اخلاق جي آ رفتاد آ
تاڙَ هڪ ٻئي جي ۾ وينو هتڙي هر صَياد آ
اَمن واري تنهنجي ڌرتي باهِ وانگر ٿي ٻَري
جهاتي پائي ڏس تہ ڇا ٿو هِتِ وَهي ۽ واپري؟

آهِ تنهنجي سِنڌُ ۾ سائين! هَوا اهڙي گُهلي
قربُ ڪاڏي ويو ۽ همدردي وَئي ڪاڏي هَلي
پنهنجا پنهنجن کي ٿا مارِن ڳالهہ پئي آهي کُلي
تنهنجي سُهڻي سِنڌَ پنهنجن جي هٿان وَئي آ رُلي
نانءَ تنهنجي جي وٺڻ وارن کي ڪو احساسُ ناهہ
ڪنهن بہ سوداگر کي تنهنجي سِنڌ تي ڪجهہ قياس ناهِ

تنهنجي جيئي سِنڌُ، پاڪستان جيئي، سڀ چئن
ديسُ ۽ پرديس جا ماڻهو سَدائين خوش هُجَن
جُوءِ تنهنجي جون پِٽُون ياڻان، وَليُون وَلڙا وَسَن
ڳوٺ، واهڻ، وَستيون، بَرتَرَ سَدا وسندا رَهن
نانءُ تنهنجي سنڌ جو جيڪي ٿا استعمالُ ڪن
درحقيقت سِنڌَ جو سي ئي ٿا اِستِحصالُ ڪن

ڳاڙها
ڳوڙها

سِنڌُ تنهنجي ساڻ پنهنجن ۽ پراونَ رهبرن
عالِمنَ، پِيرَن، اَمِيرَن ۽ غَريبن، رَهزَننَ
اَنَ پڙهِيَن، پَڙهيل، اَدِيبن، شاعِرن، دانشوَرن
علم دُشمَن نوجوَاننَ، رشوتِي آفِيسرَن
آهِ ارمان، شاهَ سائين! ڪنهن چڱائي ڪانَ ڪئي
سچ تہ 'جوهر' سنڌُ سان پنهنجن ڀلائي ڪانَ ڪئي

سِنڌُ جا ليِڊر سَمورا سِنڌُ سان مُخلِص ٿِيَنَ
چورَ سڀ چوري ڇڏن، ڌاڙيلَ سڀ ڌاڙا ڇڏِن
نوجوان بَندُوق اڇلائي ڪِتابن کي کڻن
هاري ۽ مَزدور ڪم ڪَن، ڪارخانا سڀ هَلنَ
گهرُ دُعا تون، سنِڌُ جي حالت هينئر سُڌرِي وَڃي
هِي تباهي جو زمانو، خيرَ سان گُذرِي وَڃي.

# غزل

متان ڪو پاڻ ڏي سمجهي، سخن مُنهنجي جو مُنهنُ، ظالم
وَتو مون واٽ ويندي، واقعاتي جائزو آهي

بقولي "گندم از گندم بَرُويد جوز جَو" جوهر!
"نوشتہ ازمکافاتِ عمل، غافل مَشو" آهي

قلم پابند. يخ بستہ زبان، هي موت جو منظر!
اوهان لئہ نڪتہ دان يارو، صلائي گفتگو آهي

حديثِ ديگران ۾، مون ڪيو مقصد بيان پنهنجو
اوهان جي نڪتہ داني. مون کي بخشيو، حوصلو آهي

اديبو، شاعرو، دانشورو، ڪولي ٻُڌايو اڄ
ضرورت وقت جي ڇاهي، اوهان ڪجهہ سوچيو آهي؟

اوهان جي بيحِسي ٻٽبي، اوهان لئہ نَنگَ جو باعث!
اوهان پنهنجي زبان وڪلڪ تي تالو هَنيو آهي

خموشي موت جَهڙي، خيرخواهي ملڪ سان ناهي
ٻُڌايو خود، اوهان پنهنجي اکين سان جو ڏٺو آهي

جگر، دل ريش ريش آهن، اکيون پيي رَتُ رُئن ٿيون پيون
نئين سج نت نئون نئون سُورُ دل ۾ سَنيرِيو آهي

▲

محبّت ۾ نہ هوندو ڪو ٻيو، مجبورُ مان جَهڙو
ڏئي دلدار کي دِلڙي، نہ سَهندو سُورُ مان جَهڙو

اِشاري يار جي تي جو لڳائي جانِ جي بازي
زماني کي نہ ملندو ٻيو ڪڏهن مَنصورُ مان جَهڙو

مِلي آ عشق ۾ پاڪر، ڪَيُمر حاصل ڪَمال اهڙو
هُوندو مجنون وِيچارو، وَڏِ ۾ وَڏِ مَشهورُ مان جَهڙو

وِڃائي هوش ۽ هَستي، مِٽائي موجَ ۽ مَستي
رَهه الفت ۾ ڪائي نوڪرون، مَغرُورُ مان جَهڙو

حَوادِث جي تَسلسُل کان شڪستہ پرَ ٻيو ڪونهي
شڪستہ دل، شِڪستہ جِسمُ، چَڪنا چُور، مان جَهڙو

نَصيبَن جو ڪُٺَل، قِسمَت ڦِٽَل، شايد هُجي ڪوئي
قَتيل دل جو، ڏڌل ڏک کان، سَراسَر سُورُ، مان جَهڙو

وَفا جو مان وِڏو جوهر ڏکيو ڏاڍو رواج آهي
نِباهي عشق جو سگهندو نہ ڪو دستُور، مان جَهڙو

▲

”مُون تي پانيون درد وارن جو ڪندين ڪو داد نيٺ“
ظلم ۽ بيداد کان پو، داد ايندءِ ياد نيٺ

پر هي منهنجو حُسنِ ظن ٿيو، مُنهنجي لئہ برقِ فريب
جنهن ڪيو، منهنجو جهانِ آرزو برباد نيٺ

گِلستانِ عشق جي ويران ٿيڻ جي خوف کان
منهنجي آزادي جو ضامن، خود پيو صيّاد نيٺ

ويو وڪوڙي تنهنجو دامِ زلف اڄ احرار کي
تو ڪيو پابندِ اُلفت، هر دلِ آزاد نيٺ

مان سِياڻو ڏاڍو سمجهو پاڻ کي، پَرَ اَلاَمـاَن!
تو بہَ سيڪاري ڇڏي تنهنجي نَئين ايجاد نيٺ

تنهنجو منهنجو دفترِ اعمال، آخر کولبو
پيٽِبا فرياد منهنجي سان، سَنَدُءِ بيداد نيٺ

منهنجي بربادي مان ظالم، تون ڀلي آباد ٿي
پَرَ هٽي ڪو هنڌ ڪندي، مظلوم جي فرياد نيٺ

رَهُہ حَسِينن کان پَري، زاهد گهٽي تلقين ڪئي
وقت تي وِسرِي ويو، واعظ سندو ارشاد نيٺ

چشم وابرو،خال وخط جو، گرچہ دلدادو نہَ هو
حُسنَ پَرَ لوڏي وِڌو، ’جوهر‘ جو اڄ بنياد نيٺ

۸

زندگي جو سخت هوڏادو سَفَر
شڪر آهي، ٿي ويو پورو مگر

موت برحق ڇئي، ڪيم آخر قبول
ٻيو نہ چارو هو، نہ ئي ڪو چاره گر

ٻارڙائپ ڪان، ٻُڍاپي تائين يار!
سُورُ هئي ساري حياتي سَر بسَر

ڪين هو تقدير تي ڪجھ اختيار
آسمان تي يي، نہ هو پنجو اَثرِ

مان تہ بيوَس يي مُيسُ، پابند يي
ڇا ڪيو مان پاڻ، مرن تي ڇو ڏمَر؟

پنهنجي سورن جي سوانح، ڇا لکان؟
نِرڙَ تي قُدرَت لِکيا آهن اکر!

آسرو بخشش جو آ، الله ۾
ٿي شفاعت ئي مُحمَدَ صہ ڏي نظر

يار ڪان قاصد نہ آيو، ڪو اچا
شايَد عِزرائيل ايندو، اَڄُ نامہ بَر

آه نازڪ ڏادي 'جوهر'، هي گهڙي
خير سان پورو ٿئي، شَلَ پويون پهر

ٻاڙها ٻوڙها

▲

اگهڻ مُنهنجي گُهمائي وچ تون پيارا پيرڙا
ڀلائي ڪر ڀَڃي ڀُورل نہ ڇڏ تون پيرڙا

تون سُهڻو شاهزادو ۽ گُلابي آهين گُل
مگر محبوبَ منهنجا حال آهنِ ميرڙا

بنا تنهنجي پيا وِيرانُ آهن سڀ وَٿاڻ
اچي آباد ڪر دلدار دل جا ديرڙا

پرين تنهنجي پَسڻ لئہ وَسَ ڪيان ٿو مان وڏا
گُهمان ٿو گسَ سَنْدءِ. پايان پيو ٿو ڦيرڙا

اچي ٿو هٿ نہ ٻيو ڪو ڏڳ، سوا تنهنجي سڄڻ
نہ وِسرَنديُون ڪڏهن تنهنجون گهِٽيون ۽ گهيرڙا

ٻَري ٿو ڪان پيارا اَڏَ مٿو آهيان عجيب!
جُدائي ۾ نہ 'جوهر' جا جَلائج جيرڙا

ٻاڙها ٻوڙها

▲

مُنهنجو پيار تون آن منهنجي زندگي
تون مُنهنجي محبّت، تون منهنجي خُوشي

سُڪون دِل جو تون، رُوحَ جو تون قرار
اکين جي ٺَنڍڪَ، نُور جي روشني

سوا تنهنجي گُلشن ۾ رَنگت نہ آ
لڳي دل جي دنيا تي دلبر ٻُسي

زِمانو رُسي ويو تہ ڇا تي پيو
وَيجي شال مون کان نہ راڻو رُسي

وَئين تون جڏهن پير نِڪري ويا
وَڏو زلزلو آيو. ڌرتي ڏُڏي

اَچي نِڪُر جلدي. اچڻ کان اڳي
مَتان تنهنجي 'جوهر' جي ڦٽي دل ٽُٽي

▲

جڏهن ڪان مِٺا مُنهن تو موڙي ڇڏيو
سڳو ساهَ جو ڇڻ تو ٽوڙي ڇڏيو

ڏسان نانگَ ڪارا ٽا رُخَ تي نَچن
لڳي ٿو تو چوٽو آ ڇوڙي ڇڏيو

ڇڏي زَهر سان درد ويندو. طَبيبَ!
دَوا تُنهنجي دل کي آلوڙهي ڇڏيو

پنهنجي چاهَ وارن کي چَريو ڪَري
مُحبّت جو بيڙو تو بوڙي ڇڏيو

سُکن جو ڪٽي ساهُ تون ڪِيرُ پيءُ
اسان ڏڌ ڏکن جو وِلوڙي ڇڏيو

ڇِني سکَ ويا ساٿُ. ساجُهر سَويرَ
ڏکن ناتو 'جوهر' سان جوڙي ڇڏيو.

ڳاڙها ڳوڙها

▲

دل ڏئي مان دل وَٺي آ
ڪانہ ڪنهن ’وڌر ڪئي آ

دوستي لئہ سر ڏنو مان
مُنهنجي قُرباني وَڏي آ

پيار بَدلي پيار سان مان
پيار جي بازي ڪَٽي آ

سر ڏئي مان سر ڪيو هٿ
ڪئي نہ ڪنهن سان مان ٺڳي آ

چشم تر آهن وُضو سان
پَردو پو ، بي واجبي آ!

جانِ جانان، جانِ ’جوهر‘
جان دِلِ توسان لڳي آ

▲

درد مان دانهون ڪيان ٿو دلربا، توکان سوا
رت وهائن ٿيون اکيون سهٽا سدا، توکان سوا

حال هيٺون، درد پيٺون ۽ سڙي سينو ويو
دل بڻي نِمرود جو آڙاھُ آ، توکان سوا

موت جي مان وٽ اچي، پلجان اچي، هاڻي اچي
زندگيءَ ۾ ڪجھ رهيا ناهن مزا، توکان سوا

پاڻ کي تنها ٿو سمجهان، مان سڄي سنسار ۾
تو خيالن ۾ رهان، جڳ کان جدا توکان سوا

ڇا ڪندس برسات جي موسم، بهارُن ڇا ڪندس؟
ڇا ڪندس مان. ڇا ڪندس. ٿڌڙي هوا، توکان سوا؟

جي نہ هوندو تنهنجو جلوو ڇا ڪندس حوران حسينؔ
ڇا ڪندس سڪٽي سُجي جنَت پلا، توکان سوا

پئي جدائي ۾ جُهري ماڙي محبّت جي اَڏيل
دل جي دنيا ۾ ٿيو محشر بپا، توکان سوا

تنهنجي ڳولها، رشڪ ليليٰ، تو ڪري مجنون مثال
پيو ڦِري آواره ’جوھر‘ جابجا، توکان سوا

٨

غمِ دوران کي سِيني ۾ لِڪايُم
جگر جا جِهيرَ ڇاتي ۾ ڇپايم

منهنجي تردامني ظاهر نہ ٿيندي
مان دريا نِيلَ جو نيٺين وَهايُم

ڳِلن تي يار جي ڳُوڙها ڪريا جي
اُنهن کي ماڪَ ڄڻي مان جندَ ڇڏايم

ڏکن جو مان ڪيو خمخانو خالي
لڳي تو جام کي هٿ ئي نہ لاتم

نِهائين جان نہ نِڪتي ٻاڦَ ٻاهر
پنهنجي آهُن کي اَندر ۾ سَمايُم

ڪَمندُ اُڇلائي 'جوهر' آسمان تي
زمين تي بَختُ پنهنجو آزمايُم

▲

اُڙها جي اشڪَ اکڙين مان تہ پو واهي خدا آهي
لُڙهي ويندا زمين و آسمان، ڳُتي اِها آهي

اَندَر جي آهَ جو گولو پيو ڦاٽي تہ ڇا ٿيندو؟
جَلي ويندو جهان سارو. حقيقت برملا آهي

دلِ مَعصُوم پئي ڪُسجي هُتان هِن حُسنَ وارن جي
سدائين عشق وارن کي مِلندي هي سَزا آهي

گُل و بُلبل ويا ڪاڏي؟ خوشي جا وَڻ ۽ واهيرا!
گُهلي گلشن اندر اڄڪلهہ، ڏکي ڏاڍي هَوا آهي

وفا جو نانءُ ڪونهي ڪو، نہ ياري دوستي آهي
زماني کي شڪايت آ، زمانو، بيوَفا آهي!

طبيبن جون دَوائون سڀ هِينئر بيڪار بڻجي پيون
ذَرِي هڪ زَهرَ جي 'جوهر' جي لئہ هِڪ تِڪُ دَوا آهي

▲

مُلاقات محبوبَ سان ئي گهران ٿو
نہ تو کان مان تنهنجي، خُدائي گهران ٿو

هُجي شل اکين آڏو، محبوبُ منهنجو
دُعا دل سان دمدم، اِهائي گهران ٿو

سوا يار پنهنجي جي، گُهرجي نہ ٻيو ڪجهہ
نہ ڪنهن کان مان ڪا شئي، پَرائي گهران ٿو

پُنهل پنهنجو پيارو، مان تو کان پِنان ٿو
نہ دولت، نہ پئسو نہ پائي گهران ٿو

بَغَلَ ۾ هُجي سهڻو، سائين هميشہ
پَريل پنهنجو ياڪُر، سَدائي گهران ٿو

هُجي وَسِ تہ، 'جوهر' مَرڻ جِندُ ڇڏايان
جُدائي جي غم کان، رِهائي گهران ٿو

▲

آفرينش جي زماني کان وٺي
آسمان مون سان ٽيو ناساز آهہِ

ڪيئن ٻُڌائي دردِ دل بَستہَ زبان
رَتُ جوهر ڳوڙهو دلي آواز آهہِ

ڪجهہ نہ ڪمزورن جو آهي قدر ڪٿ
جو مجاهد آهہِ سو مُمتاز آهہِ

ڪيئن رَهي مون کي ڀلا پروائيِ غير
ڇو تہ پنهنجو يار محرم راز آهہِ

ڇا شهادت سان ٽيو شانِ حُسين
سر ڏيڻ ئي عشق جو انداز آهہِ

ظلم جو خنجر ڀليجان آزماءِ
زيرِ خنجر گردنِ جانباز آهہِ

ٽيو جهان آهمنوا مظلوم جو
ظالما! تنهنجو نہ ڪِٿِ اعزاز آهہِ

هر نفس منهنجو صدائِي احتجاج
ظلم تنهنجي جي خلاف آواز آهہِ

فتنہ بازي جو ڪندس مان خاتمو
امنِ عالم زندگي جو راز آهہِ

ظلم سان 'جوهر' پيو ڪر تون جهاد
جيسين اندازِ جهان ناساز آهہِ

▲

فريبِ جَلوهٔ رنگين ۾ مُبتلا آهيان
حُدُودِ شوق جي دنيا جي اِنتها آهيان

هزار رنگِ حقيقت کان آشنا آهيان
مگر هي علم نہ آهي، تہ ڇا ۽ ڇا آهيان

زمانو جنهن کي ٻُڌي ڪِينَ، سا صدا آهيان
اثر نصيب نہ آ جنهن کي، سا دُعا آهيان

ٻُڌائي ٿو پيو اندازِ وعدَه فردا
جا هر قدم تي ٿئي زائل سا مُدّعا آهيان

فريبِ زيست، نہ ڏي اعتبارِ زيست مون کي
طلسمِ عالمِ هَستي کان آشنا آهيان

قريب عالمِ وحدت جا ويا، نقوش اچي
خيال و وهم کان ئي محرِ ماسِويٰ آهيان

تو هَـمات جو کهڙو بيان ڪيان 'جوهر'
خدا ٿيان ها، مگر بندهٔ خدا آهيان

ڪاڙها ڪوڙها

▲

ثريّا كَهڪشان چَنڊَ ۽ ستارا
رُخِ زيبا مَٿان قُربانُ سارا

لَڙهيونُ موتين جون آهنِ ڏندَ تُنهنجا
ٻَئي رخسار تنهنجا ماهَ پارا

دلِ بي تابُ تي دلبر اَڏو اَڏ
ٽيون اَبرُو تنهنجُون آهن ٻـ آرا

غضَبُ آهي جڏهن چوڙي چڏين تو
اِهي واسِينگَ جِهڙا وارَ ڪارا

خدا ڄاڻي جيئڻ مُشڪل تو سمجهان
پَري تو کان پَلَڪَ هِڪڙي پيارا

شرابِ دِيدَه تون جلدي پيارِج
پياسي سَختُ مان آهيان پيارا

قدم تنهنجا رکان دل تي، اکين تي
اکين جا نارَ، او، دل جا سهارا

ڪندي تو سان مُحبّت غائبانه
اچا آهن ٽيا سي وارَ ڪارا

سگهو اچ دوست دلبر تون خدارا
سَين کان، ساهَ کان، سر کان پيارا

مران تو دردِ فرقت ۾ مان 'جوهر'
هَلي اچ هاڻي جلدي تون دلارا

ڪاڙها ڪوڙها

٨٨

جُنون مون سان رفيق آهي ۽ وحشت هم قدم آهي
دلِ برباد جو احوالِ غم، تي ويو رَ قم آهي

بهار آلُودَه گلشن ۾، جڏهن بادِ سموم آئي
چمن آزردَه خاطر ٿيو ۽ بلبل کي اَلَم آهي

ذخيرو دل ۾ دردن جو، ۽ سُورَن جو آسرمايو
هُجومِ ياس وحِرمان کان وفورِ رنج وغم آهي

فلڪ شبنم فشان آهي ۽ دامن ترآ ڌرتيءَ جي
جڏهن کان چَنڊ جو ٽُڪرو ويو سُوئِي، عَدم آهي

قمر ۾ روشني ناهي نه آتارن ۾ تاباني
ڏسان ٿو شمس وپروين -جي ضيا پاشي ٿي ڪم آهي

جدائي جي سبب آهي، هِي ساري ڪيفيت دل جي
سَتائي ياد ٿي جنهن جي، اِڳيان سو محترم آهي

تقاضا آ جُنون جي چاڪ ڪردامن، مگر ’جوهر‘
قضا جي فيصلي آڏو، سِر تسليم خم آهي

▲

اڄ فضا سازگار، تي ڏسجي
ضامنِ صد بهار، تي ڏسجي

هر تمنائي زيست تي پوري — زندگي، خوشگوار تي ڏسجي
غم الم، رنج، سڀ ٿيا ڪافور — هڪ خوشي ڇا، هزار، تي ڏسجي
باغِ دل ۾، نسيم پهچي وئي — هر ڪلي، مُشڪبار، تي ڏسجي
ڪجهه تہ گهٽجي وئي پريشاني — دوستي، غمگسار تي ڏسجي
دل جي داغن تي پيو عجب پَرتو — دل قنيل، تا بدار تي ڏسجي
اک قبوليو، نئون اثر آهي — هر نظر، ڪا مگار تي ڏسجي
قيصريت، چُميا قدم آهن — ڪاميابي، بَڪار تي ڏسجي
اڄ حريفن جا تاڪَ، نِڪري ويا — چشمِ بد، اشڪبار تي ڏسجي
ڪو تعلق تہ آهہ، هن سان پيو! — دل جو بي اختيار تي ڏسجي
آ اثر صرف تيرِ مژگان جو — تنهن ڪري دل فگار، تي ڏسجي
آسمان چارَه ساز بنجي پيو — خود قضا پاسدار، تي ڏسجي

شانِ قدرت مٿان نہ هڪ 'جوهر'
ساري دنيا، نثار تي ڏسجي

## ۸

محب مون سان جي همڪنار ٿئي
گلشنِ زيست، پُربهار ٿئي

لعل لب تنهنجا ۽ غضب نظرون  ساهُ سر، جانِ من نثار ٿئي
جي ڏسي شيخ، حُسنِ هوش رُبا  هن جي دامن بہ تار تار ٿئي
اڄ تہ دل کي بہ ڪجهہ، قرار اچي  تو بنا ڏاڍي بي قرار ٿئي
هي ستارا ۽ مان ۽ تنهائي  "ڪوتہ منهنجو بہ راز دار ٿئي"
دل جي ڌڙڪڻ سان، دوست ٿو دل ۾  تنهنجي آمد جو انتظار ٿئي
وصل جي وقت منهنجي گستاخي  طبعِ نازڪ مٿان، نہ بار ٿئي
حسرتون دل جون سڀ ڪجن پُوريون  جي شَبِ وصلِ پائدار ٿئي!
مُردَه دل کي جيار، تو ڪر سان  مُعجزو تنهنجو، آشڪار ٿئي
ڪجهہ نہ باقي رهي، غمِ دوران  وقت مون سان جي سازگار ٿئي

شال منهنجي دعا، ٿئي منظور
ڪاش، 'جوهر' نصيبِ يار ٿئي

▲

آهي ڪو وڃي يار کي پيغام پُڄائي
آزار جو احوال، وڃي سارو ٻُڌائي

فرقتِ ۾ سندءِ، يار، مان شب روز رڙان ٿو
ڳوڙهن جو ڇڏيو آهي، مون درياهُ وَهائي

مجبورُ رَهان يار، جدا تو کان پيو ٿو
منهنجي تہ جدائي آ، ڇڏي جانِ جلائي

فرقت ۾ سندءِ يار، سَهان سُورَ پيو ٿو
ڪوئي نہ علاج آهي، وڃان ڪا ڏي ڳُسائي

تنهنجو تہ ڇپن تان نہ مِنو نامُ لَهي ٿو
تنهنجي ٿي مِني ياد، سدا مون کي ستائي

دل آهِ ڦٽي توئي هٽي تِيرَ نظر جا
ماري تو وڌو آهہ سِيہ مار ٻَڃائي

'جوهر' کي ڏئين دل ٿو وَرائي، نہ دلاسو
ڏاڙيل ڪسي دل تون وئين دِيدهَ ملائي

ٻارڙها
ٻوڙها

▲

مان پري تو کان پرين، ويندس مَري
يا تہ ٽيندي دلُربا، دلڙي چَري

دل جي ڏڙڪڻ تون ۽ مُنهنجو ساهُ تون
توبنا بوتو بڻَن، ويندو ٺَري

ٽيو قيامت، جهڙو دل ۾ درد آ
دَمُ ڪٽڻ پيي، ڳالهہ ٽي آهي ڳري

پَل سَوين سُهڻا اُڏامَندا اَچن
حُسنَ ۾ ڪنهن جي نہ توسان هَمسَري

بنجي ڳوڙها. ٽو رهين اکڙين اَندر
عُمرپرسُهڻاتون سڳهندين ڪيئن تَري؟

مُرڪَ تنهنجي، گُهورَ گهائي، دل چيڏي
ٽي قيامت، هر ادائي دلبَري

ڪانَ پِروَن جا، ڏو ناليون دِيدهَ جون
ڏنگَ وارن سان هَنيئہ، ويتر وَري

ٽيو جيئڻ منهنجو، هينئر ڏاڍو ڏکيو
پَهرُ هڪڙو پيي پَري، توکان پَري

سنگدل سان دل لڳي وئي، اَلاَمَان!
عشق کان 'جوهر'، ڪئي توبہ وَري

ڳاڙها
ڳوڙها

▲

منهنجو توسان ئي پيار آ، سائين!
توبنا دل بيقرار آ، سائين!
دل پريشان ٿي، دماغ آ بيڪار    ڪجهہ نہ دل تي اختيار آ، سائين!
تو اچڻ جو واعِدو ڪيو آهي    مُون کي توتي، اعتبار آ، سائين!
تون جڏهن ايندين، تڏهن قرار ايندو    دل کي هر دم انتظار آ، سائين!
دور تو کان آهِ، موت تي، 'جوهر'
درد دل ۾ بي شمار آ، سائين!

▲

دلربا سان دل لڳائي، پاڻ کي برباد ڪيم
پنهنجي هٿ سان دل ڦرائي،پاڻ کي برباد ڪيم

دل لڳي جي ڪا خبر،دلبر کي اصلي ڪانہ هئي
اشڪ اکڙين مان وَهائي، پاڻ کي برباد ڪيم

يار جي نالي مٿان، سر ساهُ زر صدقي ڪري
تي سخي سڀ ڪجهہ لُٽائي،پاڻ کي برباد ڪيم

دل جي ناداني سبب، پُرپيچ راهِ عشق ۾
خود قدم تڪڙو وڌائي، پاڻ کي برباد ڪيم

عشق کان 'جوهر' ڪئي،توبہَ ۽ زاري مان هئي
واٽ ويندي اک اَڙائي، پاڻ کي برباد ڪيم

▲

بي وفا سان وفا ڪري ويٺُس
دل لڳائي خطا ڪري ويٺُس
وقت ڏاڍو سُٺو پئي گذريو دل لڳي خواه مخواه ڪري ويٺُس
ڪيئن خانو خراب ٿيو دل جو اڄ وري، ڇا مان، ڇا ڪري ويٺُس
دل جي دنيا ۾ انقلاب آٿي دل ۾ محشر بپا ڪري ويٺُس
ساهُ سُهٽي مٿان ڪري صدقي عشق جو حق ادا ڪري ويٺُس
سادگي جو ڪمال آ 'جوهر'
دشمنن کي، دُعا ڪري ويٺُس

▲

زندگي زَهر نہ آهي تہ ٻيو ڇاهي؟
خاڪ دل جو گهر نہ آهي تہ ٻيو ڇاهي؟

ساهہ هڪ سُڪونَ سان ڪونہ ٿو گذري
زيست، دَم گذر نہ آهي تہ ٻيو ڇاهي؟

اضطراب ويا س، ارمانَ جو نالو
مُردگي اگر نہ آهي تہ ٻيو ڇاهي؟

درد منددل ٿي سيني ۾ سرمايو
مالُ چشم تر نہ آهي تہ ٻيو ڇاهي؟

غم نصيب جو مُقدَر، ٻخدا ڄاڻي
سُور، سربسر نہ آهي تہ ٻيو ڇاهي؟

بيقرارُ جانِ ٿي جسم ۾ گُهٽجي
ساهُ دَربَدرَ نہ آهي تہ ٻيو ڇاهي؟

نامراد دلِ شڪستہ سندي هر هڪ
آهَ بي اثر نہ آهي تہ ٻيو ڇاهي؟

ذهن، سوچ، فڪر، احساس واطمينان
سارو مُنتشِر نہ آهي تہ ٻيو ڇاهي؟

بي وفا جَهانَ تي ڀروسو، 'جوهر'
غيرُ معتبر نہ آهي تہ ٻيو ڇاهي؟

▲

مَہ لقا ماہ مُبین- محبوب منهنجا مَہ جَبين
دوست دِلجا دلربا، دلدار دلبر دل نشين

تنهنجي سونهري ڳلن جي سامُهون، رشڪ گلاب!
گل تـو شرمائي، ڦِڪو ڏسجي پيو چندبُ چوڏِهين

سُونَهن جا ميلا سَوين، ماري وينئين محبوب تون
تون سَين سُهڻن ۾ آن سُهڻو، حَسِينن کان حَسين

دل اکيون ۽ وارَ پنهنجا، مان وِڇايان واٽَ تي
پِنبِڻين سان دڳُ ٻُهاريان، جامَ آرِي جي اَچين

چوٽ جبلن تي چَڙهي، هاريان هنجئون مان هوت تـي
پنهنجي سَسئي جا سَهارا، سُور جا سَڏڙا سُڻين

منهنجا سُهڻا، شال مُکڙين جا ڪڙين، گل جان ٽِڙين
آ دعا دل جي اِها، سهڻن ۾ سُهڻو تون رهين

سَؤ دفعا سرساهُ صدقي، لکَ دفعا مان گهورَ ٿيان
جانِ 'جوهر' ساهَ منهنجي جا ثمر پيارا پرين

ٻاڙها
ٻوڙها

▲

تون تقاضا، تون طلب، تون مُدّعا، او دلربا!
مُنهنجون اُمّيدُون، ۽ مُنهنجا آسرا، او دلربا!

ساهُ منهنجو تون آن سُهڻا، رُوحُ راڻا آهِين تون
جانِ من، جانانِ من، جانِ وفا، او دلرُبا!

مان چَڪور آهيان چَريو، محبوب تون آن ماهَ رُو
توتان صدقي ساهُ سر، سئو سئو دفعا، او دلرُبا!

آهِ سوداسر ۾ تُنهنجو، دَردُ ئي دل ۾ اَٿم
سر جي سودا، دل جي دردن جي دَوا، او دلرُبا!

گُلَ گُلابي، زلف ريشم ۽ هَرَڻ جهڙيون اکيون
هٿ حِنائي، لَعلَ لَب، لالي سوا، او دلرُبا!

تُنهنجا لَکَ لائقَ، ڪروڙين قُربَ، ٿورا ئي گهڻا ن
تـو مَجان ماکي ۽ مِصري کان مِٺا، او دلرُبا!

ميڙِي چُوندِي، منهنجي مَنَ جي، ملڪيت مال ومتاع
دل جي دولت، دوست دلبر دادلا، او دلرُبا!

تو نِهاريو ناز مان، مُرڪي جڏهن، مُون ڏي مِٺا
زندگي جا ڏک، سَيئي وِسرِي وَيا، او دلرُبا!

ڪير سَهندو سُورَ سختيون، عشق ۾ ’جوهرِ‘ جيان؟
ڪونَ مِلندءِ پيو چَريو، مون کان سوا، او دلرُبا!

▲

مان صدقي، سر لڳي تو ساڻ، منهنجا يار، مان صدقي
منهنجا محبوب موچارا، مٺا مَنٺار، مان صدقي

تون مُنهنجي سر جو سائين آن، ۽ منهنجو ساهُ آ تو ۾
رَهي جِيئرَو نہ سگهندس، يار توکان ڌار، مان صدقي

نہ واريندس مان سر توکان، ٿيون سر جون سَئون توسان
پَليجان ڌڙ تئي منهنجو، سِپي کان ڌار، مان صدقي

رَقيبن رُوسيا هَن جا، اُنهي دم تاڪ نِڪري وَيا
چيو مون کي جڏهن سُهٽي صنم، سرڪار، مان صدقي

خَريدي دل چڏي 'جوهر' جي، تو آ پيار پنهنجي سان
پيارا يار، تنهنجي پيار تان لک وار، مان صدقي

ڳاڙها
ڳوڙها

▲

وَجي ڪوئي هن کي خدارا ٻُڌائي    اسان کي نہ ظالم، هينئر آزمائي
شرارت جو هٿ جو ڏِگهيري اسان ڏي    اُهو ويندو هٿ پنهنجو مُورَئون مُڃائي
اسان سر تَرِي تي کڻي آهيون نِڪتا    اچي سامُهون، سر جِي جو بازي لڳائي
ويو وقت برداشت جو آهِ گذري    نہ ڪمزور سمجهي ڪو هاڻي سَتائي
سَين سَرڪَشن، کي هي چَئلينج آهي    اِيندو جيڪو آڏو، وِيندو ڪنڌ ڪٽائي
اسان کان هي غيرت جي آهي تقاضا    وَٺون حقّ پنهنجا سَين کان ڀَرائي
ٿي 'جوهر' آهي ظُلم سان جَنگِ واجب
اسان کي حُسين آ سبق ويو پڙهائي

ڀاڙها ڀوڙها

▲

دنيا ۾ دوستن جي لاءِ ديوانا اسان آهيون
نِباهڻ ۽ وفاداري جا افسانا اسان آهيون

ڇڏي خالي ويا عاشق، شهادت گاهُ اُلفت جو
سَڄي ميدانَ ۾ منصور مَردانا اسان آهيون

ٻُڏي ڇڏ رشڪِ ليليٰ، عشق ۾ آهيون گهٽون اڳتي
ڇَڏي پُٺتي وَيا مجنون کي مَستانا اسان آهيون

اَکيون آباد آهن، دِل بُتن سان پَئي پَري آهي
مُحبّت مِهرو اُلفت جا صَنمخانا اسان آهيون

زمانو آهِ ظالم، يا قِتل تقدير آ پنهنجي
کري سرساهُ صدقي، سڏبا بيگانا اسان آهيون

مُحبّت جون فقط ڳالهيون کري کيئي ويا اَڏجي
نباهي نِينهنَ جو ناتو ٿيا وِيرانا اسان آهيون

جهان ۾ عشق جي 'جوهر' جَلائي جوتِ جن آهي
سي قُرباني ڏيڻ وارا تَہ پَروانا اسان آهيون

ٻاڙها
ٻوڙها

۸

شعر منهنجو وقت جو آواز آهي، دوستو!
فِڪر وفن تقدير جو همراز آهي، دوستو!

چَپَ چُرَن ٿا هِت، فلڪ آواز تو هُترّي ڪدي
ربطِ باهِم جو اِهو، انداز آهي، دوستو!

ٿي جهان بِيني سندم، روشن ضميري جو ثبوت
جَم ڪان وڌ، مون ڪي مِليو اعزاز آهي، دوستو!

هي قلم، ويهي لِکي، لوح وقلم جون ڳالهيُون!
هي خدائي ذات، ۽ اعجاز آهي، دوستو!

علم آفاقي ٿيو، طبعِ رَسا جو آ ڪمال
هن فراست، فهم تي ٿيو ناز آهي، دوستو!

هر نفس منهنجو بتيو، خاموش آهي احتجاج
"زندگي جو ساز، بي آواز آهي، دوستو!"

آ زبان تي، احتياط وضبط جو تالو لڳل
چَپَ سِبِي ظاهر ڪيو مان راز آهي، دوستو!

تو وچايان بينسرِي، بي درد دنيا جي اڳيان
درد افزا، غم نَوا، هي، ساز آهي، دوستو!

ڳاڙها
ڳوڙها

فيصلو تاريخ ۾ صادر ڪيو آهي حُسين
سر ڏيڻ وارو سدا مُمتاز آهي، دوستو!

آتشِ نِمرود، توڙي نِيلَ جو درياهُجي
ڏُو اندر، ٿيڻ، عاشقي انداز آهي، دوستو!

ظلم جو خنجر وَرِي ڪو، آزمائي اڄ ڏسِي
زيرِ خنجر گردَنِ جانباز آهي، دوستو!

اِستعِارن ۽ ڪِناين جي مُون وَرتي ڍالَ آ
جو ٿيو ماحول، محرم راز آهي، دوستو!

جاري رهندو 'جوهرِ' دانائيِ حڪمت جو جهاد
ٿي ايجا، طبعِ جهان، ناساز آهي، دوستو!

٨

تنهنجي فرقت ۾ اکين جا نار، مان روئي ڏنو
مون سان گڏ، ڌرتي رُني ۽ آسمان روئي ڏنو

حُسن جي گلشن جي عزّت جا سبب، جانِ بهار
گل رُنا، بلبل رُني، خُود باغبان روئي ڏنو

دل لَڳي ۽ دلبَري، عشق و وفا جي ڪائنات
دل جي دنيا، مِهرو اُلفت جي جهان روئي ڏنو

تنهنجي بي وقتي وڇڻ تي. وقت خود ماتم ڪري
چَنڊَ، تارن ۽ قطبن ۽ ڪَهڪشان روئي ڏنو

ساهُ سر، سهڻي تان گهورڻ آتقاضائي ِ وفا
ڇاتيو 'جوهر' جيڪڏهن سگهون اوهان روئي ڏنو؟

▲

سِينڌِ تُنهنجي مان چورائي، ڪَهڪَشان آهي چَمڪَ
نڳهتِ گل، تُنهنجي پڳهَر کان پِني وَرتي مَهَڪ

راتِ ڪاري، تُنهنجي وارن مان ئي ڪارَهِڻ هٿ ڪئي
چيلهه سَنهِڙي، سَروقد جي ۾ لَڪُڻَ واري لَچَڪَ

آ وفا جي واٽ ۾ مان، راندِ ڪيڏِي جانِ جي
موٽ ۾ مِلندُمِ مِٺو ڦر، پوکيا ناهن مان اَڪَ

زندگي بي سُود آهي ۽ جئڻ جنجالُ آ
اي پَرِي چهرهَ، پَري تو کان پيارا هڪ پَلَڪ

مُسڪرائي موتي هاري، جڻ ڪِنڊِ يرين ڪَندَ تو
مُلڪُ ماري تو چڏين، جَڏهين ڏئين تو تون ٺَهڪَ

رات جون تارِيڪيون، چيري اَچين تو چَندَ جان
ٿِڪَ بَڏي تو ڏي ڏسان تو، ڪِينَ چنيان تو پَلَڪَ

تو اُڏامي هوش سُهڻن جو وَڃي، اڪ ڇِنبَ ۾
لاجواب آهي، جمالِ يار جي، ’جوهر‘ جَهلَڪَ

٨

مکَڻ، ماکي، مِصري، مِٺن کان مِٺا
سِڌا سَروَ کان پِي سنَها ۽ سُٺا

هي مينڊِي رتا هٿڙا، رشڪِ گلاب
تُنهنجا ڳِل تيا ٻَندَ کان پِي چِٽا

تُنهنجي سُونهن سامُهون نه سُهڻا اچن
شرَم کان لِڪَن تا ڏِٺا وائِٺا

هُتي هَٽَ وَڏِيا، مصر جي مَهوشن
جَهلَڪَهڪسان 'جوهر'، تو ڪُونڌر ڪُٺا

▲

تُون منهنجو سُهڻو، تون منهنجو ساهُ
تون منهنجي چاهَت، تون منهنجو چاهُ

ٻيو دلبر ڪونهي، دل وارو يارُ!
دل جو آهي تا ڪُر، توسان تاهُ

بِن تنهنجي مان، ڪنهن ڏي ويندسُ ڪونہَ
ڏڪَ سُڪَ ۾ تون هَمدم، تون هَمراهُ

تون ڪاٿي هوندين، ڪهڙو هُوندءِ حالُ؟
ڳاهِيان ٿي دل ۾ ڳِڻتِين جو ڳاهُ

دل ۾ ڏَڪ ڏَڪ آ، ڀَڪَ اِيندُمِ يارُ
مُنهنجي ٻوڙَن ٻهرَن جو،ٻوڙيون ٻَساهُ

سِجُ چَنڊَ ساراهي ’جوهر‘، ڇا لاءِ؟
تون منهنجو محبوب آهين مِهرُ و ماهُ

▲

اچي هڪ نظر سان نِهاري ويڃين ها
مُئل دل کي دلبر جياري وَيڃين ها

عجب ڇِٽنگ ڇوري وئين دل دکائي
بِرهَ جي ٻَريَل باهِ ٺاري وَيڃين ها

ڇَري ڇاهَ ۾ ڇُور، ماندي مَران ٿي
دِلاسي سان دِلڙي ڏُٽاري وَيڃين ها

پُنهَل يار تنهنجي ٿي ٻانهي سَڏايان
اَچي خواب ۾ سنهنُ، ڏيکاري وَيڃين ها

ڏکن جي ڪَڏي ڪُنَ منجهان دوست دلبر
ٻُڏل ٻيڙي ٻَهڳَڻ، تون تاري ويڃين ها

جدائي ۾ 'جوهر' سندو حال هِيٽون
اَچي يارَ سُهٽل سُڌاري ويڃين ها

▲

ڏٺم خواب ۾ رات دلدار آيو
اَچي ساٿي سُک ٿيا ڏکن موکلايو

اِجهو ٿو اَچي مورُ محبوبُ مُنهنجو
ڪيو جَهٽِ، اجايو مَتان ديرِ لايو

وَڃو، پَهُر هِڪڙو وَهِي سبِ سَهيليون
سُٺي سيجَ سُهڻي لئہ سَهِسين سَجايو

نَچو ۽ ڪُڏو، ڳايو سِهرا ۽ لاڏا
هَٿون خُوبُ جُهمرِيون ۽ تاڙيُون وڄايو

ڇَٽيو واٽَ تي مُشڪُ، عنبر ۽ موتيو
گُلن ساڻ گڏ، وارَ پنهنجا وِڇايو

ڪري مِهرَ محبوب اِيندو اڱڻ تي
سَيئي سازَ سِڪَ جا سُرِيلا وڄايو

پِرِني پيچَ تائين. وِڻو واٽ تي آ
پنهنجي خُونَ جي، جوتِ 'جوهر' جَلايو

ڳاڙها ڳوڙها

▲

ڪاش! اڄ مون سان ڪوئي ڏک ونڊڻ وارو هجي
ڪو تہ همدردي ڪري، ڳوڙهن اگھڻ وارو هجي

هنَ پري دنيا اندر، دردن ڀري دل کي اچي
ڪو دِلاسو، پيار ۽ آٿتُ ڏيڻ وارو هجي

زندگي جي هن سڄي سکئين سفر ۾ هاءِ هاءِ!
هم سفر، همراز، ڪو گڏجي هلڻ وارو هجي

ڪورُسي، پَرچي پيو مون سان، هر هر، هر گھڙي
ڪو هجي جو پيار سان پرچي پوَڻ وارو هجي

عيد آئي آهِ جڳ ۾، مان نٿو سَنيران اچا
ڪو تہ پائي پيار مان ياڪر، مِلڻ وارو هجي

مان محبّت ۾ نہ ٿيندس، پير هِڪڙو پوئتي
سر اَڏي تي آ رکيل، ڪوئي ڪُهڻ وارو هجي

ساهُ سر صدقي ڪيم، ناتو نباهي نينهن جو
ڪو تہ مون سان پيي وفا جي، وِک کڻڻ وارو هجي

زندگي ساري زمني سان، ڏکن ۾ گڏ رُنم
ڪو تہ مون سان گڏ، گھڙي غم ۾ رُئڻ وارو هجي

هن سچي ساٿيھہ ۾، سياڻو سُجھي ٿو ڪونہ ڪو
ڏيھہَ کي ڏاھو ڪيي، جو ڏس ڏيڻ وارو ھُجي

رھنما سڀ پنھنجي پنھنجي غم ۾ آھن مُبتلا
ڪو تہ قومي درد ڀي، دل ۾ رکڻ وارو ھُجي

بادشاھت ڪو چَوي، يا ناني ويڙھو، ڪو سَڏي
نانءَ جي جمھوريت ڪوئي چوڻ وارو ھُجي

آ ضرورت، مُلڪ ۾، ڪوئي جوان اھڙو اچي
جو بَچائي مُلڪ کي، خود ڀي بچڻ وارو ھُجي

سرمد ومنصور کي، سُورِي سَڏي ٿي ھر گھڙي
سچ چوڻ وارو ھُجي، ڦاھي چڙھڻ وارو ھُجي

هن سڄي سنسار ۾ 'جوھر' جيان حسّاس ڪو
ٻئي جي ڏک ۾، ڪو ٻيو، شايد، مَرَڻ وارو ھُجي!

ڳاڙھا
ڳوڙھا

▲

درد جون تو سان مِلي دلدار، ڪجھہ ڳالھيون ڪبيُون
محب منٺڙا ماهَ رُو منٺار، ڪجھہ ڳالھيون ڪبيون

زندگي جي رات ڪاري آھِ پُوري چاڻ تي
رات جي پوئين پَھَر ۾ يار ڪجھہ ڳالھيون ڪبيون

چڱيلائي ۾ نہ آئين، جي جيِاپا جانِ جا
سُورَ جون سَڪراتِ ۾ سرڪار، ڪجھہ ڳالھيون ڪبيون

جي جنازي تي نہ پهچين، قبر تي اچجان ضرور
هٿ ڪٽي تون بخشجان قُل چار، ڪجھہ ڳالھيون ڪبيون

جيئري 'جوهر' کي جاني، پڳَ پَڌائي ڪانہَ تو
آڻ ميّت لئہ گلن جا هار، ڪجھہ ڳالھيون ڪبيون

▲

چَمن تي ساهُ آيو آ، تون لَهُ سُڌِ سارَ، اي ساقي!
سِگهو ڏي پِرتِ جو پيالو، ڪري تمنّار، اي ساقي!

هَتن سان دل ڏٺي هِڪڙي، سَوين غم دَردَ مُون وَرتا
حَياتي ۾ ڪَيُم هِڪڙو، اِهو واپار، اي ساقي!

پيارج ڪو چُڪو اهڙو، ويحن مِنجي مَزي سان جئن
اَلَم ۽ سُور سڀ دل تان، غَمن جا بار، اي ساقي!

قيامت تائين مئخانو، سلامت شل رَهي تُنهنجو
صُراحي، جام ومِينا، بادَهُ ومئخوار، اي ساقي!

درِدلبر جي دَرَ جو مَٽُ نَہ پانيان، باغ جنّت جو
گِهٽِي تُنهنجي تـو سَمجهان غيرتِ گلزار، اي ساقي!

اگرُ پنهنجي مِنا سائين، گُهرايو پنهنجي 'جوهر' کي
پَري تو کان تـو سُجَ سمجهان سچو سنسار، اي ساقي!

▲

ڀلي آئين، سدا آئين. پيارا يار، بسم الله
ڏِسي توکي ٺريون ڪرٽيون، اکين جا ٺار، بسم الله

مَحَل ماڙيون نہ مان وٽ، بسترا بخمل سندا آهن،
اکين سان ڳنڍ اڱڻ تي هي وڇايم وار، بسم الله

چُمي چهرو مُبارڪ تنهنجو، سيني ساڻ مان لايان،
ٻَگلي ۾ وار پارايان، ڪري مان هار، بسم الله

نزع جي وقت ٿيون مايوسَ دل جون، حَسرتُون پُوريون
ڀَري آئين قدم جيڪي، چُمان صدبار، بسم الله

زماني ڪان ڳِلا مون کي جي ڪا آهي، اِها آهي
گهٽون تون دير سان، آيو آهين دلدار، بسم الله

هَٽي ٿو بخت منهنجو اڄ سڪندر سان ڪُلهو دلبر
خوشي جا ڍُهلَ ٿا دل ۾ وڄن سرڪار، بسم الله

نِگاهِ ناز سان 'جوهَر' ڪُٺو پيو آهِ تو آڏو
نہ ڪر تڪليف خنجر جي، نہ ڪڻ تلوار، بسم الله

ڀاڙها
ڀوڙها

▲

تون تہ منهنجي ساهَ جويي، ساهُ آن
دل جي دنيا جو تون شاهنشاهُ آن

چَندَ تارا، آسمان تي ٿا ڀُڏون — هِت زمين تي تون ئي مِهرو ماهُ آن
تو چيو، تنهنجو ٿي رهندس يارَ مان — پَتِ اَٿم تو تي، تون ئي، ويساهُ آن
نِيهُن توسان مان نباهيندس سدا — زندگي جو هم سَفَر، هَمراهُ آن
سهڻا سائين، سر لڳي تو ساڻ، بس! — تون ئي دل جي دوستِي، تون ٿاهُ آن
تون ئي منهنجو پيارُ آن، دلدارُ آن — مهرُو اُلفت جي تون رَسمُ و راهَ آن
سَوَ ڳنديُون توسان ڳنڍيلَ سر ساهَ جون — مُنهنجي اُلفت، مُنهنجي چاهَتَ، چاهُ آن
ڪير ڀيو، تُنهنجي جُتي ۾ پائي پيرُ؟ — سَيني سُهڻن جي سِڄڻ ساراهَ آن
تنهنجو مُلڪن ۾ نہ مَٽُ، محبوبَ يار! — تون ئي ٿاهُوڪو نہ ڪُر، وَهواهَ آن
چاڻ ٿا پُورا ٿين مُنهنجا پَساهَ — دردِ دل کان دلرُبا آگاهُ آن
تون آن مُنهنجي ساهَ جو پويون پَساه — آسَ دل جي يارَ تون، اتساهُ آن

مُنهنجي مَن ۾ مَچُ محبّتَ جو مَتَل
عشق جو 'جوهر' وڏو آڙاهُ آن

ڳاڙها ڳوڙها

▲

ڪِلڻ سانڻ سُهٽي جي مُـڪڙا ڪِڙِي پيا
ڪِنوڻ، چَنڊَ، تارا، ۽ تيڙُو تـِڙِي پيا

مِٺيون ڳالهيون محبوب مُون سان شروع ڪيون
ڪنڊُون ڪِيرَ ماکي ۽ مِصري مِڙِي پيا

ڪُليا ياڳَ منهنجا، جڏهن زلف تُنهنجا
هَٿن سانڌُ پاسي ۾ پاٽهِئي چُڙِي پيا

ڏکيو عشق جو ڏگُ آ ڏاڍو اٽانگو
هِتي شيخ ۽ بِرهَمَڻ با هُڙِي پيا

ڪئي وَرَ جڏهن وائي، 'جوهر' وَڃڻ جي
تڏهن، ڳاڙها ڳوڙها، اکين مان ڳَڙِي پيا

عِشق ۾ آهِ مِليو اِهو انعامُ
رات جو ننڊَ، نہ ڏِينهنَ جو آرامُ

ويو ڇڏي ساهُ، بدَن ٿيو بيڪار
زندگي مُون تي ٿيو، وڏو اِلزامُ

صُبحَ، سانجهي نہ قرار دل کي آهہ
خوابُ پِي خامُ، خيال پِي ٿيو خامُ

ذڪر تُنهنجو ٿـو هَلي پيو مُون سانُ
مُلڪَ ۾ مُنهنجي مَقال آهي عامُ

هڪ ڪَرو وقت رَهي نٿو ڪنهن سانُ
مُعتِبر ناهِ، هي چرخِ نِيلي فامُ

ٿي ويو ميڪدَهُ دل اِئين بربادُ
جڻ تہ تقدير ٿـي زيرِ گردشِ جامُ

ڪشمڪشِ زيست، عجيب آ 'جوهر'
زندگي، مَوتُ، ٻَئي ٿيا ناڪامُ

▲

دلربا دلدار سان ٻانهن ٻَڌڻ جي واٽ آ
محب مِنٺڙي يار سان ٻانهن ٻَڌڻ جي واٽ آ

عشق آهي راڄ رعيّت، حُسن آهي بادشاهہ
سُونهن جي سرڪار سان، ٻانهن ٻَڌڻ جي واٽ آ

ٿي نہ دل ڇاٽي وَڃي، نظرن جي سامُهون ٿي نہ تون
هن تِکي تلوار سان، ٻانهن ٻَڌڻ جي واٽ آ

عشق ۾ ڦاسي، زليخا خود چيو، هن زر خريد
يُوسفِ بازار سان، ٻانهن ٻَڌڻ جي واٽ آ

هوش ڪر نُوري مُهاٽي، ڄام سان سِينو نہ ساهہ
هن سَمي سردار سان، ٻانهن ٻَڌڻ جي واٽ آ

سِيرَ ۾ سر ڪي سَٽي، سُهڻي چيو صدقي ٿيان
مَنَ گهري ميهار سان، ٻانهن ٻَڌڻ جي واٽ آ

هوت سان حُجّت ڇڏي، سَسئي جتن کي خود چيو
هُن پُنهل جي پار سان ٻانهن ٻَڌڻ جي واٽ آ

رَنجّ راڻي کي ڏسي، مُومَل چيو مِنٿون ڪري
تو نَنگّي ننگدار سان، ٻانهن ٻَڌڻ جي واٽ آ

گل بدن، غنچہَ دهن، رخسار صد رشڪِ گلاب!
غيرتِ گلزار سان، ٻانهُن ٻَڌڻ جي واٽ آ

سِنڌ ۾ سهڻو نہ هُن جهڙو، نہ مَٿُ مُلتانَ ۾
سُونهن جي سنسار سان، ٻانهُن ٻَڌڻ جي واٽ آ

دل جو جذبو، جانِ 'جوهر'، رُوح جي آهي رهاڻ
يار دل جي پيار سان، ٻانهُن ٻڌڻ جي واٽ آ

▲

جڏهن کان آ جيئَري جُدا يار ٿيو    پيو سُورُ سِيني ۾ آزار ٿيو
ڪائي ڳالهہ ڪنهن سان ڪيان پيي نَٿو    مَران پيي نَٿو مان، جِيان پيي نٿو

اَلمَ درد دل ۾، سَوين سُورَ ٿيا    چڪيا چاڪَ، جيري ۾ ناسُورَ ٿيا
دَوا درد جي ڪا، وَنان پيي نَٿو    مَران پيي نَٿو مان جِيان پيي نَٿو

مَيان ٿو مَرَڻ آهہِ مُورئون مُنو    جُدائي جو جِيئڻ بہ ناهي سُنو
بِنهي ڪي پَسند مان ڪيان پيي نٿو    مَران پيي نَٿو مان، جِيان پيي نَٿو

آ سُورن سندي زندگي پيي عَجيب    خوشي جنهن ۾ ڪائي نہ آهي نَصيب
اِنهي ڪي حياتي سَڏيان، پيي نَٿو    مَران پيي نَٿو مان جِيان پيي نَٿو

ٿي چولين جي چِڪتاڻ ۾ پئي چِلي    نہ بيڙي ٻُڏي ٿي نہ ساحِل مِلي
ٻُڏان پيي نَٿو مان تَران پيي نَٿو    مَران پيي نَٿو مان جِيان پيي نَٿو

نَٿِي راتِ سُورَن جي سَوَلي ڪُٽي    نہ ڪا جلدُ جوهر ٿي جِندُڙي ڇُٽي
پيوِ ڦٿڪان سَٽڪان، سُمهان پيي نَٿو    مَران پيي نَٿو مان، جِيان پيي نَٿو

▲

جڏهن رشڪِ قمر، اڄ رات جو مُون وٽ اچي ويو
شرم کان چوڏهين جو چَنڊ، ڪَڪرَن ۾ ڇَپِي ويو

سَوين سينگار جي سهٽا هُيا محفل ۾ آيا
پڳو محبوب مجلس ۾، تہ هڪ هڪ تي پيجي ويو

سگهيون بيهي نہ سامُهون، حُسنَ جون شهزاديون پي
ڏسي راڻي کي خود، مُومَل جو طلسم پي ٽُٽِي ويو

وَڏِي هَٺَ ويٺيون اڄ جون زليخائون سَموريون
جَهلڪَ هڪ جانِ يوسف جي ڏسڻ سان هوش اُڏي ويو

لَکن جو مَٺُ مِليو محبوبُ 'جوهر' کي آ جاني
لکين ٿورا خدا جا، رُوحُ رانجَهن سان رَچي ويو

▲

اڪين جو ڀي عَجَب عالم رهيو آ
سُمندر رات ساري ڇڻ اُڙهو آ

ويو صبر و قرار آ موڪلائي    لڳي تو يار سان گڏجي ويو آ
لُڇين ٿي رات ڀر ڇا لئہ، سُمهي پئہ    دلِ نادان! ڇڱن توکي ڇيو آ

ڪري ڇُپ چاپ، سِيني تي رکي هٿ    اکيون ڀوڻي، اِهو تو لئہ ڇڱو آ
رَڙين ٿي رات ساري، تون اجايو!    ڦري ٿي اک، پرين خود پنڌ پيو آ

هي ڪان، ڪان، ڪانوَ جي ڪُوڙي نہ آهي    اِجهو پهتو، هُتان هاڻي هليو آ
سڄڻ جي آ، اڇڻ جي ڦارَ نِڪتي    هي جوڳي ڀي هَٽي ڊِارو ڏِٺو آ

مُحبّت جي ڪرامت آ ٻُڌايو    اچي تو يار، اکڙين خود ڏٺو آ
نگاهن جو ٻِسَٽُ دل مان ٽَٻِي پيو    تِکيروتِيرُ سِيني ۾ لڳو آ

سطر تنهنجي، ڇڏيو گهائي آ دل نَي    تو پِرونَ جي ئي خنجر سان ڪُٺو آ
اُلو سانوڻ آ، يا سيلاب آيو؟    اکين ويچارُين ڏاڍو رُنو آ

ملائڪ موت جو آيو، تہ سمجهيم    مِني محبوب ڪو، ماڻهو مُڪو آ

ڪمالِ عشق جي، 'جوهر' اِهائي
ڪشش ڇئبي، جنازي تي پڳو آ

ڪاڙها ڪوڙها

▲

تو ٻُڌايان درد دل جو، ڪو ٻُڌڻ وارو هُجي
تيا اندر ۾ گهاوَ گهرا، ڪو ڏِسڻ وارو هُجي

هي دلِ مرحوم، منهنجي آ هٿن مان وَئي هلي
هِن کي تو جهڙو سڄڻ، آتـَـتُ ڏيڻ وارو هُجي

پاڻ ڏاڍن ساڻ اکڙين، آ وجي اٽـڪايو پاڻ
هِن چَرِين کي ڪاش! ڪوئي ڪجهہ چَوڻ وارو هُجي

جي ڪُرين کي ڪَنَ هُجن ها، پو ٻُڌن ها، ڪجهہ اکيون
کيئن ڪيان، ڪنهن کي چوان، ڪوئي سُڻڻ وارو هُجي

بي مُروت، بي وفا دلدارُ، اي دل! ڇا ڪندينءَ
پيار سان ماري، وَرِي جيڪو پُڇڻ وارو هُجي

يار بي قدرو نہ گُهرجي، دل ڪري جو جهاتـڪو!
قُربَ جي ڪاتي سان آهِستي، ڪُهڻ وارو هُجي

عشق ۾ اڳتي وَڌڻ، لُنڊِي تي رکڻون پيرُ آ
پَل رکي، جيڪو بہ مان جهڙو، مَرَڻ وارو هُجي

تو قِري هَٿَ تي رکي، بيڪارَ دل 'جوهر' غريب
ڪو ٻڌائي ڪائي قيمت، دل وٺڻ وارو هُجي

▲

اسان وارو پنهنجو، وڃايون ويحون ٿا
ڏکيو وقتُ ڏاڍو، ٽپايُون وَيحُون ٿا

سُکي سُهڻي دنيا مُبارڪ اوهان کي
سيئي آسرا سُکَ جا، لاهيون وَيحُون ٿا

ڏنا ڏک زماني، يا اهلِ زمانہ
ڪندا دل سان تن کي دُعائون وَيحُون ٿا

ڀيو ناز سُهڻن سندا ڪيرُ سهندو؟
وِيچارن کي رِڻَ ۾ رُلايُون وَيحُون ٿا

اَسُرَ تائين ڪن سُورَ، ڪهڙي هان حالت
سَنجهي ساڻ جِندڙي، ڇڏايون وَيحُون ٿا

ڪيو قدر پنهنجن، نہ احساس ڏارين
اِهو سُورُ، سيني ۾ سانڍيوُن وَيحُون ٿا

ڪندا حشر مِهرو وفا جا پُوڄاري
مُحبّت جي مارين کي، ماريُون وَيحُون ٿا

جهان ۾ جيئڻ جو، هُنر هٿ نہ آيو
مَرِي پاڻ ٻئي هنڌ، ڪٽايون وَيحُون ٿا

وَرِي يِي شرم هو، اسان کي ٻين ۾
ڪَفن ۾ تڏهن مُنهن ُلڪايُون وَيُون ٿا

هي، هر دل عزيزي جو عالم ٿي ڇٽبو!
جو پنهنجا پرايا، رُئاريون وَيُون ٿا

هُجومِ جَنازي ڪان، هٿڙا کٽائي
دُعا مغفرت جي گُهرايُون ويون ٿا

هُيا آسَ جا چارِ ڪکِڙا اثاثو
هَتن ساڻ 'جوهر' جَلاَيُون وَيُون ٿا

▲

تون وڃي قاصدَ، پڌائج حال منهنجو يار کي
گُهرج آهي، وصل جي شربت سندي، بيمار کي

سُور سيني ۾ اٿم، سڪرات ۾ آهيان پيو
جلد اچ جانب جيارج، هن جڏي لاچار کي

هوش ٻي هليو ويو، هٿ پير ويا آهن ٺري
دل جي بيهڻ جي خبر ڪر، دل گهرئي دلدار کي

هٿ اکين تي ٿا رکن، سهٽا سگهُو مُنهنڙو پساءِ
وڃ اُڏامي، آڻ جلديءَ تون اکين جي ٺار کي

مُنهن ڏسڻ جي مهل ٿي، محبوب منٺا ماهَ رُو
ناز مان نِرمل نهارج، ناتوان، نادار کي

ڇڻ جدائي جي سبب آهي، جُهريل 'جوهر' غريب
مَنَ پوي ڪو رحم دل ۾، حُسن جي سرڪار کي

ڀاڙها ڀوڙها

▲

منهنجي هر خواب جو تعبير، تون آن
چڱي اُميد جي تصوير، تون آن

منهنجي قسمت بدِل توسانڻ آهي
غَرَض بڻجي چُڪي تقدير، تون آن

ڏکن جي باهِ پئي دل ۾ ٻري ٿي
اُنهي جي لاءِ، ٿڌڙي هِيرَ تون آن

تلخ ڪئي زندگي آهي زماني
ٿيو مون لئہ ڪَندُون ۽ کير تون آن

حياتي منهنجي توسان آ عبارت
مَتَن مان آهِيان، تفسير تون آن

ٻنا هڪ پئي، رهي جيئرو نہ سگهبو
مان رانجهن تنهنجو، منهنجي هِير، تون آن

پَرستش حُسن تنهنجي جي ڪيان ٿو
خدا جاڻي، صَنَم بي پير تون آن

جُهري پئي دل آ "جوهر" جي غمن ۾
ڍَٽَل دل جي سجڻ تعمير تون آن

▲

پَري توکان پرين پيارا، هي اکڙيون رَتُ رُئن تيون پيون
پُسائي پاندَ پنبڻين جا. سجڻ توکي سَڏِن تيون پيون

وَسن برسات جا بادل ٿا سانوڻ جو مَهينو کن
هي ويچاريون تہ وَرهن کان وٺي، دلبر وَسن تيون پيون

چَرين کي پَهرُ پاچو، ننڊَ يا آرامُ ڪونهي ڪو
سدا ڏينهن رات جاڳن تيون، سَدوريون ڪِٿ سُمهن تيون پيون

جڏهن کان يار تيو تُنهنجي اچڻ جو آهِ، هانواٺون
مُنيون ڪاٽي مُڙن تيون، نانگ وانگر هي نچن تيون پيون

ڪئي تو دير جي دلبر، چڏينديون. دل کي هِتِ ڪاٽي؟
اکيون آئي وَئي کان، پَندَ پَربَتَ جا، پُچن تيون پيون

چَيـُمر ڏادو چَرين کي. پَرنہ سمجهيون حرف هڪ 'جوهر'
نہ ڪجهہ بي عقل.دل سمجهو،نہ ڪجهہ اکڙيون پڏن تيون پيون

▲

پَري توکان پرين پيارا، رُئڻ ۾ راتِ تي گذري
مِٺا محبوب موچارا، رُئڻ ۾ راتِ تي گذري

اچي پنهنجي اکين سان ڏس، تہ ڇا هي حال اکڙين جو؟
ويچاريون ڪن ٿيون وَسڪارا، رُئڻ ۾ راتِ تي گذري

ٻُهاري واٽ وارن سان، ڪري چِٽڪارُ ڳوڙهن جو
اَڏيم، اکڙين ۾ اوطارا، رُئڻ ۾ راتِ تي گذري

سَنجهي سان سُور ٿا سَنبَرن، اَسُرَ جو ٿا ڏين اُڌما
تڪيان تي ڏينهن جو تارا، رُئڻ ۾ رات تي گذري

مَٺايان ڪيئن ماٺڪ مان، اُنهي دکَ تي بيٺي آهيان
وَيا جا واٽ وَڻجارا، رُئڻ ۾ راتِ تي گذري

پُڇايان پيرَ تي پيارا، اُڏايان ڪانگ تي تولئي
وِجهان ڦارُون، هٿان ڏارا، رئڻ ۾ راتِ تي گذري

زمانو، سُور آ سارو، گهڙي واندِي نہ آ غم کان
ڏُکيرا ڏينهن ٿيا سارا، رُئڻ ۾ راتِ تي گذري

ڏکن ۾ ڏينهن پُورو ٿئي، ڪَري دانهون تي دل 'جوهر'
رُڳو آهُون ۽ ارسارا، رُئڻ ۾ راتِ تي گذري

▲

ڏسي منهنجي وفائن کي چيو، دلدار، مان صدقي
ڀلا ٿيا ڀاڳ اڄ منهنجا، چيو منٺار، مان صدقي

انهي محبوب مٺڙي تان، ميحي جنهن جي غلامي مون
ٿيان مان سؤ دفعا صدقي، ٿيان لک وارَ مان صدقي

ٻڌي سُورن سنديون ڳالهيون، جڏهن سُهڻي نوازش ڪئي
اُگهي اکڙيون، ڏئي آٿتُ، چيو غمخوارَ، مان صدقي

مان جنهن کي زندگي سمجهي، محبت پيار، پئي چاتو
محبت مان وڏي مون ڏي، چيائين، پيار مان صدقي

ڏکن جي بحر ۾ ٻڏندو ڏٺو مون کي جڏهن 'جوهر'
ٿيو ڏئي سِيرَ ۾ سُهڻي چيو، ميهار، مان صدقي

▲

جي لاتي دير تو دلبر، تہ پو دلدار، مان اِيندس
اجا پِي ڪين آئين تون، تہ تو وٽ يآر، مان اِيندس

سَڏِين يا نا سَڏِين سُهٽا، تون منهنجي سرجو آن سائين
نَهي توسان نہ حُجَت، اڻ سَڏيو سرڪار، مان اِيندس

ڪَچي ڏاڳي سان دلبر، مان بَڌو حاضر، اچي ٿينديس
سڳو سِڪَ جو تون سوريندين تہ اُلفت ڪار، مان اِيندس

پَلي وچ ۾ هُجي آڙاهُ، يا درياهُ يا طوفان
تَپو ڏيئي اَلاَ توهر، مٿا منٿار، مان اِيندس

تون پنهنجا پرت وارا سب، پليجان آزمائي ڏس
اڳي پو، ڪم تہ توکي يار، آخرڪار، مان اِيندس

پَرينَ پَر آهِ جي 'جوهر' مِنو ميهر، تہ چا ٿي پيو؟
دِلو دريا ۾، سُهٽي جان سَٽي، ڏوپار، مان اِيندس

▲

ڏيان ڪر تون دلربا، مون ڪان رُسي راڻا نہ وڃُ
بي سبب ۽ بي خطا، مون ڪان رُسِي راڻا نہ وڃُ

پنهنجي دل تي هٿ رکي انصاف ڪر، مون کي نہ ڏي
بي گناهي جي سزا، مون ڪان رُسِي راڻا نہ وڃُ

ساهُ سر ۽ جان دل، توتان ڪيم صدقي سدا
دوست دلبر دادلا، مون ڪان رُسي راڻا نہ وڃُ

رنجُ ڪاوڙ، تلخي تُرشي، تنهنجي مُنهن تي ڪانہ پئي
ماکي مِصري کان مِٺا. مون کان رُسي راڻا نہ وڃُ

بدگماني يا غلط فهمي. ڇڏي ڏي، يار تون
ڳالهہ ٻُڌُ ٽوري ٻلا، مون کان رُسي راڻا نہ وڃُ

هَٿَ ٻڌان، پيرين پوان، منٿون ڪيان، ڏوهيون وِجهان
توکي تُنهنجا واسِطا، مون کان رُسي راڻا نہ وڃُ

تون جياپو آهين "جوهر" جو، سَهارو ساهَ جو
زندگي جا آسِرا، مُرن کان رُسي راڻا نہ وڃُ

▲

هر اشاري ۾ ادا تان يار، مان صدقي ٿيان
دلرُبائي داؤ تان دلدار، مان صدقي ٿيان

گهور سان گهائي وَرِي تو مُرڪَ سان ماري ڇڏيو
تنهنجي مِنٽِري مُرڪَ تان منٺار، مان صدقي ٿيان

واٽ وارن سان ٻُهاري، نيڻ رستي تي رکان
هڪ دفعو اچ تون هلي، سؤ وار، مان صدقي ٿيان

ٻانَهن سيراندِي ڏئي مان، پيرَ پياري جا چُمان
سرجا سائين، ساهہ جي سرڪار، مان صدقي ٿيان

دل جي زخمن تي رکي، مِهرو وفا جي تو مَلَمَ
منهنجا مُحسن، مهربان، غمخوار، مان صدقي ٿيان

دل ۾ دردن جو آديرو، سُور سِيني ۾ سَوين
لاهِ 'جوهر' تان ڏکن جا بار، مان صدقي ٿيان

▲

اچن مُون وٽ سگهو موٽي مٺا منٺار موچارا
اڱڻ منهنجا ٿين اُجرا وَرِي آباد اوطارا

ڇڏي آباد دنيا مُون، وَسائي آهِ ويراني
وٽي سا وينڙي آهيان، وَيا جا واٽ وَٽجارا

جدائي جي سبب ڳٽين ڇڏيو ڳاري صنا آهي
مَتو مَنَ ۾ اَٿم ماتم، اندر ۾ يارَ اوسارا

خوشي دل ۾ رهي ڪاٿي، جڏهن دل ئي رَهي ناهي
خدا ڄاڻي اُڙها آهن اکين مان ڄڻ ته نيسارا

اچي سانوڻ ويو، جوهر، اچا ڪئي دير آ دلبر
مُنجهي ٿو ساهُ هرَهرَ نيڻ ڪن ٿا واهَ، وَسڪارا

▲

ڀَلا يار ڀُورَلَ، ڀَڃي ڇڏ نہ ڀيرو
سُنا سائين سُهڻا، اچي وڃَ سگهيرو

پَري توکان پيارا پريشان آهيان
جُدائي ۾ جانب جليو آهِ جيرو

ٻُرو مون کي ڀَلجان زمانو سَڏي پيو
آهيان دوستَ تُنهنجو، مَندو توڙي ميرو

آهيان تنهنجو مجنون، تون مُنهنجي آن ليليٰ
منهنجي عشق ۾ ڪڏهين ايندو نہ ڦيرو

ڏِڪاريندين دَرَ تان تہ هَٽندو نہَ هرگز
پيو ايندو 'جوهر' اَويرو سَويرو

## ٨

اڄ اکين محشر مَچايا ملڪ ۾ عيدان ڏسي
مان ملهايان عيد ڪهڙي، دل جو گهر ويران ڏسي

منهنجي مُرڪڻ تي نَپَل، ڏک، درد، اَرمان، حَسرتُون
ڳُٽيوُن منهنجون ڳٽي وَٺُ نِرڙ تي لِيڪان ڏسي

دل ڏکي وئي، رَتُ سُڪي وئي، ساهُ ئي نڪري ويو
نانگ ڪاري جاں نچَنَدڙ، يار جون پِروان ڏسي

ڪنهن اُگهيا ڳوڙها، نہ پَرچايو، پُڇايي ڪنهن نہ ڪئي
بي حِسي جو هي زمانو، مان ٽيس حيران ڏسي

رَتُ رُئي ٽي منهنجي دل، مقصد جي موتين جي بجاءِ
هِن اکين جي لعل لُڙڪن سان پَريل دامان ڏسي

تِڪ بَڌِي لاٿُون جيان، بِيٺو جڏهن منهنجو نصيب
مَحوِ حيرت آسمان ٿيو، گردشِ دوران ڏسي

منهنجي قسمت جو ستارو، نيٺ ويندو بدلجي،
عيد ٿيندي منهنجي آخر، دوست جون ديدان ڏسي

دوستي ڏرتي ملهائي، ڪئي نہ همدردي فلڪَ
سيني ٻرڪيو لونءِ، 'جوهر' جو جگر جهيران ڏسي

▲

تيو پَري اکڙين کان پيارو يار دلبر، عيد ڏينهن
ٿيا اسان جي لاءِ عاشورا سراسر، عيد ڏينهن

دُور ڪنهن کان شل نہ ٿئي دلبَندَ، دلبر، دادلو
زندگي اهڙي کان آهي موتُ بِهتر، عيد ڏينهن

دُوردل کان، ڪينَ مان، هِڪڙي گهڙي توکي ڪيو
رَتُ رُئاري ٿو مِنا، تنهنجو تَصَور، عيد ڏينهن

ٿيو هِلالِ عيد، دنيا لاءِ پيغامِ خوشي
بڻجي منهنجي لاءِ آيو نوڪِ خنجر، عيد ڏينهن

آهِ اُيريو، سج اڄوڪو، سُورَ جو سامان ڪٿي
اَڄ ڏکن مون کي وَرايو آهِ ويتر، عيد ڏينهن

عيد جي سڀ، ڳالهِ چيڙي، اي عزيزو! دوستو!
اڄ نہ مُون کان رَتُ جا وَهرايو سَمندر، عيد ڏينهن

اي مِلڻ وارو! مبارڪ عيد جي، مون کي ـ ڏيو
منهنجي دل کي اَڄُ ڏکايو ڪِينَ هرَ هرَ، عيد ڏينهن

ڪيرُ ڏيندو، اڄ کِلي 'جوهر' مبارڪ عيد جي؟
ڪيرُ، نِوڙِي نياز سان پائيندو يا ڪر عيد ڏينهن؟

▲

زماني ۾ نظر آيو نہ سُهڻو يارُ توجهڙو
ڏٺم ڏاڍو گهمي، ڪونهي ڪٿي دلدارُ تو جهڙو

ڏوناليون ڊيدهَ جون، سامهون ڪٿي سُهڻا سَوين آيا
سِڌو اهڙو، ڪيو ڀئي ڪنهن نہ دل تي وار تو جهڙو

بِنا خوشبو جي گل آهن، گلابي گل، نہ آ موتيو
ٻڌايان پيار مان جنهنکي، ڳچي جو هارُ تو جهڙو

مان تنهنجي ناز تان صدقي، مان تنهنجي پيار تان قربان
پرين پيارا، اچي تو ڪرِ نہ ڪنهنکي پيارُ تو جهڙو

پٿر تي تُوهہ جان سُهنا، پيا آهن سَوين 'جوهر'
مگر ڪونهي، مِٺو ماکي، مکڻ، مَنٺار تو جهڙو

ڳاڙها ڳوڙها

▲

عيد مان تڏهين ڪندس دلدار، هتِ ايندو جڏهن
مُحبُ ماکي کان مِٺو منٺار، هتِ ايندو جڏهن

سوڍي آئِي سِيندِ سُرمون، لائبا ميندِي مُساڳ
سُونهن مان سُهڻو ڪري سِينگارُ، هتِ ايندو جڏهن

مان مَٿيندُس ويسُ ڪارو، لِيڙون لاهيندس لِباس
پَهري پَٽُ پنهنجو پيارو، يارُ، هتِ ايندو جڏهن

پيئبا شربَت بہ گڏجي، کائبا زردا پُلاءَ
حلوهَ لب، شِيرين شَڪرَ گفتار هتِ ايندو جڏهن

گل بہ گڏجي پائبا، وَرکا گُلن جي پِي کَبي
گُلبَدن، گُلرُو ۽ گل رُخسار هتِ ايندو جڏهن

پِنبڻِين جا تِيرَ تاڻي ۽ بڇي پِروان ڪمانَ
تي سراپا جَنگِ، لئہ تيّار هتِ ايندو جڏهن

نيمُ بِسمِل تي مان نچندس، قُربَ جو 'جوهر' ڪُنل
صدقي ٿيندس سؤ دفعا، هِڪوار هتِ ايندو جڏهن

ڪاڙها ڪوڙها

▲

متا محب توسان جڏهن يار ملبو
سَچي رات ويهي سچڻ سُور سَلبو

ڪَبيون دل جون ڳالهيون سَيئي ڪولي ڪولي
ڪوئي حال احوال پُنتي نہ ڇڏبو

ڪَبيُون حسَرتون دل جونُ پوريُون سَيئي
اَجائي تڪلّف ۾ هرگز نہ رَهبو

هَٽن سان هَٽائي حِجابَن جا پَردا
بِين جا ڇڏي آسِرا، پاڻ وَڌبو

زماني ڇڏيو آهِ سڀ ڪجھ سِيڪاري
پَرائي چَوَڻ تي ڪڏهن ڪين هَلبو

هَٽي هَنڌ ڪبو، هاڻي هرگز نہ هَٽبو
مُحبَت جي ميدان ۾ سر ڪي سَٽبو

ڪبو ساهُ قُربڻُ قَدمن ۾ 'جوهر'
مَرَڻ تائين محبوب ڪان مُنهنُ نَ مَٽبو

ڳاڙها ڳوڙها

▲

اکين اڄ وَسايا وڏا مينهن آهن
جدائي جا ڏاڍا ڏکيا ڏينهن آهن

سڄي رات سُورن جي رُئندي گُذاريم
لڳا نازِنين سان نوان نينهن آهن

بَلا عشق جي مَن کي مَستي آ بختي
محبّت جا دل ۾ اُتيا شِينهن آهن

خبر ناهِ 'جوهر' ته ڇاهي حيتي؟
مِلڻ جا اِهي ئي ٻه ٽي ڏِينهن آهن

▲

مِنا محبوب اڄ توسان سِڌو سَنئون فيصلو آهي
سِڌو ٿي ويهه ڪَنَ ڪولي، پَڇَڻ ۾ ڇا رکيو آهي

ڪَيون ڳالهيون ڀـ تي دل جون، اڪيلا پاڻ ۾ ويهي
ٻين جو ڇا وڃي وِڄ ۾، هي پنهنجو مسئلو آهي

شرع ۾ جي هٿان تنهنجي مون هارايو شرم ناهي
ڪٿِڻ ۾ گهٽ ۽ هارائڻ ۾ وَڌ، مون کي مَزو آهي

سَڏي مجنون هٿن مون کي پٿَرَ پل بارَ پاڙي جا
سِياڻو قيس جهڙو پي، نـ مانهن کان بَڇيو آهي

جدا دلبر نـ ٿيندا سِن، سَدا گڏ پاڻ رهنداسون
نباهڻ جو قسم آهي، وَفا جو واعِدو آهي

ڇڏينداسُون نـ هڪ ٻئي کي مَرڻ تائين مِنا سائين
زماني کي ٻُڌايون، فيصلو دل جو اِهو آهي

مَحان ٿو اڄ پي ماري وئين، ڪِٿي وَئين پيار جي بازي
مِنا 'جوهرُ' نـ ٿو آڌو، اڳي ٿي مُئو پيو آهي

▲

اکين وَڏَ ڦُڙا مِينهن آهن وسايا
ڪري ياد محبوب محشر مَچايا

ڏسي عيد جو چَنڊَ چُڻڪي پيون جڻ
چَرِين آهي سَمجهو تہ عاشُورا آيا

جدائي ۾ دانهُون ڪيون دل بہ ڏاڍيون
پَري يار کان نِيرَ نيڻن وَهايا

مَحِين ڪين ڪنهن جي چوڻ ڪي چَريون ٿيون
ڪَري وَس وَيا سَيئي پنهنجا پَرايا

مُڙيُون ڪين 'جوهر' رُئڻ کان سَدريون
اکين کي ميحائڻ جا حِيلا هَلايا

▲

ٻَلا يار ٻُورَلَ تون ٻيرو نہ ٻَڇجان
سُنا سائين سُهڻا سِگهيرو تون اچجان

جي مُنهنجي اکين مان، ڏِسين مينهن وَسندو
تہ واپس نہ ويجان، هِتي رات رَهجان

سَڙيو ساڙ ۾ پيو زمانو آ سارو
ٻِين جي چَوَڻ تي تون لَعلڻ نہ لڳجان

ٻُڌين جڏهن 'جوهر' هتن مان وَڃي تو
مَرَڻ مَهل سُڌ سار سُهڻا تون لَهجان

▲

ڏِينهن مُنهنجا ٻيِ مِلن توکي سَدا مان خوش ڏسان
آ دُعا دِل جي اِها مان ٻي دعا ڪهڙي گهُران

زندگي مُنهنجي آن تون ۽ مُنهنجي هرهڪ آرزو
مُون سنڀاليو ساهہَ ڪان وَڌ، توکي آهي جانِ جان

رُوح جي سوغات آهين، دل جي دولت ۽ پيار
منهنجي خواهش، مُنهنجي چاهَتَ، منهنجي جَذبن جي زبان

هر ادا مَعصُومُ تنهنجي، باغ ۾ مُڪڙين مثال
شل ٽِڙي، آهي سلامت جيستائين آسمان

تون جياپو آهين منهنجو، منهنجي منزل ۽ مُراد
ڏار توکان آ قيامت، آهي توبہَ. اَلاَمان!

توبنا جِيئڻ جو دنيا ۾، نہ ڪو مقصد اٿم
تون جواني ماڻِ جاني، مان ٻَلي هَلندي هَلان

تون اکين جو نُورُ آن، دل جو سَهارو ۽ سُرُورُ
آهہِ روشن توسان گڏ، مُنهنجي اُميدُن جو جَهان

ساهُ صدقي، جانِ ’جوهر‘ مُون ڪيان هڪڙو تہ ڇا؟
گهورَ ڏسجن تا ثُريآ، چَنڊَ، تارا. ڪَهڪشان

ٻارڙها ٻوڙها

▲

هاڻي هِتڙي ڇاهي سائين؟
توبنا ڪجهه ناهي سائين!

زندگي جا ويڻو آهيان
آسرا سڀ لاهي سائين!

پَنڌَ پَربَت جا پَري آهن
ڪيچ ويندي بَسِ ڪاهي سائين!

هوش پي هليو ويو آهي
ويو جڏهن ڪان آهي سائين!

مان زَهُر پيِي. جند ڇڏائيندس
ڏَسُ ڏنو ڪنهن ڏاهي سائين!

هجر جو طوفان وَيو 'جوهر'
گهر خوشي جو ڊاهي سائين!

▲

گلابي ڳلن وارا رابيل گل
چَنبيلي تي شرمائي توکان ڪَنولَ

تنهنجا ريشمي زلف سُنبل کان وڌ
اکيُون نرگسي ڏند موتين مثل

سَنها يارَ سهٽا سِڏا سَروقد
ڏسان ڪونہ ڪاٿي تو تُنهنجو بَدَل

ڪٿي حُوران حِيلا هزارين ڀي ڪن
تہَ ڀي تُنهنجو سگهنديون نہ تي هَم شڪل

محبّت ۽ مَستِي، جَواني جو مَٿُ
ڏٺو ڪونہَ ڪاٿي مُون آهي اَصُل

تنهنجو جِسمُ رشڪِ بُتانِ حَرمَ
بَدَن تنهنجو آ غيرتِ تاج مَحل

چَريو تُنهنجي نازن، اَدائن ڪيو
پَري توکان 'جوهر' جي گُذري نہ پَلَ

▲

اڳيان تنهنجي، ٻيو ڪير سهڻون سڏائي؟
يڳا حُسنَ وارا، سيئي تُنهنجي آئي

تنهنجي پيرَ جو مَٽُ نہ بڻجي سگهي ڪا
ڪري هارَ سِيگار، سَوَ سُرمان پائي

مَٽان اُڏري پِلَٽان اَچن سَوَ سُهڻيون
نہ تنهنجي جُتِي ۾ سگهن پيرُ پائي

چَٽي دَزَ نہ تنهنجي سگهي سُونهنَ ۾ ڪو
تَڪا حُسنَ وارا تہ گهوڙا يَجائي

خدا توکي بخشي جواني دِيوانِي
سدا سُونهَن ۽ عُمر، عزّت وَڏائي

ڏِسي تُنهنجون دلبر اَدائون پياريوُن
سَوِين سُهڻيون وِيئيون سُتتُ مُنهنُ لِڪائي

هِتي عشق جي ڳالهہ، هلندي ئي رهندي
ويو پنهنجو 'جوهر' بہ وارو وڄائي

▲

اڪين ڪان پَري ٿيو اڪين نارُ آ
حَياتي ٿي مُون لاءِ آزارُ آ

زمين جيڏو سِيني مٿان بوجُهہ ٿيو
فلڪ جيترو دل مَٿان بارُ آ

جُدائي سبب سِينو سوراخ ٿيو
ٿي دل جي هي دامن سڄي تار آ

سڄو ڏينهنُ سُورن ۾ تَڙپان پيو
سَڄي رات نيڻين چڙهيو نارُ آ

وَيو يار، وَئي موڪلائي خوشي
سُڄو دل جو سارو ٿيو سنسارُ آ

پَري مون کان محبوب، تقدير ڪيو
جگر بَندَ، دلبندَ، دلدار آ

سِگهو ايندو 'جوهر' چڱا سَپُ چَوَن
اڃي ويجهو ٿيو، وَصل جو وارُ آ

ڳاڙها
ڳوڙها

▲

دل چوي ٿي اڄ تہ ھتِ دلبر، رَھي پَئہ راتِڙي
مون تي مِنٿا مهرباني ڪر، رَھي پَئہ راتِڙي

ساهَ سان سِيني ۾ توکي، سھڻا سائين سانديان
مِينھُن ڏاڍو ٿو وَسي ٻاھر، رَھي پَئہ راتِڙي

ھن ڏکي ڏُبري کي راتا، ڏئي نہ وَڃ ايڏو ڏھاڳ
مِھرَ مُون تي ڪر، مُئي جا وَرَ، رَھي پَئہ راتِڙي

حال دل جو اوريان، جند جانِ توتان گھوريان
پيار جي توکي ڏيان پاکر، رَھي پَئہ راتِڙي

لاءِ سِيني سانڻ سُهڻا، ساهُ آ سَڪراتِ ۾
موتُ مُھلَتَ ڏي ڪٿي ٻيھر، رَھي پَئہ راتِڙي

ماڙيُون مون وٽ نہ آھن، آ غريباڻو گُذر
ھن ڪَچن ڪکڙن، پکن اَندر، رَھي پَئہ راتِڙي

وارَ پنھنجا مان وِڇائي، ٻانَھن سيراندِي ڏئي
حال جو ھُوندو ڪَنديَس حاضر، رَھي پَئہ راتِڙي

پاندُ پائي، ھٿ ٻَڌي، پيرين پَئي، آزيُون ڪري
عرض ’جوھر‘ ٿو ڪري ھَر ھر، رَھي پَئہ راتِڙي

▲

جدائي جو جگر ۾ ڦٽُ، هميشہ تازو تَو رهندو
ڏُکي تـو درد دل ۾ سُورُ سِيني جي اَندر رَهندو

جدائي ۾ بِالاخِر، ڦٿڪِي ڦٿڪي ساهُ مان ڏيندس
بِيو چارو نہ رهندو ڪو، نہَ ڪوئي چارَہ گو رَهندو

مِنٿ موتي نہ ايندين جيستِائين دل جي دنيا ۾
خُوشين کان تيستائين خالِي اُجڙيل دل جو گھر رهندو

[illegible] جاني درد [illegible] مقصودِ سفر آهي
[illegible] [illegible] [illegible] [illegible] مِعراجِ نظر رهندو

[illegible] [illegible] منهنجو، سا هيو نيهن ڏک آهي
[illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] ڏکُ عمر ڀيو رَهندو

[illegible] [illegible] مشعر ٿيو ڏاڍو
[illegible] [illegible] [illegible] [illegible] جاري [illegible] رهندو

▲

غير کي هم ڪنار ڪرڻو پيو
دوستن ۾ شمار ڪرڻو پيو

دوست ڇوبدگمان ٿيندا جي
دشمنن کي پيار ڪرڻو پيو

ٿا ڪٺون ساڻ ساهه جا دشمن
مصلحت کي شعار ڪرڻو پيو

قحط هرچيز جو ٿيو آ تڏهن
بي هنر تاجدار ڪرڻو پيو

وقت هرگز نه هڪ ڪرو رهندو
چرخ تي اعتبار ڪرڻو پيو

ڪنهن ڇڱي انقلاب جي خاطر
وقت جو انتظار ڪرڻو پيو

مشعلِ طور پاڻ ئي باري
آسمان شعله بار ڪرڻو پيو

رهبري لئه خِضر به ڪين لڌو
چور تي انحصار ڪرڻو پيو

زندگي جي جڏهن ٽٽي اميد
موت کي اختيار ڪرڻو پيو

بي حِسي قوم جي مَعاذَ الله!
پاڻ تي پاڻ وار ڪرڻو پيو

اڄُ ٻڌائي ضمير جو آواز
هلڪو دل جو غبار ڪرڻو پيو

مَرحبا وعدَه وفا 'جوهر'
مون کي اڄ بار بار ڪرڻو پيو

▲

هي خزان جي آهہ جُهوتن جو اَثر
صبحدم پيو ڪين تيو مون لئہ سَحرَ

منهنجي بربادي جي لئہ هن آسِمان
پوئتي ڪهڙي ڇڏي آهي ڪسر؟

ڪيئن ڪيان دانهون نہ مان، اي همنشين!
آشيان تي برق تي آ جلوه گر

بي مَزه بنجي وئي ساري حيات
تنهنڪري بهتر، ٿئي جي مختصر

جنهن ڪيو برباد گلشن باغبان
پاڻ ٿي خانہ بدوش آ دربدر

ڇا مان سمجهان؟ دل جي دولت جن لُٽي
آسمان جي تن مٿان آهي نظر؟

هِتِ لڳن ٿيون هر قدم تي ٺوڪرون
ڪيئن ڪبو 'جوہر' دراز آهي سفر

▲

منهنجو توسان پيار هوندو آ
اِن ڪري انتظار هوندو آ

جنهن ۾ اَفيُونِ غم هجي ساقي
جام سو خوشگوار هوندو آ

مانعِ راه جي شڪايت ڇو؟
گل جي دامن ۾ خار هوندو آ

جنهن ۾ ڪامل آ قُوّتِ احساس
سو سدا بيقرار هوندو آ

سچ چوڻ آهه، جان سان کيڏڻ
دار تي شهسوار هوندو آ

ڇو زبان بندِ قيد ۾ رهجي؟
دانهن جو اختيار هوندو آ

مون ڪان پوشيده راز ڪونهي ڪو
پر حيا پاسدار هوندو آ

بربريّت جو برزبان نالو
آ دمّيت تي وار هوندو آ

پل بہ واندو نہ وار آ منهنجو
هر گهڙي انتظار هوندو آ

پل ڪِري آسمان کان بجلي
آشيانو، تيار هوندو آ

ويندو گذري خبر نہ پوندي ڪا
وقت بي اعتبار هوندو آ

هر خزان جي غبار ۾ 'جوهر'
ڪاروانِ بهار هوندو آ

▲

دوستُ تون آن،ا يارُ تون آن
هِن اکين جو تارُ تون آن

منهنجي دل توساڻ آهي
واسطو ٻئي ساڻ ناهي
دردَ دل جو ڪير لاهي؟
دلرُبا دلدارُ تون آن

نِينهنُ مان توسان لڳايو
پاڻ کي تنهنجو سڏايو
توبنا سڀ ڪُجهه پَرايو
پِرتِ منهنجي، پيارُ تون آن

نَرگسي اکيُون عُنابي
گُلبَدَن ڳلڙا گُلابي
خُوبصُورَت مُنهن ڪِتابي
غيرتِ گُلزار تون آن

جانِ من، جانِ بهاران
نازشِ حُسنِ نگاران
ڪائناتِ دل فگاران
سُونهنَ جو سنسارُ تون آن

آهيان نوڪر بہ تُنهنجو
تا سڏِن 'جوهر' بہ تُنهنجو
هَر گهڙِي، هرَ هَر بہ تنهنجو
ساهَ جي سرڪار تون آن

▲

سَچ جي ٻيڙي ٻُڏي رئي، ڪُوڙُ ٿو ٻيڻو نچي!
ڪُوڙَ، سچ کي، ڪَسوٽي ڪهڙي تي آخر پرِ ڪجي؟

لائقي، نالائقيءَ جو فيصلو ڪنهن وٽ ڪجي؟
حَقَ ۽ ناحق جو پئمانو مُقرّر ڇا ڪجي؟

آسجو سارو ڪَرَشمو، شُوميءَ قِسمت سندو
حاتمِ دوران رُنان، سڪٿين هٿين ٿو موٽجي!

تُوم ٿي پيدا ٿئي، جيڪو ٻه ٻِجُ ٿو پوکجي!
ٿي پوي ٿي ڇِپ، هُما سمَجهي ٿو جنهن کي پالجي!

دوستِي جي رَنگَ ۾ دشمن هَٿن ٿا ڏنگَ پيا
دوست ڪنهن کي سَمجهجي ۽ ڪنهن کي دُشمن ڀانئجي؟

ڪُوڙُ لاڳيتو ٻڌي، ڪَن پي نَهي ويا ڪُوڙ سان
اوچتو سَچ جي ٻُڌڻ سان، ڪَنَ ٿو ڦٽجي پوي

ٿي نٿو 'جوهر' سگهي، دامنَ رهي خالي هينئر
"يارُ پي چاڪي هُجي ۽ سِندِ پي اٿيي هُجي"

▲

ڪيڏو ڏور دلبر، عَجَب آهي اِهو
اِهو ظلم آهي، غَضَب آهي اِهو

جدائي جو صدمو سَهَڻ ناهِ سَهنجو
مَرَڻ لاءِ ڪافي، سَبَبْ آهي اِهو

مان تهنجي گِهٽين ۾ گُهمَڻ وارن سندا
چُمان پيرَ پيارا، اَدب آهي اِهو

جهان سارو مُون کي، چَريو ٻلجان چئي
اَصُل عاشقن جو، لَقبَ آهي اِهو

ٻيو ڪوئي ڏوِکيو نہ 'جوهر' کي آهي
جدائي ۾ ٿيو، جان ٻَلَبُ آهي اِهو

▲

ڏِٺُم خوابَ ۾ بَخت، منهنجو کُلي پيو
اچي رات جو چَنڊ، جهولي جُهلي پيو

تَپا ٽينگَ ڏاڍا، ڏنا دل خوشي کان   هَٽي ڇوليُون دل جو دريا ڇلي
ستارا پئي مُنهنجي مَٽان گهور ٽيا   جڏهن مورَ مُنهنجي اگڻ تي ٽِلي
کُلهو کيرُ مون سان، هَٽي هاٽي سگهدو؟   جڏهن مون سان محبوب مُرکِي مِلي
حبيبن جي آئي اَندر ٺي ٺَرِي پيو   حَسَدَ کان حَريفن جو، جيرو جَلي
کُلن شل نَہ اکڙيون، مَزا ماڻجن پيا   گهٽون دير سان ڀاڳُ، آهي ڀلي

لَهِي آسمان، آيو آهي زمين تي
هٽي هامَ 'جوهر' مُحمّد عَلي پيو

▲

منهنجو يار ايندو منهنجو يار ايندو
چوي دل ٿي منهنجي، تہ دلدار ايندو
سُٺو سُهڻو سائين، مِٺو ماکي مِصري   منهنجو مَهْلَقا، ماهي مٺارُ ايندو
جدائي ۾ جنهن جي جَلَن جانِ جَيرا   هَلي هاٺي هِتِڙي هُو هڪوار ايندو
وينداڏِينهن ڏک جا، سُکن جو سَمون ٿي   قسم آ خدا جو تہ غمخوار ايندو
پئي آهيان پاتارَ ۾ يار 'جوهر'
اَٿم پَڪَ سُٺي سَڏڙا ميهار ايندو

▲

يار سُهڻو خود اَچي ٿو، يا تہ ٿو قاصد اچي
اڄ خوشي مان هي چَرِي دل، نانگ وانگر ٿي نچي

رات دل کي خواب ۾، دِلبر اچڻ لئي خود چيو
مان هَلي تو وٽ اچان ٿو، ڏِينهنَ ٿيا آهن ڏٺي

نينگَ ڏي، ڀلجان ٽپا، دل دوست جي آئي ڀَلي
ڀَلجان ڳائي هو جَمالو، مَرجان جُهمريون ڀي هَڻي

آ اکين کي ڀي اجازت. ڪن تياري رَقصَ جي
موَج مَستي ڪن ڀَلي، محبوبَ پنهنجي جي ڏِٺي

عرض آهي هِن هَٿن کي، چُستُ چيڙا ڀي ٿين
يار جي آئي نَہ پُٺتي، دکا ڪَسَر ڪوئي ڇڏي

مُشڪ عَنبر هاريو، واٽون ٻُهاريو پنبڻيون
گل بَدن، گُلَ رنگَ، دلبر جي مَٿان گُلڙا ڇٽي

گُل، گُلابي رنگ ٿو پَهري جڏهن، سُهڻو لباس
يارُ سُهڻو، ٿو سَڀن سُهڻن کان، ٺاهُوڪو لڳي

جَنگِ حسن و عشق جي وچ ۾، اِجهو ٿي پيارَ جي
آ وڏو جهيڙو، ڏِسون ٿا، ڪير ٿو بازي کٽي؟

اڄ خوشي ۾ تنهنجي دل 'جوهر' وَڃي وَهلور ٿي
چاڻ ٿي دلدارَ سان مَحفل مُحبت جي مَچي

▲

مُون ڪَڏهين ڪنهين سان دَغا ڪانہَ ڪئي
ڪَنهين حڪمران جي ثنا ڪانہ ڪئي

جُهڪايم نہ گردن، اڳيان غير جي
جَهلي هٿ، فقيري صدا ڪانہَ ڪئي

گُهريم جيڪو، جڏهين بہ اَللہ کان
مَدَد ڪنهن خدا کان سوا ڪانہ ڪئي

مان ڪڏهين فلڪ تي اُڏامڻ سندي
تقاضا، طلب، مُدّعا ڪانہِ ڪئي

لکيو لوح تي جيڪو مون کي مِليو
مُقدّر جي هرگز گِلا ڪانہ ڪئي

ڇڏيُون هيڏي دنيا ۾ اَنُ ڪُٺ جهان
ويحان ٿو، ڪنهين ٻي وفا ڪانہ ڪئي

مان 'جوهر' زَهر پيتي سُقراطَ جان
مِٺي مَصلِحت جي دوا ڪانہ ڪئي

▲

تيـو جـڏهـن ڪان پيـار آ پيـارا
مُـنهـنجـي دل بـي قـرار آ پيـارا
موسُمِ گل ۾، زندگي مُنهنجي   تو بِنا، بي بهار آ پيارا
صُورِ اسرافيل ڇا آهي؟   سُور جي هڪ پُڪار آ پيارا
مُنتظر تنهنجي لئه، نظر آهي   چشمِ دل، اشڪبار آ پيارا
حُسنَ آڏو نه آهِ ڪجهه 'جوهر'
عـشـق خـدمـت گُذار آ پيـارا

# غزل

حريمِ ناز سندو آستان، نہ آ معلوم،
نہ آھ نقشِ کفِ پانشان، نہ آ معلوم.
لنگھي ويو آ ڪڏھن ڪاروان نہ آ معلوم،
ٻُڌان ٿو بانگِ جرسِ ڪاروان، نہ آ معلوم.
اگرچہ ھستيِ گيتي ڪان مان مٿي لنگھيس،
وليڪ شمس و قمر، ڪھڪشان، نہ آ معلوم.
مان تنھنجو دستِ حنائي ڏسي ٿيس حيران،
شفق جو رنگ، گلِ بوستان، نہ آ معلوم.
مون ماوَ رائي غم و عيش آ لڌو مسڪن،
بھارِ عيش ڪجا ۽ خزان، نہ آ معلوم.
ھي آھ ڪھڙو پسِ پردَه، صاحبِ طنّاز،
نھان ڪڏھن آ، ڪڏھن آ عيان، نہ آ معلوم.
تميز ظلمت وضو جي وئي آ ضايع ٿي،
ڇا گل، ڇا خارِ مغيلان، ميان نہ آ معلوم.
غنودگيءَ ۾ لبِ گوش جو پيو آواز،
نديم! ھاءِ اھو داستان، نہ آ معلوم.
شگفتگي دلِ ويران ۾ جنھن ڪان پيدا ٿئي،
اھو ڪلام، ڪليمي بيان، نہ آ معلوم.
سڙي ويا جتي شھبازِ فڪر جا 'جوھر'
اھو الاھي، زمان و مڪان، نہ آ معلوم.

۸۰

فضائي دهر کي ناسازگار سمجهان ٿو،
خصومتِ فلڪِ فتنہ بار سمجهان ٿو.

عجيب ڪشمڪشِ زيست هر نفس ۾ آهہ،
حياتي، موت سان چڻ دمڪنار سمجهان ٿو.

مه و نجوم ڇا، ارض و سما ٿيا ناساز،
عجب مخالفتِ روزگار سمجهان ٿو.

ذرا معاف ڪيو، سچ چوڻ ڏيو، يارو،
دماغ جي بہ رڪڻ، دل ۾ بار سمجهان ٿو.

دل و دماغ، نظر، حواه فڪر آ پابند،
قدم قدم تي بندش هزار سمجهان ٿو.

ويحان وڃي مان ڪٿي، هي دلِ پَراگنده؟
دماغ ۾ بہ تہ چَڪر هزارَ سمجهان ٿو.

ڪٿي بڌاءِ، تون راهِ نجات، اي همدم!
سفر هي پنهنجو ڏکيو ڏاڍو يار سمجهان ٿو.

ڏسان خزان کي ٿو بربادين جي فڪر ۾ آ،
۽ اشڪبار اکين مان بهار سمجهان ٿو.

سدائين وقت،نہ ڪنهن ساڻ سات ڏيندو آهہ،
هميشہ وقت کي بي اعتبار سمجهان ٿو.

فريد فرد نہ آهيان، م ن 'جوهرِ' خستہ،
هتي تہ بزم سڄي، دلفگار سمجهان ٿو.

ڳاڙها ڳوڙها

▲

ڏوهہ تنهنجو يار ناهي، مُنهنَ مِڙَئي مُون ڏي ٿيا
فيصلو دل جو هي آهي، مُنهنَ مِڙئي مون ڏي ٿيا

بيوفا، ظالم، چَوَنْ محبوب کي آهي غلط
سڀ سَڏَن مون کي تہ ڇا هي، مُنهن مِڙَئي مون ڏي ٿيا

ٿيندو، حُسن وعشق جو جهيڙو، جڏهن آهي ڪٿي
عِشقُ چَڙهندو آهي ڦاهي، مُنهن مِڙئي مون ڏي ٿيا

بيوَفائيون مُنهنجون آهن، يار آهي بي قصور
هُوتو مون سان پيو نِباهي، مُنهن مِڙئي مون ڏي ٿيا

سڀ خطائون ڏوهہ ڏنڊ منهنجي بِلي 'جوهر' ٿيا
ڪيئن سگهان سِينو مان ساهي، مُنهنَ مِڙئي مون ڏي ٿيا

هلي پيو مَنزِل مقصد طرف آ ڪاروان پنهنجو
ڏسون ٿا ڪاٿي پهچي ٿو؟ نہ آ انجام جي پَروا

سلام آهي اُنهن تي جي صليبن کي چُمي آيا
نہ جن کي نام جي لالچ نہ ڪا انعام جي پروا

ڪتابِ زندگي جن جو عِبارت آهِ سُورن سان
نہ ٿيندي تن کي وقتي رَنجَ ۾ آرام جي پروا

فلڪ جي ڪج رَوِي ۾ شمس گرَدي تو ڏٺي آهي
نہ ڪر مرَدِ قلندر، گردشِ ايّام جي پروا

دليلِ بي ثباتي گردشِ ليل ونهار آهي
اُميدِ صُبح روشن رک نہ ڪر تون شام جي پروا

اسان منصور آهيون وقت جا، ناهيون ڪي درباري
هَٺون ٿا حقّ جوَ نعرو، نہ آ الزام جي پروا

اسان جو خُسروانِ وقت سان آ واسطو ڪهڙو؟
زمانہ عام ۾ آهيون، اسان کي عام جي پروا

ڪَنهين خواهش تي پنهنجو دم، ڪڏهن نِڪتو نہ آيارو!
ڪئي ناهي ڪڏهن ڀي حَسَرتِ ناڪام جي پروا

سَمُوريون شَهہ رڳون دل جون اڳي ئي پيون ڪٽيون آهن
نہ آ ڪنهن شوخ جي شمشير يا قتلام جي پروا

نہ رَهندو آ هميشہ وقت ڪنهن سان هڪ ڪرو ’جوهو‘
”نہ ڪر مَردِ قلندر گردشِ اَيّام جي پروا“

▲

زندگي جو سخت هوڏاڊو سَفَر
شڪر آهي، تي ويو پورو مگر

موت برحق چئي، ڪيم آخر قبول
پيو نہ چارو هو، نہ ئي ڪو چاره گر

ٻارڙائپ کان، ٻُڍاپي تائين يار!
سُورُ هئي ساري حياتي سَر بسَر

ڪين هو تقدير تي ڪجھ اختيار
آسمان تي پي، نہ هو پنجو اَثرِ

مان تہ بيوَس پي هُيسُ، پابند پي
ڇا ڪيو مان پاڻ، مون تي ڇو ڏمَر؟

پنهنجي سورن جي سوانح، ڇا لکان؟
نِرڙَ تي قُدرَت لِکيا آهن اکر!

آسرو بخشش جو آ، الله ۾
تي شفاعت ئي مُحمَد صہ ڏي نظر

يار کان قاصد نہ آيو، ڪو اچا
شايَد عِزرائيل ايندو، اَڄُ نامہ بَر

آہ نازڪ ڏاڍي 'جوهر'، هي گهڙي
خير سان پورو ٿئي، شَلَ پويون پهر

# كافيون

▲

مِنو مُحب منهنجي اڱڻ آهِ آيو
ڪيو جَهتِ خوشي مان مِنايُون وِرهايو

لَڪين لُطفَ لائق ڪروڙين ڪَرَم ٿيا
ويٺي هنڌِ والي آ وار و ورايو

خوشيءَ جا ٿادل ۾ وڄن دُهل هاٺي
هَٺو خوبَ جُهمريُون ۽ تاڙيون وڄايو

نَچو ۽ ٽَپو ڳايو سِهرا ۽ لاڏا
سَهيليُون ۽ سَرتيون سَموريون سَڏايو

حياتي وِڇوڙي ۾ گُذري آ 'جوهر'
مَرَڻَ مَهل ٿيو آهِ لايو سَجايو

▲

وِيحي پيغامَ پَهچائج پياري يار کي پانڏِي
پَري توکان مِنا منٺارَ مُونجِهي پَئِي مَري مانڊِي

وَيحي محبوب کي چئجان، جڏهن مِهمانُ ٿي ايندِين
وِچائي وارَ تو هيٺان، مان ڏِينديَسِ ہانَهنَ سيرانڊِي

پِڳو دل جو ٻَٽائينديَسِ، جگر جا کوفتا ناهي
هَني سي هند کنديَسِ، ٿِينديَسِ جڏهن مان هوت هيڪاندي

دلِ ناچيز چا، سر ساهُ سَؤ پيرا کري صدقي
چُمي تنهنجا قَدَمَ دل ني رکي، ويهان ٿي پيرانِدي

کَيئَہِ آزِيُون نيازِيُون يار کي ڏاڍيون، مگر 'جوهر'
پَڙايو کِينَ ياڳن، يار تنهنجو کونہ ٿيو کانڌِي

ڳاڙها ڳوڙها

# ڪافي

وڇوڙو تو تنهنجو، منا محب ماري،
جدائيءَ ۾ ڳڻتين ڇڏيو ساهه ڳاري.

وئي وسري مون کان سجڻ هي خدائي،
سوا تنهنجي ساجن، نه ڀيو حاليائي،
قسم تنهنجي سر جو لڳس تنهنجي لاري،

گهڙي هڪ نه غافل ٿي توکان گذاريان،
پنهل يار توکي ئي پلپل پڪاريان،
سدا توکي سهڻا، سندم ساهه ساري.

ڪري ياد توکي، مان جانب جيان ٿي،
پري زهر جا ڍڪ، مان ڍولڻ پيان ٿي،
نه آ منهنجي وس ۾ ته ويهان وساري.

اٿم پڪ جنازي تي 'جوهر' جي ايندين،
ڏِسي مُنهن، ڪري دانهن، سُڏڪا ڀريندين،
وَسائيندين بارش، مٿان لڙڪ هاري.

۸

او يار منهنجا دلدار
تون ساهَ جو آن سينگار
منهنجي محبّت توسان دل جي آ، الفت توسان
ويندس مَرِي توکان ڏار
سر جون سٽُون توسان دل جو وري ڇا پئي سان
مَنَ جو تون آهين منٺار
سِرُ ڏي سلامي تنهنجي دل ڏي غلامي تنهنجي
سر ساهَ جي تون سرڪار
دل جي دعا آ سائين مَن جون مُرادون پائين
تون خوش هجين هردم يار
دل آهِ ڏاڍي مجبُور گهُٽجي ٿو دَمُ توکان دُور
مون کي نہ مِٺڙا تون مار
سهٽا سدائين 'جوهر' تنهنجو ٿي رهندو نوڪر
تن ۾ لڳي جنهن کي تار

▲

او سهڻا سائين تو تان صدقي ويحان
سر سُوڏو گهر پي پنهنجو گهور ڪيان

تون مُنهنجو دلبر جاني محب مِٺو
تُنهنجي قُربن مون کي آ يار ڪٺو
مُلڪن ۾ تُنهنجو ڀيو ڪو مَٽُ نہ ميان

مان سُونهن َجي تو ڪان ٿو خيرات گُهران
تنهنجي دَرَ تان ٿو دلبر، دانُ پنان
ٻيجل وانگر ٿو سِرَ جي سينَ هٽان

سهڻا سامهون اچن سَوَ سينگار ڪري
ڀلجان ڀيٽا ڪن، جن جي ڪو ڏي قري
هارائي ويندا بازي تنهنجي هٿان

ميندِي رَتڙا تنهنجا هي هٿڙا چمان
گلڙن جهڙا تنهنجا مان ٻِلڙا چمان
تنهنجون سهٽيون اکڙيون ۽ ڀير َ چمان

سيني سهڻن جو تون سلطانُ آهين
پنهنجي 'جوهر' جي جانب جانِ آهين
تنهنجي قدمن تان مان قربان ٿيان

▲

وِجهي دل کي وارن سندا وَنگَ سڄڻ
هَنيون دل تي ڏاڙو تو اڙ ٻَنگَ سَڄڻ

ڪَيَئہِ وارَ دل تي نظرِ جا نِهاري
منا مورَ مُرڪي ڇڏيئہِ مُحب ماري
ڪَتي دشق جي تو آهي جَنگَ سَڄڻ

ڪيئي پيارَ سان پنهنجا عاشق بڻايئہِ
ڪيئي ناز نخري سان سَرڪش نِوايَئہِ
عجب دل ڪَسڻ جا اَتئي ڍَنگَ سڄڻ

اِڱيان تنهنجي سهڻا چِٽو چند ٻيا هي
مِني تو جيهي ماڪي مِصري نہ آهي
تون آن سُونهن ۾ دلرُبا دَنگَ سَڄڻ

ٻُرِي يا ڀَلي آهيان تنهنجي پَناري
ڪِني توڙي ڪوجهي سَمان تو سَهاري
تون نُورِي نِڌڪِي جو آن ننگُ سڄڻ

تو تيرِ نظر سانُ ماري ڇڏيو
ڪري سِينو ڇاڻي، تو ڳاري ڇڏيو
حَياتي ڪان 'جوهر' تيو تَنگ سَڄڻ

▲

آسان جي اکين جو سڄڻ نُورُ آ
ڪوئي مَٽَ نہ محبوب جو مُور آ

ثريا هُجي، چَنڊ تارا هُجن
نَٽا حُسنَ ۾ دلرُبا سان لَڳن
اڳيان جنهن جي پانهي، بَٽي حُور آ

مُحبتَ ۾ جنهن جو نہ آهي مِثال
ٿيو قربَ ۾ جنهن کي حاصل ڪَمال
وَفا ۽ مُرُوّت ۾ مشهور آ

جَواني ديواني جو ناهي جواب
ميندِي رَتڙا هَٿڙا ٿيا رشڪِ گلاب
شرابي اکين سان مخمور آ

نظر سان نِهاري ٿو ماري ڇڏي
ڪَري نازَ انداز ڳاري ڇڏي
ڇڏيو گهائي دل کي، سندس گهور آ

کِلڻ سان وِڄُ جا ٿا وسڪارَ ٿين
ڏسڻ سان هليا هوش سڀ جا وَڃن
سندس دَرُ اسان لئہ جَبَل طُور آ

پَري هُن کان، ڪائڻ نہ پيئڻ وَڻي
کُٽي راتِ 'جوهر' ٿي تارا ڳڻي
ڇَري دل مُحبّتَ ۾ مجبورُ آ

ڳاڙها
ڳوڙها

▲

مِنا مورَ ماڻن سان ماري هَليو وَئين
ڏَئي پيار دِلڙي ڏُتاري هليو وئين

تنهنجا پيار دل تان نٿا يارَ وِسرَن
مِني مُرڪَ ماڻان نہ منٺار وِسرن

ڪَيَئہِ دل تي جيڪي نَہ ٿا وارَ وِسرَن
مگر تون تہ سڀ ڪجهہ وِساري هلِيو وئين
مِنا مورَ ماڻن سان ماري هَليو وَئين

نظر تنهنجي نِرمل نهوڙي ڇڏيو آ
جدائي ۾ سُورَن وَڪـڙي ڇڏيو آ

بنا ڏوهَ جي مُنهنُ تو موڙي ڇڏيو آ
ڳَهيلي کي ڳَنتين ۾ ڳاري هَليو وئين
مِنا مورَ ماڻن سان ماري هَليو وَئين

ڏاڍو دل کي دلدار دَلبر وَٽين وَئين
نَظَر جا تِکا تِيرَ دل ۾ هَٽين وَئين

ڪري نازَ اندازَ دلڙي ڪٽين وَئين
خوشِيون دل جون سارِيون ٻهاري هَليو وئين
مِنا مورَ ماڻن سان ماري هَليو وَئين

لَٿا ڪينَ دل تان اڳِيان ڏينهن آهن
اکين اَج وَسايا وَڏا مِينهنَ آهن

لَڳا چڻ تہ 'جوهر' نوان نِيهنَ آهن
اچي خواب ۾ مُنهن ڏيکاري هَليو وَئين
مِنا مورَ ماڻن سان ماري هَليو وَئين
ڏَئي پيار دِلڙي ڏتاري هليو وئين

▲

چڏي سنسار سچو، مون توسان پيار ڪيو
مان ڳولهي جڳ سچي ۾، سُهڻو يار ڪيو

تون منهنجو ساهُ سچڻ، تون ماکي آهين مکڻ
تنهنجو محبوب ڏسڻ، آ چمڪي جڻ ڪا ڪِنوڻ

پَري ڪان مار ڪيو، نظر جو وارُ ڪيو
چڏي سنسارُ سچو، مون توسان پيار ڪيو، مان ڳولهي........

پيارا پيار تنهنجي تان صدقي ساهُ ڪندس
محبت جي مان زنده رسم و راهَ ڪندس

اِهو ڪولي تي چڙهي، اَٿم اقرار ڪيو
چڏي سنسار سچو............

وفا جي واٽ صنم، ڪڏهن يي ڪانہ ڇَڏيم
خوشي سان سُور سَٺم، نہ ڪڏهن يي دانهن ڪَيم

نہ 'جوهر' ڪنهن سان، اِهو آ اظهار ڪيو، چڏي.......

ڳاڙها ڳوڙها

▲

او يار سجڻ، دلدار سجڻ
محبوب مٺا، منٺر سجڻ

دِلڙي ٿي گهري، تو ساڻ هُجان
توساڻ جِيان، توسڻ مَران
توکان نہ ڪڏهن ٿيان ڌارَ سجڻ
او يار سجڻ دلدار سجڻ

تُون چَندَ هُجين، مان چڪور هُجان
مان هر گهڙِي توتان گهورَ هُجان
صدقي ٿيان سؤ سؤ وار سجڻ
او يار سجڻ دلدار سجڻ

اکڙين ۾ مان تنهنجي جاءِ ڪَيان
بئي ڪَنهن ڏي نہ ڪڏهين مورِ ڏسان
رَهُہ ساءَ اندر سَردار سجڻ
او يار سجڻ دلدار سجڻ

تون گُلڙو هُجين مان خارُ هُجان
'جوهر' نہ گهڙِي هڪ ڌارِ هجان
مُون ڪان نہ پري تون گهار سجڻ
او يار سجڻ دلدار سجڻ

تون شَمعَ هُجين مان پَتنگ هُجان
مان تنهنجي مُحبَتَ ۾ مَلنگ هُجان
رگ، رگ ۾ رچين، تون يار سجڻ
او يار سجڻ دلدار سجڻ

▲

مُون کي سرساه کان زياده پيارو دلرُبا آهي
نفاست ۽ نزاڪت ۾ نيارو دلرُبا آهي

سڄي دنيا جي سُهڻن کان سڄڻ منهنجو سُٺو آهي
منهنجو محبوبُ مِصري توڙِي ماکي کان مِٺو آهي
سمورن مه جبينن کان مو چارو دلربا آهي

مُنهنجو دلدار دلبر سُونهن ۾ سڀ کان سَوايو آ
جو پنهنجي خاص هٿڙن سانْ ڪاريگر بَڻايو آ
ڏسان ٿو ڏيهه ۾ سڀ کان وِڏارو دلرُبا آهي

سَڄي سنسارَ جي سُهڻن ڏني جنهن کي سَلامي آ
لکن جي لاڏِلي جي مان مَجي 'جوهر' غلامي آ
ڪروڙن قُرب وارن جو سَهارو دلرُبا آهي

ڳاڙها ڳوڙها

٨

دلڙي دوست کٽي وَيو ڏاڍو هَٽي
اهڙو ڏاڍ ڏسي، ڪَيم ماٺِ ڪٽي

ڪنهن کي دانهن ڏنم، ڪنهن کي نہ ڏسيم
ڪنهن وٽ، ڪانہ، ڪا، فرياد ڪَيَم
خالي سِيني ۾ سانديي، سُورُ رکيم
هاٽي ساهہ، سگهان تو، ڪون کٽي

آيو تيرَ کٽي، تلوارَ کٽي
زلفن کي بہ سَنواري، ڏيئي ڦٽي
سوَ سِينگار ڪري سُهڻو بَڻي
ڦرلٽِ دل جي وئي مون کي بہ وَٽي

پيارو ساهہ کان زياده آهِ صَنمَ
جنهن جي لاءِ سڄو سنسارُ ڇڏيم
تُنهنجي حُسنَ مٿان دل قُربانُ اٿم
هي دل تنهنجي آ، تون آن دل جو ڏٽي

ڏاڙو ڪيئن چوان، ڦُر ڪيئن سڏيان؟
آهِ دل جي محبت توسان گهڻي
دل جي دانهن مان 'جوهر' ڪيئن ڏيان
پنهنجي دل جي مان مرضي ڇو نہ رکان؟

▲

پلا ڪيستائين، ستم پيو سَهان ها
مَران ها نہ جي مان تہ پيو چا ڪيان ها

سَڏِڻ موت کي يارَ سَستو تہ ناهي
چَڙهڻ دار تي هيئن چَرچو تہ ناهي
ڏکن جو زَهَر ڪيستائين پيان ها

حياتي سَراپا جَهنَم بَڻي هُئي
مَرَڻ سان مِلي مون کي، مَس مَس خوشي هُئي
پو هيڏي ڏسان ها، يا هوڏي ڏسان ها

مون روڪي نہ هئي راهَ، تنهنجي زمانا
تہ پي وارَ مُون تي، ڪَيَئہ ظالِمانا
ڇَڏين ها ونيو واٽ پنهنجي ويان ها

مَجي تو زمانو، سندم بي گناهي
فَلڪ پاڻ روئي، ڏئي تو گواهي
اِهو آمِ ڪافي، پيو چا چَوان ها

سَڏِڻ ڪُوڙ کي سَچَ، ڏاڍو ڏکيو هو
مَرَڻ رات کي ڏينهَن، چَوَڻ ڪان سَنو هو
ڪِٿي زور آڏو مان 'جوهر' جُهڪان ها

▲

منهنجو يار تون آن ۽ دلدار تون آن
منهنجي دل جي دنيا جي سرڪار تون آن

سڄڻ سَين سُهڻن جو سردار تون آن
مٺو مُلڪَ ساري کان مٺار تون آن

چِٽي چَندَ کان وڌ چمڪدار تون آن
سَين نازنينن ۾ نِروارُ تون آن
منهنجو يار تون آن ۽ دلدار تون آن

بئي پروان تنهنجون ڀيون تلوار آهن
گلابي گُلن جهڙا رخسار آهن

هَرَنَ جهڙيون تنهنجون اکيون يار آهن
اسان عاشقن جو اکين ٺار تون آن
منهنجو يار تون آن ۽ دلدار تون آن

گُلن کي وِرهائي ڏنو رَنگَ، بُو تو
فضا ساري سهڻا، ڪئي مشڪبُو تو

ڏنو حُسن حُورن کي آ، خوبرُو تو
سڄي مُلڪ جي سُونهن، سينگار تون آن
منهنجو يار تون آن ۽ دلدار تون آن

ڏيو سُونَهن ۾ مَٿ سنڌ ڪونَ دلبر
سَڏي سِڪَ سان توکي ٿو، بيمارُ 'جوهر'

هَلي اچ تون هاڻي اَتَمِ وقت آخر
سَندَمِ آخري آس، آڌارُ تون آن
منهنجو يار تون آن ۽ دلدار تون آن

ڳاڙها ڳوڙها

▲

جڏهن ڪان تو دلبر آ مُنهنڙو مَٽايو
تڏهن ڪان اکين، وَڏَ ڦُڙو آ وَسايو

جڏهن ڪان سڄڻ سات منهنجو ڇڏي وئين
منهنجي دل ۾ دردن جو تون گهر اَڏي وئين
تڏهن ڪان خوشي مون ڪان، آمو ڪلايو

مُنهنجي دل ۾ تنهنجو، سڄڻ گهر اَڏيَل هو
وَڏي ناز نخري سان سُهٽا بَٽيَلَ هو
هَٽي تِيلي هٽ ساڻ تو خود جَلايو

ڏني باهِ دلبر تو منهنجي بَدَنَ کي
ڏکائي ڇڏيئِ دل ۾ دَردَن ڏکن کي
آ سيني ۾ سُورَن وَڏو مَچُ مَچايو

جَهڙو آهيان تَهڙو، سڄڻ تنهنجو آهيان
چڱو يا مَنو، پئي تہ ڪنهن جو مان ناهيان
سڃاڻي سڄڻ ڇڏ، تون پنهنجو، پَرايو

جڏهن ڪان رُسِي تون وَئين مورَ مِصري
سَڄي وئي خدائي مون ڪان يار وِسِري
تڏهن ڪان آ 'جوهر' کي سُورَن سَتايو

▲

هلين تو جڏهن سينڌِ سُهٽا سَنواري
ڪَرين ڇيهَ ڇاتي نَضرَ سان نِهاري

هَٽِي ميندِي لوڏي هَلين تو هَٿن کي
جڏهن لعل لالي لڳائي لبن کي
ڪيئي واٽ وِيندا ڇڏين مورَ ماري

ڪَري هارَ سينگارَ جڏهين لَنگهين تو
اِنهيءَ لوڏ سان لاڏلا لکُ لَهين تو
تو دل ڦينڪَ عاشق ڇڏين يارَ ڳاري

ڪيو دل کي گِروي آ گُفتار تنهنجي
وِڏو مُرڪَ موهي آ منار تنهنجي
ڪَسيو هوشْ تُنهنجي آ نِرمَلَ نظاري

ڇَڏين وارَ ڪارا ڪُلهن ڪان ٽَپائي
عَجَب نانگَ سيني تي پنهنجي نَچائي
وَيو سُهٽو 'جوهر' تماشو ڏِيکاري

▲

اِئين نيڻ ڪٽي نہ نهارِ سڄڻ
ڪري ناز نَوان نہ تون مارِ سڄڻ

هَٽي ديدهَ جي ڏونالين دَنگُ ڪيو
تنهنجي مَستُ ادائُن مَلَنگُ ڪيو
آهي ماري ڇَڏيو تنهنجي پيار سَڄڻ
ائين نيڻ ڪٽي نہ نهارِ سَڄڻ

تنهنجي عشق آ يارَ بي تابُ ڪيو
ڦِٽي نِندَ وئي دل کي بي خواب ڪيو
ڪيو عشق تُهنجي آ آزارُ سڄڻ
ائين نيڻ ڪٽي نہ نهارِ سَڄڻ

مون کي موتَ پنهنجي جو ارمانُ ناهيَ
وڃي جوڀ تنهنجو ويو يارَ آهي
ٿئي تنهنجي دامن نہ داغدار سَڄڻ
ائين نيڻ ڪٽي نہ نهارِ سَڄڻ

ڪيا حُسنَ تنهنجي سَوَ حَيرانُ مٿا
ڪي جوهر جَهڙا جوڌا جَوانَ ڪٺا
تنهنجي پيار جي تيزُ تلوارَ سڄڻ
ائين نيڻ ڪٽي نہ نهارِ سَڄڻ

▲

اکيون تنهنجون چِمان، رُخسارَ چِمان
تنهنجا پيرَ چِمان، پيزارَ چِمان
او محبوب مِٺا منٺار سڄڻ

اکيون تنهنجون چِمان رُخسار چِمان
تنهنجون پروان اِهي، کَماندار چِمان
ڏِنگا زلف تنهنجا، دلدار چِمان
تنهنجا پيرَ چِمان، پيزارَ چِمان
اکيون تنهنجو چِمان، رُخسار چِمان
او محبوب مِٺا منٺار سڄڻ

جڏهن لالي لَبَن کي لائين ٿو
ڏئي يارَ ڦِٽي سِيندِ سَنوارين ٿو
وَرِي غازه ڳِلن تي لَڳائين ٿو
ڪري ڪارو ڪَجَل ک اَڙائين ٿو
تڏهن سورَهن ئي سِينگار چِمان
او محبوب مِٺا منٺار سڄڻ

تنهنجا ناز انداز ماري ڇڏِن
تنهنجا لاڏ ۽ پيارَ ڳاري ڇڏِن
ٻاهيون ٻِرهَ جون ٻُٽَ ۾ ٻاري ڇڏِن
وَرِي قرب تنهنجا دل کي ٺاري ڇڏِن
مِٺي، مُرڪَ سنَدءِ منٺار ڇُمان
او محبوب مِٺا منٺار سڄڻ

توکي دل جي ڌڙڪن ۾ قابُو رکان
اکين جي اگھڻ ۾ مان جايُون ڏيان
سوا تنهنجي 'جوهر' نہ جيئري ڏسان
مَران تہ بہ مِٺا چِهرُو تنهنجو ڇُمان
ڇُميو توکي ڇُمان صدبار ڇُمان
او محبوب مِٺا منٺار سڄڻ

▲

جڏهن ڪان اکين توکي دلبر ڏٺو آ
ڦٽي ننڊ، آرام مون ڪان رُٺو آ

پَري توکان پيارا خوشي ڪانهَ آهي
ڏکن سان پَريل زندگيءَ يارَ ڇا هي؟
جدائي جو مان سخت صدمو سَٺو آ

اديون پاڙي واريون اوهان ئي ٻڌايو
حَسِينن سَين ڪان سچڻ آ سَوايو
مُنهنجو ماکي، مِصري، مِٺن ڪان مٺو آ

چِتائي ڏسڻ سان ڇَرِي دل ڪري وَئين
مٺا مون ڪان سڀ ڪجهه، تون منهنجو ڦُري وئين
ڏِني ڏينهن ڌاڙو، ڏِٺو وائڙو آ

جدائي ۾ ڪاڏو نه پيتو وَٽي تو
رڳو ساهُ سُورَن سان، 'جوهر' ڪٽي تو
وَڏو مينهن مُنهنجي، اکين مان اُٺو آ

▲

جدائي ۾ تنهنجي مان بيمار آهيان
گهڙي ڪَنَ جو مِهمانُ لاچار آهيان

حياتي سڄي سِڪَ ۾ گذري وَئي آ
ڪڏهن ڪانَ تو مِهرباني ڪَئي آ
ڇا اهڙو وڏو مان گُنهگار آهيان؟

تون هرحال ۾ مُنهنجو دلدار آهين
خدا ڄاڻي مُون ڪان ڇو بيزار آهين؟
مگر مان تہ تنهنجو وَفادار آهيان

تون ليڪين نہ ليڪين، منهنجو ساهُ آهين
مُنهنجي دل جي دنيا سندو شاهُ آهين
مَرَڻ تائين تنهنجو طَلبگار آهيان

جي ڏسڻو اَٿئي مُنهنُ تہ وَهندو هَلِي آ
نہَ لِڪَ لوڪَ کان، طَعنا سَهَندو هَلِي آ
مان تُنهنجي مُحبَتَ ۾ ٿيو خوار آهيان

ڏسان ٿو اکين تي، اِجهو هَٿَ رکَن ٿا
مَرَڻَ مَهلَ پيي جَذبا، توکي سَڏِن ٿا
جُدائي جي جِيئڻ کان بيزار آهيان

پَري ٿيو اکين کان جڏهن نُورُ آ
حَياتي ٿي 'جوهر'، سَڄي سُورُ آ
ٿيو پاڻ تي پاڻ پيي بارُ آهيان

ڳاڙها ڳوڙها

▲

منهنجا يار دلدار سهڻا سَچا
سَڏي ڪير توکي سڄڻ بيوفا؟

مان تنهنجي سچاين تان صدقي وَڃان
مان تنهنجي وَفائن تان سرگھورَ ڪيان
محبت جي دنيا سندا بادشا

ڪري قرب مُون سان ۽ ڏاڍا پيار
وَڌائي سڄڻ دوستي جو وقار
ڪيو تو محبّت جو آ حق ادا

مَڃان ٿو مٿا مِهرباني وَڏِي
خدا توکي ڏي زندگاني وَڏِي
اِها دل مان نِڪري ٿي دلبر دُعا

ڏئي قُربَ ڏاڍا ۽ قُربانِيون
تو مُون تي ڪيون يارَ مِهربانِيون
نہ ايندو ڪڏهن توکان 'جوهر' جُدا

▲

مکڻ ماکي مِصري کنڊون کير سائين
مٺا مورَ محبوب مَهميرَ سائين

نہ کو سُونهن ۾ تُنهنجو ثاني سُجهي ٿو
پيو حُسن ۾ مَٿُ نہ شاني ٻُجهي ٿو
پنهنجي پِرتِ وارن سَندا پيرَ سائين

مُون توکي وِساريو مٺا مُور ناهي
رکيو دل ۾ توکي سدا آهِ ناهي
اکين آڏو تنهنجي آ تصوير سائين

خبر ناهي مان وٽ، خوشي ڪڏهن ايندي
جڏهن ايندين دلبر، تڏهن عيد ٿيندي
هَٽان ويني ڏارا، پُڇان پيرَ سائين

جدائي جا کارا کَکَر کِينَ رهندا
وِٿي جن وِڏي آهِ جلدي سي ڍَهندا
اِجهو ختم ٿيا زور زنجير سائين

جدائي جي تيرن کئي ڇَيهَ ڇاتي
سَڙي ساهُ، دل ۾ بِرهَ باهہ لاتي
ٿيو 'جوهر' جو جيرو سَڄو جهِيرَ سائين

▲

ڏکن جي ڏڌَلَ، ساڻ مون سان هَلي
سُکن جي پَلِيَلَ، پاڻ پنهنجو پَلي

ڏکيو پنڌ، پربَتَ جو ڏاڍو پري
سفر سجَ جو، ڪائي، مَتان اُجَ مَري
ڪٿي سر تان هٿ، سائي رِڻ ۾ رُلي

جبل جهاڳٽون، هُونئن تہ آهي ڏکيو
ڏُونهون درد جو، جنهن جي دل ۾ دکيو
پُڄي ويندي سا، جنهن جو جيرو جَلي

اجايو نہ ڳالهيون، ڪا مُون سان ڪري
سُڃي سُورَ ڪان جا، پڄي ٿئي پَري
اَندرُ اَڌ هُجي، سُورُ، سائي سَلي

ڏکيو پيچرو پَبَ جو، پٿَرن منجهان
سُکِي واٽ سَهنَجي نہ ڪا ڪَهڪَشان
پِٿُون پيرَ ٿيا پنهنجا، رَتُ سان رَلي

آديون، مِهرباني ڪري سَڀُ مُڙو
پنهل جي نہ پيرن پٺيان، پَئي رڙو
پَڌي هَٿَ ٿو 'جوهر' سَين ڪي جَهلي

ڳاڙها
ڳوڙها

▲

مڪڻ ماڪي مِصري مِٺن ڪان مِٺا
سَڏي ڪير توکي سگھي بي وَفا؟

مُرَوَت ۾ محبوبَ مشهُور آن
مُحبّتَ جي دنيا جو مَنصُورُ آن
تُنهنجي دَرَجي ڀانهي تي سِڏجي وَفا

عجب تُنهنجا نازو ادا دلبَري
وفا مِهرو اُلفت، ڪَرم گُستَري
تون ناتي نباهڻ ۾ آن واهَوا

جگر بَنَد، دِلَبندَ، تون ساهُ آن
تون مُلڪِ وفا جو شَهنشاهُ آن
وِساريندا توکي نـ اَهلِ وَفا

مان تُنهنجو، تون منهنجو وفادارُ آن
مِٺو يارُ منٺارُ، دلدارُ آن
تون 'جوهر' جو دلبندَ آن دلربا

▲

اسان کان پکي پيي تہ آهن سِياڻا
چِڏِي ڪُجھہ نہ پُنتي، وجن ٿا اُڏاڻا

ٻَہ ٽي ڪک ٻُهاري، اچي گهر آڏن ٿا
سدائين ٿا سَمجهن تہ هاٺي لَڏِنِ ٿا
هميشہ ٽِڪڻ لئہ نہَ ٿاهن ٽِڪاڻا

نہ ڪي مَحلَ ماڙيون، نہ ٺاهِن پڪا گهر
هَلڻ هارِڪا، ويٺا سوڻن سدا پَرَ
مِٺي ٻولي ٻولنِ، سُٺا سُرَ سُهاڻا

رکن ڪا نہَ لالچ، نہ گڏ ڪن ڪا دولت
اَچي جيڪي هٿ، کائيپي ڪن ٿا پُورتَ
ڪيا معاف مولاَ، پکينِ کان پُڇاڻا

هميشہ تہ رهڻو، هِتي ناهِہ 'جوهر'
گهڙِي پهَرَ لئہ، مالُ دولت نہ گڏ ڪر
ڏيندءِ ساٿ ڪوئي نہ پنهنجي پڇاڻا

▲

پُنهل پيار پنهنجا، پُلائي ڇڏيا تي
ٻُڪيون جانِ جيرا، جَلائي ڇڏيا تي

اڳيون ڳالهيون ساريُون وِساري ڇڏيون تي
وِيچاريُون ڪيئي مورَ، ماري ڇڏيون تي
ڇوري جا تہ ڇَڪَا ڇڏائي ڇڏيا تي

مُنهنجو نالو دل تان وساري تون وينين
اڳين دل جي پَتّي ميساري تون وينين
نوان نانءَ دل تي لِکائي ڇڏيا تي

هَٽي تِيرَ دل کي جدائي جا ظالمَ
ڏنئہِ سُورَ سَوَ بي وَفائي جا ظالم
اسان جا تہ ڪَنڌا ڪَٽائي ڇڏيا تي

اڳيان قُربَ تنهنجا نَٽا يارَ وِسرَن
اڳيان نازَ نخرا، نٽا پيارَ وِسرَن
اهڙا پيچَ پُختا ڪي پائي ڇڏيا تي

تنهنجي عشق ۾ ڪوڙ مَستانَ آهن
هزارين پريشانُ، حيرانُ آهن
سَوين راڄ راٺا رُلائي ڇڏيا تي

پَري توکان پيارا، بُرو حال آهي
مُحبَتَ جو منڙا، وڏو ڪالُ آهي
مَزا مُلڪ مان ئي لَڏائي ڇڏيا تي

هٽي تِيرَ نظرن جا دلدار دلبر
ڪري تو ڇڏيا ڪيئي بيڪار 'جوهر'
سَوين سِينا ڇاٽي ٻَٽائي ڇڏيا تي

٨

## ڪافي

مُنهن محبوب ڏانهن نا موڙيندِيسِ
هاڙهو هوتَ پُنهل لئہ وَوڙيندِيسِ

آزيون نِيازُيون ڪندس اوٺين کي
ٻانهونُ ٻئي تہ جَتَن کي جوڙيندِيسِ

ويندس ڪيچَ جَبَل تي ڪاهي مان
ناتو شَهر ڀنڀور سان ٽوڙينديَس

اُبتا پنڌَ اُٺن جا آزار ڏٺا
مَهرِين مُٺن جون مَهارُون موڙيندِيسِ

وَهائي رَتُ، رَندن تي روئيندِيسَ
'جوهر' جانِ جَتَنَ تان گهوريندِيسَ

▲

ادیون مـان کـیـئن پرچایان مُون کان راٺو رُنو آهي
ڏسيو ڪيئن سودو سَرچايان مُون کان راٺو رُنو آهي

ڪَري آزيون نيازيون پنهنجي راٺي کي مان پرچايان
ڳچيءَ ۾ پاندُ پيي پايان مُون کان راٺو رُنو آهي

رَڙي روئي ڪري دانُهون، وَسايان مِينهن ڳوڙهن جو
پَئي پَٺَ تي مان ٻاڏايان مُون کان راٺو رُنو آهي

سَهيلين جا ڏسيَل حِيلا وَسيلا ڪم نہ آيا ڪجهہ
ٻُڌايو، ڇا ڪيان پيو مان؟ مُون کان راٺو رُنو آهي

ڇَڏيَم سڀ آسرا سَرتين جا، مُومَلَ آهيان نالي ۾
ڪَميٺي اصل کان آهيان مُون کان راٺو رُنو آهي

زليخائن سندا يوسف، ۽ ليلائن سندا مجنون
مان ڪنهن کي ڪجهہ نَٿِي ڀانيان مُون کان راٺو رُنو آهي

ٻُڌايو ڪو تہ، حيلو ۽ وَسِلو جيڏِيُون مُون کي
ڪيان ڇا مان چَرِي آهيان مُون کان راٺو رُنو آهي

ڪَرَمَ پَنهنجو ڪري ايندو اگُڻ ڏک سڀ لَهِي ويندا
مان وينـي واٽ واجهايان مُون کان راٺو رُنو آهي

اَوَس راٺي کي رحم ايندو ٿيندو 'جوهر' تي خود راضي
نہ ڪڏهين آسَ تي لاهيان مُون کان راٺو رُنو آهي

▲

رُسي رَتُ نہ راڻ رُئاري ويچين ها
ڪري مورَ ماڻا، نہ ماري ويچين ها

جي ويڇون هُئُہ، موڪلائي ويچين ها
ڳهيلي نہ ڳنٽين ۾ ڳاري ويچين ها

ڏئي دل کي آٿت ۽ دلبر دلاسو
اُتيَلَ سُورَ صدما سُمهاري ويچين ها

ڪري قُربُ ڪاملَ، رِلهيءَسان ڪري وڙ
جڏو جيئي جانبَ جياري ويچين ها

جدائي جا صدما، سَهڻ جهڙي ناهيان
گهڙِي ڪن تہ مان وٽ گذاري وَيچين ها

اُجايل تي سڏڙا ڪيان توکي 'جوهر'
سِبِي سِڪَ جي سهٽا پياري ويچين ها.

▲

عُمر! ڪِينَ ڪنهن سان ڪجي ظُلمُ زورِي
ڪَئي تو ٽَرين سان ٽِرا ناهي ٽوري

مُنهنجا ڪيت مارُو، ڏنگي وارا ڏاڍا
اِجهو ڦوڳ لاهي وِڌئون، تُنهنجي ڦوري

نَنگن ۽ حَقن ڪي وِسارڻ ڏکيو آ
اِها ڳالهه ڳيرُن جي لئي آهِي ڳوري

جيئن شالَ جڳ ۾ عُمر، مُون آباٹان
نِڌَٽڪي مان ناهيان، چِنِي ناهيان چورِي

ڏِسي مارُئي بَندِ، مارُو نَہ مُڙندا
جَنِين جِيئي ۾ 'جوهر' لڳي پئي آ جهوري

▲

عُمَر! اج اَباڻن، ڪيا ويسَ ڪارا
وِجهان ڪَنڌ ۾ تنهنجا، هي سِينگار سارا

مان تُنهنجي هٿن ۾ ڪنڌ ڪانہ اِيندَسِ
ڀَلي زورَ ڏس آزمائي، هَچارا

ڀُڄي پاڻ پهنوار، تو ساڻ اِيندا
ڏِني ڏِينهِن توکي، ڏيکارِيندا تارا

تنهنجو ظلمُ، ظالم! هميش نہ هلندو
پڙهي ڏس تون تاريخَ جا وَرقَ سارا

مان مارن جي آهيان، نہ ڏاريا سُڃاڻان
مُون کي ساهَ کان وڌ، ڏيا پنهنجا پيارا

ڪِريا ڪوٽَ، وارِي سندا ڇاڻ 'جوهر'
مِنا مارُو مون ساڻ مِلندا موچارا

▲

اِجهو ڏينهن پُورا ٿيا ڄاڻُ هاڻي
تُنهنجا ڪوٽ ڪِرندا، عُمرَاجِ سُياڻي

تنهنجي ظُلم، ظالِمَ! ڪيو ڏَنگ آهي
اَباڻن لئي ڌرتي سَڄي تَنگَ آهي
وَڃن مارُو مِسڪينَ ڪاڏي ڪُڄاڻي؟

مُنهنجا مارُو مون لاءِ قُربانُ آهن
لَڳا تن کي سامهون سڌِا ڪانَ آهن
وَيا پِيڙجي ڪيترا گهوٽَ گهاڻي

رَسِي کي ڇُمي جن ڳِلي ساڻ لاتو
نباهيو آ مَردَن، نَنگن ساڻُ ناتو
وَڃي ڄاڻ پَهتَسِ مان پنهنجي اَباڻي

ڪَيَئِ بادِشہ، بي گُنهه بَندِ بانديِ
سِڪي ساهُ مارُن لئي آهيان ماندي
آجن سان اَباڻن ڪيو سَنگُ سُڃاڻي

وَڃان شال 'جوهر'، مان ياڻُن جي ياڻي
پُڄان جَلدُ پنهنجي، پکين مان پُراڻي
هِتي قيد قِسمَتَ ڪيو آب داڻي

▲

اَباتن ڪان مُون ڪي، ڇنِي ڇڏ نـَ ڇورا
وِساريا ٽـِرا ڇو، ٽَرين جا تو ٽورا؟

ڏکن ڏُور ڏو ٽين ڪَنان ڏِيلُ ڏاريو
هَنجَهئون ويٺي هاريان سنگهارن ڪي ساريو
ڏکيون راتيون ڏاڍيون، ٿيا ڏينهن ڳورا

ڪَدي آهَ، اَهڙي مُون آمي اَندر مان
ٽَپيو آ بِسَنُ تِيرُ دل ۽ جگر مان
اِجهو ڪوٽ ٽُنهنجا، پَڇي ٿيندا پورا

اَچي لَعلَ لَڄَ ڪي، لَهِي نيٺ لَهندا
ويهي وينَ ويرين سَندا، ڪيسين سَهندا
سَچا سانگي سهٽا، ڪَرا ڪيتَ ڪَهُرا

اَباتن جي آئي اُڏي ويندا آخر
بَچائي نـَ سگهندا ڪڏهن ڦوڳَ، ’جوهر‘
ڪچا ڪوٽ ٽُنهنجا پُراٽان ۽ پورا

▲

ادا ڪانگلَ، اَچي مُون ساڻ ڪر احوالُ مارُن جو
ڏنو جو ڪجھ اکين سان تو، ٻُڌائج حالُ مارُن جو

ڏکيا ڏاڍا مِنا مارُو، پريشان حال ٿيا هُوندا
ٻُڏان ٿي پَئي پَري ڪان، سَختُ آهي سالُ مارُن جو

مُصيبت جا جَبَلَ آهن ڪِريا مِسڪِينَ مارُن تي
پَوي ڪاٿي نہ اهڙو شالَ، هَئي هئي، ڪالُ مارُن جو

آ بوتو بَندِ ڪوٽن ۾، سنگهارين ساهُ آ سارو
هي ڪِرندا ڪوٽ ڏِسنديسِ مان ويجي مُنهن شالَ مارُن جو

نہ سگهندا سُورُ پي ايڏو، ڪنداسِي هڪ هِڪاٽي اڄ
جهان ۾ ٿي پيو 'جوهر' جِئڻ جَنجالُ مارُن جو

▲

اچن مارُو مون ڏي تا سِرَڙو سهائي
توڦُربن پريو ڪانگُ، هَرَ هَرَ ٻُڌائي

عمر! مهرباني نہ تنهنجي ڪاڳُهرجي
ويندا مُون ڪي پَهنوار پاٽهئي چڏائي

اُتيا مَردَ مانجهي، ڪڙا ڪيتَ 'جوهر'
چڏيندا عُمر، ڪوٽ تنهنجا اُڏائي

▲

عُمر ڪوٽ تنهنجا ڪڏهن نيٺ ڪِرندا
منهنجا ماَرُو مِنڙا مُون سان شال مِلندا

ڪٿي ڪُوهَ تان آئين زوري تون مُون کي
مگر ماٺهو مون لئي آلائي ڇا چوندا

ڪيون بَندِ جن جون، تو ناحق نياٺيون
اُهي توسان اصلي، اباٺا نہ تَهندا

سِگهو تون سَتي کي سنگهارن ڏي موٽاءِ
تڏهن توکي سڀ لوڪ سهٺو سَڏيندا

عُمر! ڏاڍ ڪنهن جا، گهٺون ڪونہ هلندا
نہ اڳ ۾ رهيا ها، نہ اڳتي ئي رهندا

سنگهارن سچارن ۽ دل جي اَڇن سان
ڳولهيا ڪين لَيندا، ڪوٽا جيڪي ڪَهندا

اباٺن جي عزّت جي لوئي نہ لاهيان
تنهنجا پَٽَ پٽيهَر، اسان کي نہ تهندا

اسان ٿَرَ جا ماٺهو، پُسيون پيرُون ڪائون
سُٺا طعام تُنهنجا، نِڙي کان نہ لَهندا

ڳاڙها
ڳوڙها

پسند مون کي پنهنجن پَهنوارن جا پکڙا
تنهنجا محل ماڙيون مُون کي ڪيئن وڻندا

عُمر! پيڻ تنهنجي مان آهيان برابر
ڳَٽي ڳالهہ ڏِس، توکي پڻ پار لڳندا

مران جي هِتي بَندِ ۾ بانديائي
منهنجو مَڙُهہ مَرڻ مَهلَ مارن ڏي مُنجندا

ڪيا وَسَ هُوندا مِلڻ لاءِ مارُن
مَرڻ کان بہ مونجهي ڏنا ڪِينَ هوندا

ڪڏهن ڪيت مارُو ڇڏيندا نہ غيرت
ايڏو سُورُ سانگيءَ، سَهِي ڪا ٿي سُمهندا

جدا جهانگي مُڙن کان نہ رهندا سدائين
ڏکيا ڏاڍَ جا ڏينهن آخر تہ لهندا

ڪَڙا ڪوٽ نہ ڙي پي 'جوهر'، اباڻان
مُئي مارئي پنهنجي ڳولهي ئي لَهندا

▲

عُمَرَ! اڄ مون پنهنجا سَڄڻ ساريا
اکين هِتِ وڏا مينهن وسڪاريا

وِساري نہ سگهندسِ اَباڻا ڪڏهن
مِٺا مور محبوب راڻا ڪڏهن
سُٺا وقت جن سان مُون گڏ گهاريا

منهنجا مارُو مُون کي مِٺن کان مِٺا
ٻيا ڪَئُوڙا آهن ڏِٺا وائِٺا
ٽِين ڪِينَ پنهنجا، ڏُريان ڏارِيا

عُمَرَ مارو پَنهنجا پيارا اَٿم
مُنهنجا ساهَ دل جا سَهارا اَٿم
تو ٻارَڻ اُنهن لاءِ ڇو ٻارِيا

ڪنديَسِ ساهُ صدقي سنگهارن مَٿان
سَٺا سُورَ سَختيُون جَنِين تو هَٿان
وَڃَنَ مُون سان مارُن پَڪا پاڙيا

هِتي بَندَ ۾ ساهُ نِڪتو وَڃي
هُتي مارُو هڪڙو نہ توکي مَڃي
تنهنجي ڏادِ، ڏُونگر وَڏا ڏارِيا

مان تُنهنجي ڪڏهن ڪانہ ٿينديَسِ عُمر
ٻُڌي ڇڏ تون 'جوهر' جو هڪ هڪ اکَر
نہ ڪَهُ مارُئي سان مُٺا مارِيا

▲

منهنجا مارو موٽي ايندا
پنهنجا نَنگَ پاٽهئي پاليندا

سُورن جون راتيون رهيون ناهن
ڏينهنَ ڏک جا پيي گُذري ويندا

مايُوسي جا بادل ڪارا
هَٽي ويندا اُڏري ويندا

ايندي موسم مِنڙي موٽي
گلشن جا گل ساوا ٿيندا

مارو ويچا پنهنجا وساري
وائي وحدت جي ڳائيندا

سايَهَ ڏيندو سڀ کي، سائين
پنهنجا آخر، پنهنجا ٿيندا

سَچُ 'جوهر' ٿيندو سوپارو
ڪُوڙا بازي هارائيندا

▲

ڏٺيون ڪينَ مارُن کي هاٺي مَيارُون
وٺي باغ ۾ آيا واپَس بَهارُون

رکيو ڏور ڏاگهن کي، ڏيرَن هو ڏاڍو
پڳا مُرسَ مَهرِين جُون، موڙي مَهارُون

هئي مارُئي واتِ مارن جي وائي
پهنوارين کي پنهنجي، پرين جون پَچارون

اُتي ڪيتَ مارو ڪُنيِين جان ڪَڙا ٿيا
ڪري آيُون ڪوهياريون، ڪُونجن قطارون

عُمر! ڪوٺ ڪمزورَ تُنهنجا ڪِري پيا
مِليا مارُئي ساڻُ مَهمِير مارُون

وَريو وقت ۽ بخت، جنهن لاءِ جهانگين
هٽايا ٿي ڊارا، وِڏَئون ويٺي ڦارُون

وَري آنجهاني ڪو غاصب نہ ايندو
وَيون آ مِرِيَت سَندِيُون پٽجي پاڙُون

سُڃيون ٿيون سَڙيل راک جون سڀ سَماڌِيُون
شَهِيدَن جون آبادُ آهِن مَزارُون

ڪئي عِيدَ جَهنگَ جَهرَ ۾ ’جوهر‘ اباڻن
لَڳي ويون ٿـرَن ۽ برَن ۾ بَزارُون

▲

خبردار، سڌڙيو، منان پيرُ پائي
اَچي سو هتي، جيڪو سر ڪي سهائي

ڏکيو هي مُحبت جو ميدانُ آهي
هِتي پيرُ پائڻ نـَ آسانُ آهي
وَيا ڪيترا ڪَندَ ڪُوندرَ ڪَٽائي

نَظَر جو تِکو تيرُ گهـائي چڏي ٿو
سَڄو هوشُ هڪدم اُڏائي ڇڏي ٿو
نَئين سچ، نَوان نِينهن، نانگا نَچائي

اَتَوَ عشقُ، دنيا ۾ سڀ کان اَٽانگو
پَچي ٿئي پَري، جو ڪري سر جو سانگو
ڪَٽي سر تَريءَ تي اچي نينهن لائي

ادا عشق ڏادي وَڏي باهِ آهي
خطرناڪُ اهڙو نـَ آڙاهُ آهي
سُڪا توڙي ساوا ڇڏي ٿو جلائي

هَلي ٿي نـَ حُجَت، نـ ڪا تا جداري
هِتي آهِ هر ڪنهن جي، توبـَہ ۽ زاري
ڇڏيان ٿـو مان 'جوهر' سَين ڪي چِٽائي

ڳاڙها ڳوڙها

# بيت في قطعا

▲

تيو اکين ۽ دل جو آ عالمَ اِهو
ڪابہ اَڪِ، رُئندي ڏسي، دل ۽ اکين روئي ڏنو
ڪنهن بہ دل ۾، جي چُپيو ڪَندو، تہ دل تَڙپي اُٿي
عُمر پر، ساري جهان جي. غم ۾ آ 'جُوهر' رُنو

▲

## قوم جي نونهالن ڏانهن

اي عزيزِ قوم، اي نُورالبصر اهلِ وطن!
جان فزائي نِگهَتِ گُل، موجبِ نازِ بهار
تُندُ طوفان، بادو باران، برق، ابرو ڪوهسار
نوجوان تنهنجي ارادن تان جهان سارو نثار

٨٠

آءٌ تہ اصلئون اهڙي آهيان. تون پنهنجو شانُ سُڃاڻ
مان تہ ڇمندي ڄڃَي آهيان، تنهنجي ورقن ۾ بہ واڪاڻ
سُڃي، سڪٽي، عاجز، اَيري، ڏاڍي ڏٻري، ٿمر ڪونهيم ساڻ
تنهنجا اَڪُٽُ خزانا خالي نہ ٿيندا، پرِيل رهندا، پاڳيا پاڻ
ليڪي ڪندي نہ لَهندِيس ڏٿي ڇڏ، ڏاڍو ڏاتر تون ڏاڻ
"جوهر" لڳي ٻيجَل وارو ٻاڻ، تہ جئن هلڻ هارڪي ٿيان

٨١

تون سمون آءٌ گندرِي، مون ۾ آهن عيبن جا انبار
تون سُهڻو، سلڇڻون، مان ڪاري، ڪِني، بيحد بيڪار
مان شڪل ۾ شيدياڻي، ٻيو ڪميڻين واري منهنجي ڪار
مان ڪِني، ڪوجهي، ٿَڪي، تون سوڍو سَنَڪو، سُهڻن جو سردار
تون تہ پراين لئہ بہ پارس، آهين ننگي، نِرمل، ننگدار
"جوهر" کي تون ٿپائج پار، جهڙي تهڙي آهيانءِ تُنهنجي آسِري

▲

## مصر جي سيّد عالمن جي قتلِ عام جي موقعي تي لکيل

الجزائر، ڪوريا، ڪشمير، ڪانگو، ويتنام
سَرزمينِ مصر جي فرعون کي ڪن ٿا سلام
جَس ڪُٺي سُوري تي چاڙهي، ڪنهن وَري آلِ رَسول؟
ڪنهن ڪيو روشن، وَرِي آهي يَزيديّت جو نام

▲

نہ لاَلچ داد ۽ تَحسين جي آ
اسان هر حال ۾، خدمت ڪنداسُون
جو ٿيندو اَج اسان سان ڀانهَن ڀيلي
سَچِي دل سان سندس عزت ڪنداسُون

▲

اسان وٽ هيچ آهي مالُ، دولت
اسان آهيون مُرِيدانِ قلندر
اسان کي ڇا ڪندي ڪاڪَج ڪُلاهي؟
اسان آهن ڏٺا، ڪيئي سِڪندر!

▲

ڀَلي ڪنهن وَٽ هُجن شاهي خزانا
اسان وٽ قدر آ، انسانيت جو
مُروّت جي اُڪَيان ڀانُهون ڀَڏون ٿا
مَروڙيون ڪَنڌ ٿا فرعونيت جو

▲

سَين ڪان نااُميد آهيون ٿيا اڄ
توَڪَل ٿا رَکون هڪڙي خدا تي
جهان وارو! اوهان جو ڇا اسان سان؟
رَهُون هرحال ٿا راضي رَضا تي

▲

توَڪل بر خدا آهي ٻُڌي چڙ
چوان ٿو لاالهٰ، اَللهُ اَڪبَر
اَوَس فرعون! غرقِ نيلِ ٿيندين
ويا ڪاڏي هليا ڪسرِا ۽ قيصر؟

▲

سَدا نيبَهه نہ هُوندو تخت توکي
لِهيَ هڪ ڏينهن تون ايندين اسان وٽ
اَٽل آ، انقلابِ چرخِ گردان
سَچو ليکو اچي ڏيندين اسان وٽ

▲

ڏکيو گذريو ڏينهن، ’جوهر‘ رُئندي گذري رات
سُکَ سَنجهي چڏي ويا ساٿ، صبح تائين پئي سُورن نباهيو

▲

مرڻ کان پوءِ ورثي ۾، هي هوندو ترڪو 'جوهر' جو
هوُشو جي ذِڪر جا ڪاغذ ۽ تي ۽ نوجوان ٿورا

▲

[illegible] مون کان [illegible] ن دلدار منهنجا ڌار ٿيا
جن [illegible] ٿي [illegible] قيامت، حشر جا آثار ٿيا
ظاهر ٿيو [illegible] ٿيو ۽ ويرُ ٿيِو بغداد ٿيو
اهڙو طوفان ٿيو ٻيا [illegible] تي اَنڌُوڪار ٿيا

▲

زندگي ۾ ڪشش ڪا رهي ناهي
تو بنا زندگي، زندگي ناهي
عيد ايندي، جڏهن يارَ، تون ايندين
ورنہَ 'جوهر' سندي عيد ئي ناهي.

▲

وَيو شَرَم کان، ڪُوڙو قيصر لُنڊ، اَجايو اَڳُ مَرِي!
اڄ تہ ڪُوڙ آهي هُنر تيو، ڪُوڙُ تيو ڪارِيگري!
ڪُوڙ ۾ پي- ايڇ- ڊي ڪئي پاس آهي ليڊرَن
مُلڪ جي نيرولين جي ڪُنَّ آ 'جوهر' ڪَرِي

▲

جو ڪري لايعنِي ڳالهيون، وارَ ڳِنڊڙائي وڏيڪ
مُلڪَ ۾ سَمجهيو وڃي ٿو، سوئي دانشوَر وَڏو
جو ڄَمائي سَرِنهنَ، ماٺهن جي هٿَن تي مِنٿَ ۾
اهڙو جادُوگر هِتي آ ليکبو لِيڊر وڏو

▲

سائين! سدائين سنڌ تي، سَهنجو اُيارج سِجُ
بي مُندِي برسات نہ پَوي، بِيهَر ٻُڏي نہ ٻجُ
"جوهر" وِجي بِينو آهي نِجُ، هاڻي ذرو ضايع نہ ڪجان

▲

ذاتر ڏيهہَ تان ڏور ڪر، ذڪَر ۽ ذڪيا ڏينهنَ
شيطان ڪن نہ شرارت، شغال ٻڄن نہ شِينهن
"جوهر" جيئُ رَهي جهانگين سان، نِتُ نئون لڳيم نينهنُ
مولا! اهڙا وسائج مِينهنَ، جنن وَرِي ماڪڙ نہ اَچي ملڪ تي

▲

آ اَجرَڪُ ۽ ٽوپي سُڃاڻپ اوهان جي
نہ پَهرايو، تهذيب جي دشمنَن ڪي
تقاضا هي غيرت جي آهي اوهان کان
ٻُڌائي ڇڏيان تو سَين دَوسِتن ڪي

ڳاڙها
ڳوڙها

▲

سنڌ جا ڳيرو، گلن جهڙا، ڪنوارا بي شمار
سَر بہ ڪف آهن سَوين، ڦاهي چڙهڻ لئہ لک تيار
ديس جا دودا، دريا خان، هوشو، هيمون هزار
مارو نہ ڪٽندا مَيارَ، جانِ ڏئي ٽيندا جڪرا

▲

آ مارئي جو مُلڪ هي، بَختاوَر جو ديس
هِتي ڪتِي ڪُنيبل آ، راڄ راڻين جو ويس
هِتي نہ ڪا سُهڻي نہ ڪا ليليٰ نہ ڪوئي قيس
عُمر! هي ڪُوڙو ڪيس، آهي عوام جي عدالت ۾

▲

عُمر! عدالت تنهنجي ناهي مارُئي ڪي مُورَئون منظور
مارئي جي مَنَ ۾، ناحق جي نيزن سان ڪيئہِ ناسُور
قَصُورين جا، بي قَصوَرن، ڪهڙا ڪيا ها قصور؟
ڏينهن نَاهن ڏُور، اچا ڪارا پاڻهئي ٽيندا پَڌرا

▲

اوهان اهلِ قَلم ۽ صاحبِ فڪرو نظر آهيو
فلڪ جي فتنہ پَردازين کان، بلڪل باخبر آهيو
نہ آهي قول ڪنهن جو، مُستند اهلِ جهان آڏو
اوهان جو قولِ فيصل آ، اوهان ئي معتبر آهيو

▲

ڪلهوڪي يي خبر آهي، سُياڻي تي يي نظر آهي
زبان هوندي، بُڌائڻ تي پيل بندش مگر آهي
ڏٺا آهن مان سڀ، تاريخ جا اوراق اُٿلائي
لِڪل ڪو لفظ ڪونهي ٿيو، عَيان هرهڪ اکر آهي.

▲

دل تي پَهرو، زبان تي پَهرو
آهہ هرهڪ، بيان تي پَهرو
خوبُ شهري حقوق ڀي آهن؟
ٻار، ٻُڍڙي، جوان تي پَهرو

▲

بَربَرِيَت جو دؤر دؤرو آ
آدمي ظلم جو شڪار ڏٺم
پاڪِ جمهوريت جي نالي ۾
آمرِيت جو اقتدار ڏٺم

▲

نئين هِمت، نئون جذبو رکون ٿا،
زمينِ سنڌ تان جند جان صدقي
سڀ آهيون سُورما، سرويچ، سوڍا،
اسان جا حوصلا، ايمان صدقي

٨٦

بلند آهي اسان جو، عزم، ايمان،
وطن جو ننگ ۽ ناموس آهيون
هوشو آهيون ۽ دودا ديس خاطر،
بنهه غيرت سندو فانوس آهيون

٨٧

زمين جو ذرو ذرو آ مقدس،
هي ڌرتي پاڻ لئه عرشِ علا آهي
قسم خاڪِ وطن جو، سڀ ڪٿون ٿا،
خدا جو سنهن اسان لئه ڪيميا آهي

٨٨

ذرا جنبش نه ايندي حوصلن ۾،
سهائي سر ڪفن سر سان ٻڌون ٿا
سوين سهٽيون نڇاور مارئي تان،
اهو نعرو هٽي، اڳتي وڌون ٿا

▲

ببانگِ دهل هي دعويٰ ڪيون ٿا،
ٻَٽي رشڪِ سما ڌرتي اسان جي
سڪندر سَو ڪري پيدا ٿي "جوهر"
سدائين سُورَما ڌرتي اسان جي

▲

قيادت آ نئين، همّت نئين آ
نئون انداز حاصل ٿيو وطن کي
دعا آهي اهائي، بُلبُلن جي
خزان پهچي نہ شل پنهنجي چمن کي

▲

زمينِ پاڪ تان قربان آهيون
اڄوڪو ڏينهن آ عهدِ وفا جو
عوام النّاس ۽ دؤرِ حڪومت
مبارڪ فيصلو آهي قضا جو

۸

كمال آهي جهانِ علم ودانش جي پريشاني
تعجُب خيز دُنيا ئي هُنر جي چاڪ داماني
بظاهر "جوهرِ" انسانيت جيئرو پيو ڏسجي
حقيقت ۾ مُئل آهي ضميرو فڪر انساني

۹

مان نہ سَهِي، پرَ ڳالهہِ تہَ محفل ۾ هوندي
ڪجهہ تہ زبانِ خلق ني، ڪجهہ دل ۾ هوندي
سرمد و منصور آهہِ اجا، زندهٔ و خَنده
ليڪ شرمساري دلِ قاتل ۾ هوندي
تِشنہَ لَبيِ سُقراط، بُڏائي تي "جوهر"
بي آثَري ڪجهہ، زہرِ هلاهل ۾ هوندي

▲

تنهنجي محفل ۾ رونق ڏاڍي رهندي،
مگر افسوس! دلبر مان نہ هوندس
هوندیون نَيرَنگيُون جاري سدائين،
مگر موجُودُ ”جوهر“ مان نہ هوندس

▲

سَرڻ مَهرَ سرمايو ندامت جا ڀَ تي ڳوڙها،
کٽي حاضر سان ٿيندس، ناز سان پنهنجي خُدا آڏو
اُتم دڄاءِ بخشنهار، بخشيندو گنہ منهنجا!،
شَرم کان منهنُ لِڪائيندس، مُحمّد مُصطفيٰ آڏو

جهان ۾ حَقّ هيٺاهون ۽ باطل سربلند آهي
شرافت جي زماني ۾ تي آ ڪسّاد بازاري
تعجّب آ، حقيقت هيچ آهي، زور افسانو
خدايانِ جهان ڪي پِي وَٽي، شيطان جي ياري

مان محبّت جو ٻُڪيو آهيان ۽ اُلفت جو اُڃو
زندگي جي شام آ، نيّت اٿم افطار تي
ڪعبۂ دل ۾ رکي تصوير تنهنجي سامُهون
سَر بہَ سَجدَه، رُوبَرُو، ڏيان ٿو چُمي رُخسار تي

زندگي آهِ، حادثات جو نالو
وقت جي چند، واقعات جو نالو
زندگي هڪ ڪتاب آتيو ”جوهر“
دل جي دردن ۽ واردات جو نالو

ٻارڙها ٻوڙها

▲

# رُباعي

اچي تو ڪينَ مون کي ڏانءُ، پانهِپَ جو طَريقو
عِبادت جو نہ ڪوئي ڍَنگُ، آهي يا سَليقو
حَياتي ڪَچَ ڪمائڻ ۾، سَڄي پُوري ڪئي مان
ڪَسَر ڪائي، ڇڏي پُنتي نہ "جوهر" ڪو دقيقو

▲

هوائن جو رُخُ ڪير موڙي سگهي؟
۽ طوفان جو زور ٽوڙي سگهي؟
هِتي عاجز آ سُوزنِ مصلحت
ٽُٽَل آسمان ڪير جوڙي سگهي؟

▲

سُورُ منهنجو، حضرتِ يعقوب کان آهي سوايو
مان بہ هڪ نُورِ نظر لئي، نُورُ پنهنجو آ وڃايو
اصل ۾ آهي جدائي جي سبب ۾ فرق "جوهر"
ويا وَٺي يُوسف کي ڀائر، پنهنجو يوسف، مان ڀڄايو

ڳاڙها ڳوڙها

دردُ منهنجو حضرتِ يعقوب کان ٻيڻو ٿيو،
هن وڃايو هڪڙو يُوسف، گُم ڪيا آهن ٻہَ مان

دوا منهنجي درد جي، دوست تُنهنجو دَرُ آلا
وِلهيءَ جا وَرَ! وارو ڏنَر، وات وَهندي وَرُ آلاَ
بنا تنهنجي پنيور جو، شهر ڀانيان ٻَرُ آلاَ
وَئين هليو پَرڏيهہ ۾، دل جو ڍاهي گهرُ آلاَ
اڳڻ منهنجو تون اچي، جلد آباد ڪر آلاَ
تولئہ "جوهر" جاني، ڇهاڳيو جَهنگُ جَهرُ آلاَ

سُورُ اُبري تو قيامت جو، دلِ نازڪ ۾ اَڄُ
ساه جي سهنجيِ ڪٽڻ جي لاءِ تو "جوهر" مَري

ڳاڙها ڳوڙها

▲

دل ذکي تي، دم تو گھٽجي، ڪا گھڙي آرام ناهِ
رت جا ڳوڙها ٽا وهن، اکڙين منهنجان اڄ زار زار

▲

الله العٰلمين بيشڪ غفور آهي، ڪريم آهي،
مُحمّد مصطفيٰ مدني، رئوف آهي، رحيم آهي
ڪريمن جي نظر سان پنهنجي ڪايا وئي "جوهر"
اِهو هڪ عبد، ٻئي معبود جو لُطفِ عظيم آهي

▲

سهڻا وچ نہ سگھو، رَهي پَئہ راتَل تون رات
وَيلُ ٽِيندو تنهنجي وَئي، اکيون وَسائيندم برسات
پَلي پِرهُ ڦٽي ٽئي پرڀات، پوندہ رهجان "جوهر" جي جَهلَ ۾

▲

سُهڻا موتُ نہ سَويرو، رِهڻ جي تون ڪر نَہ وائي
ملئون، محبّت ڪيُون، ڪَسَرَ نہ ڇڏيون قُربَ ۾ ڪائي
”جوهر“ جي جدائي ۾ وَئي، گذري عُمر آهہِ اجائي
گهڙِي ڪن تہ ڪر سَجائي، ڀِيهَر متان موت موقعو نہ ڏي

▲

سهڻا وَڃ نہ سَويرو، گُذرن يَلي جان سال
پيار ڪري پاڻ ۾، ڪيُون قُربَ ۾ ڪمال
گهوريان گهر توتان، سر، مَڏِيُون ۽ مال
جيئري ”جوهر“ جي تيو، موتڻ تنهنجو مَحال
هاڻ لاءِ لَبَن سان لَعلَ، وَري مَتان موت موقعو نہ ڏي

▲

سُهڻا موتُ نہ سَويرو، يَل تئي اَنداري رات
تنهنجي وارَن ۾ گُم رَمان، ظاهرِ تيئمِ نہ ذات
تون ئي هجين ”جوهر“ جي، قُربن يَري ڪائنات
پکي پِرهَ جو لَوَنـدا لات، پوَ يلي جانب جدا تجان

ڪاڙها
ڪوڙها

▲

موتين تہ موت محبوب، نہ تہ پاڻ تي پَنڌ پوان
پيا پيرَ پٿُون تِينَ، رَندن ۾ رَمي رَتُ رَوان
جَڏي جِييءَ سان جَبلَ جاکوڙي، مُون وا ڪا وَسَ ڪيان
جي جِيئري ”جوهر“ نہ پُڄان، تہ پومَڙهہ ئي ملي محبوب سان

▲

پري توکان پيارا، منهنجا نِرمل نِسورا نُور
دردن دل ۾ ديرو ڪيو، سِيني اندر سَمايَم سُورَ
ڏکندي ڏينهن گذري، رات رهان تي رَنجُورُ
آهَن جو وٺان آسرو، دانهُون تِيومِ دستور
رُئان رڙيون ڪيان، ماٺِ نہ اَچي تي مُور
پُنهَل تنهنجا پُورَ، جِيئڻ نہ ڏين ”جوهر“ کي

▲

محب ماکي مصري، کَنڌُون ۽ کِيرَ
جدائي جا دل ۾ هَٽِي وئين تون تِيرَ
تنهنجي لئہ هٽايان ڊارا ڀُڃايان ڀِيرَ فقير
ميڙيون مِنٿون ڪَيَم ڇڏيَم، ڪِينَ مِيرَ وَزِيرَ
تنهنجي مِلڻ لئہ مَهمِير، 'جوهر' ڇڏيو ڪجهہ نَہ جهانَ ۾

▲

ڪَنڌّي ڪي بہ ڪَنَ آهن، ٿئين ڳَالهہ وچي پوي پري
نِڪتل ڪانْ ڪَمانَ مان، وَري واپس ڪين وَري
'جوهر' اڄ اهڙي ڳالهہ ڪري، متان ڀَرِين ۽ پشيمانُ ٿِئين.

ڳاڙها
ڳوڙها

▲

آهيان پٿر کان زياده سخت جان انسان مان
گُل ۽ شيشي کان، نرم نازڪ اٿم دل جو جهان
زندگي هر حال ۾ پوري ڪبي روئي کِلي
ڪو ٻڌائي يار جوهر، ڪيئن ڪيان، ڪاڏي وڃان؟

▲

مُٺ مان وئي خُورِ شباب آ، چڙ تہ واري جان وهي
عُمر ير ڏائڻ ڪُراڙپ، مون سان گڏ جوهر رهي

▲

ڪَٽِي سر تَرِي تي، اچي هِيٽِين حال سان تِيسَ حاضر
مُنهنُ مَٽي محبوبن ڪان، ڪَنَڌ نہ ڪيايان ڪنهن پَر
حُڪم تي حَبِيب جي گهو ِيان، گهٽو تورو، پَري، يا ڪُر
ڪري صدقي ساهُ سر، "جوهر" ناتو ضرور نبِاهبو.

▲

عزيزو! ڪيو دعا مون ڪي تہ مون ڏي خير ٿئي
جي آبي رَبَ جي رضا، پو دم نہ هڪڙو دير ٿئي
بس، رهي جاري زبان تي ڪلمو، توبہَ ۽ دَرُود
شال "جوهر" عاقَبت ۽ آخرت بالخير ٿئي

▲

خبر ناهِ دلدار چو دير لاتي؟
ڏسڻ لاءِ جنهن جي تي دل آهِ آتي
ڪيان سِينڌِ سُرمون ۽ سينگار چا لئہ؟
بنا وَرَ جي بيڪار آهي حَياتي

▲

منهنجي دل جون حَسرَتُون، ارمانَ، جانِ آرزو،
مُلڪ ساري جي سِپن سهڻن، جي آهين آبُرو
هي ثُريا ۽ ستارا، چَندُ ۽ سُورجُ سَيئي،
شرم کان سڀ مُنهنُ لڪائن ٿا سڄڻ جي رُوبرُو

▲

مٺا مون کي حياتي ۾ وَڏو ڏک تو ڏنو آهي،
محبّت جو ثمر آهي وفائن جو صِلو آهي
گُلن سان گڏ اکيون جن لئہ وڇايم راهَ ۾ "جوهو"
اُنهن ئي، منهنجو استقبال پِٿرَن سان ڪيو آهي

▲

ڪالهہَ جي آمرجا درباري، ٿي دانشَور سڏيا
بارگاهِ وقت وٽ، مَنصُور کي ماري ويا
جي حَضوري اڄ وَري، شطرنجَ جي بازي کٽي
نَفسَ جي عزَت ۽ حڪمت جو حُليو ڪاري ويا

▲

دُکي دردن ڀَري جي دل ڪپئي دلدار حاضر آ
سَڙي پئي آهِ سُورن ۾ صفا، سرڪار حاضر آ
ملازمر دَرَ تي ماني ۾ مَهانگو جي ڪپئي "جوهر"
نِڪمَو هيءُ نوڪر نيست ۽ نادار حاضر آ

▲

جن جي "جوهر" واتَ جا ڪندا، اکين سان صاف ڪيا،
تِيرَ، تلوارون ڪٽي، سي ئي پُٺيان آهن پيا

▲

آ سڄو "جوهر" جو گهر، ڪکڙا ڪچا، تي چار مَسَ،
واٿ ويندن لاءِ آهي، ايترو سا ترجمو مان بس!

ڪاڙها ڪوڙها

▲

چا ٿيو، ڪنهن مُسافر، ڳَڌ ڪيا هِٿَ لَعلَ لک؟
تنهنجي لئہ "جوهر" ڳَهڻان آهن ٿياتي چارڪک!

▲

لالچي بيمار کي، لُقمانَ هي نسخو ڏسيو،
ڪر قناعت جي دوا، حرص وَهَوس کان رَکُ تون رَکَ

▲

موت ڪنهن جو، تنهنجي هٿ ناهي زمين جا بادشاه!
آسمان تي ٿيندو آهي، زندگي جو فيصلو

▲

تاندَن ساڙي سيڪا، آندَن ساڙي آءُ
ڏاريا تہ هُيائي ڏاريا، پر پنهنجن ساڙيو هِنياءُ
هاٿي کھڙن جا وٺان نانءَ، مون سان تہ "جوهر" هوتن ڪئي هيتري!

▲

هوتن ڪئي هيترِي، جَتن ڪھڙو ڏيان مان ڏوهہُ؟
پنهنجن پُڄاڻي ڪئي، ڊاڙين ڪيو مون سان ڊوهہُ
پاڻِهئيءِ پُڇَندَنِ ڪوهہُ، "جوهر" جيئَري هِنَ جهانَ ۾

▲

تون سمون آءُ گدلي، تون آهين وِلهيءَ جو وَڻُ
تون مُشڪُ، تون گلاب، تون عطر، تون عنبر
مون ۾ ڏَپَ مَڇيءَ جي، هتَن پيرن تي چڙهيل مَرُ
ڪانهي لوئي لِڱَن تي، لتا ڪپڙا ميرا ويتر
آيسِ تنهنجي آسري، ڇڏي دنيا سڄيءَ جا دَرَ
ڇوري ڇني آهيان، ٻيو ڪونهي وسيلو واهَرَ
جانب پساءِ اهڙو "جوهر"، جئن راند رَسي اچي

▲

جئن راند بہ رَسي اچي، ۽ رهي جيڏين منجهہ ڀرم
سرتيون نہ هڻن طعنا، ماري نہ ماٽهن جو مون کي مَرَم
نہ لوڪ ئي لکا پوي، نہ ڪائي قطاريم حياءُ شرم
"جوهر" هن جڏيءَ سان، جاڙ ڪري ڪٽي قرب ڀريا قدم
هڙو ڪر ڪانڌ! ڪرم، جئن دنيا دنگُ رهجي وَڃي

▲

تون سمون آءُ گدلي، مان ناهيان مانڪ تنهنجو مَٽُ
ٻيو تہ نهيو ٻَرَ جُتيءَ جي، ڌَرَ چِٽَڻ ڪان بہ آهيان چَٽُ
نالي ۾ نُورِي تِيسِ، آهيان اڪين ڪان بہ انڌي نِپٽُ
پهتي آهيانءِ پيرن ۾، ٻائي پاند، ڳچيءَ ۾ ڳَٽُ
لاهي منهنجي قلب تان ڪَٽُ، جرڪاءِ "جوهر" کي جهان ۾

▲

تون سمون آءُ گدلي، تون تہ سُهڻو آهين سَپوتُ
تون نَڪُرنُ ڪان بہ ناهوڪو، آءُ تہ اڇوتن ۾ بہ اڇوت
تون اَڇو اُجرو، مان ميري مِٽيءَ منجهہ پيُوت
هڪ ذات جي بہ ضعيف، ٻيو ڪميڻان اَتم ڪَرتوت
"جوهر" لڌي پهتي آهيانءِ لاهوت، سام تنهنجي سيّدا

▲

تون سمون، آهہ گدلي، مون ۾ عيب آهن سؤ
ڍوليا تون ڍڪڻ تي، تہ منهنجي لئہ تي پوي ڍَئو
منهنجو وارُ وِنگو نہ ٿئي، تَتِيءَ اچي نہ تَؤ
ڪچايون ڏسي نہ ڪاوڙج، پيرن تي رکانءِ تي رَئو
"جوهر" سدا رهي تو ڀئو، تہ چوري ڇڄي نہ ويحان

▲

تون سمون آهہ گدلي، مون ۾ آهن عيب هزار
لتا لِيڙون، منهن ميرو، نہ ڪو سُرمون نہ سينگار
ڪوڏي نہ ڪمايم ڪار جي، ڪُوڙ بَدوڙ بي شمار
عيب آهن مون ۾ ايترا، جيترا مٽي ۾ وار
ڪنِي، ڪاري، ڪوجهي، تہ ٻيي آسري تنهنجي آڌار
وَرَ ڇڏيندين نہ وِلهي کي، تون سمان ڄام سردار
ڀهڳڻ ٻيو ڪير لهندو، توبن سُجيءَ جي سارَ
اِهي پنهل تنهنجا پارَ، ڳائي "جوهر" تو جهان ۾

ڳاڙها
ڳوڙها

▲

تون سمون آءُ گدلي، مون ۾ آهن عيب لکَ
هڪ صورت جي سادي، ويتر نہ آهي مکَ چِکَ
ڪُٽين تنهنجي پئي آهيان، لاهِ نَہ ڪميٽيءَ تان ڪک
اکين ڪان انڌي آهيان، هنيون اٿم توکي ہکُ
ٻُچڙيءَ جو ڀَرَمُ رک، ”جوهر“ صدقي پنهنجي سام جي

▲

تون سمون، آءُ گدلي، مون ۾ آهن عيب ڪروڙ
جوڌا جوانَ جکرا، مان تہ ناهيان جُتيءَ جو جوڙ
مان مُهاٽي، عيبن هاڻي، ترڪي مَٽي تي آهي موڙ
ڏَکي وٽ ڏولڻ، جڻ پاڙي نہ پوي پروَڙ
منهنجي توتائين ڊوڙ، ”جوهر“ آهي جهان ۾

ٻاڙها ٻوڙها

▲

تون سمون، آءُ گدلي، مون ۾ آهي عيبن جو ڏنگُ
مان ڪاري ڪِني ڪوجهي، تنهنجو چنڊ کان چٽو رنگُ
مان گرِي آهيان گنجي، تنهنجي وارن ۾ واسينگ وارو ونگُ
مان ٻُري ٻي سُرِيَ کي، چريو ڪيو چارن تنهنجي چنگ
حوصلو ڪونهي هلڻ جو، ڏري ۽ ڏِليءَ کي ڪو ڏنگ
پير نہ اَٽم پُختا "جوهر" ترڪڻ ڪيو آهي تنگ
نِرمَل ڪر تون نَنگَ، تہ سَرتين ۾ سرهي ٿيان

▲

تون سمون، آءُ گدلي، تون مِٺو ماکي تون محبوب
آءُ ڪرڙن کان بہ ڪؤڙي، مُهاندن ۾ بہ معيوب
آءُ اَيري اَوگڻي، تون محبُ مِٺو مصري مرغوب
ڪميڻي ڪمذات سَهي، پر نانءَ تنهنجي سان منسوب
دير نہ ڪر تون دلبر، ماندي مَران ٿي مورَ مطلوب
اِجهو ٿيو "جوهر" يار غروب، سِجُ هن صدقي ڪئي جو

▲

تون سمون آءُ گڏلي، تون منهنجو تماچي ڄام
سَوين سُهڻيون سردارڻيون سينگارجي ڪن توکي سلام
مان ڪوجهي، مڇيري، ڇيڄري، لَتا ٻہ لِيڙون ٽيام
ٻانهي نہ سُهان ٻانهين جي، ٽِيسَ گولين جي ٻہ غلام
جهڙي تهڙِي "جوهر" نالي چڙهي آهيانءِ نام
هاڻي سمان ڪر پنهنجي سام، تہ سَرتين ۾ سرهي ٿيان

▲

تون سمون آءُ گڏلي، تون سُهڻن سَينِ جو سردار
سِجَ چنڊ ڪان وڌ مُنهن، مُنَور تنهنجو، وَاليَلِ تنهنجا وار
مان مُهاڻي عيبن هاڻي، صورت جي ٻہ صَفا بيڪار
تون مور مانجهي ميندڙو، مان نہ تهان ٻانهيءَ جو ٻار
ٻَڌِي سَڏِي "جوهر"، تنهنجي آسري آهيان آڌار
تون پنهنجو سُجاڻج پار، تہ سرتين ۾ سرهي ٿيان

ڳاڙها ڳوڙها

▲

سوڍي ڌاران سرتيون، ساعت ڪانہ سَري
راڻي رِييءَ رات پرَ، دل روئي رَڙيون ڪري
مانڪ بنا موُنجِهي، مُصيبت ۾ پَئي مَري
اهڙو قادرُ ڪرم ڪري، جو ”جوهر“ جانب پَسان جيئري

▲

پيرن ۾ پُني آهيانءِ پيارا، پائي ڳچيءَ ۾ پاند
ڪَڏُ نہ ڪچايون مُنهنجون، هن ڪميٽي جا ڪانڌ
ڏوليا تون ڏڪڻ ٽجان، منهنجو وار ناهي واند
ماٺي رات ڏينهن ”جوهر“، رُئڻ رهي آهي راند
نُومل مَرِي ٽي آهي ماند، تون مِهرَ نہ ڇڏجان مينڌرا

▲

رَهي پئہ راتِ هِتڙي، مُوملَ راڻا وَجُ نہ رولي
هٿ ڪيُون هڪ ٻئي کي، سَيئي ڳُرَ ڳنڍيون ڳولهي
داستانَ ٻڌاوَئي دَرد جي، ”جوهر“ دلبرَ دل کولي
پيار وَنڊيون پاڻ ۾، ڀيهر ٽيهر ٻولي ٻولي
ماريَسَ اِنهيءَ ڀَئو ڀولي، مَتان موت موقعو نہ ڏئي

▲

مَتان موتُ موقعو نہ ڏي، مَران تُنهنجي اچڻ کان اڳُ
پنهنجي موتين ساڻ مِڻا، تون ڌوئيندو نہ اچجان دڳُ
ٻاهر ڀاڦ نہ نِڪري، توتي صادر نہ ٿئي سڳُ
”جوهر“ مَٿان جڳُ، مَتان ڪِلائين ميندرا

▲

تنهنجي محبت مَنَ ۾ مَچ، باريا اندر ۾ آڙاهَ
دُور توکان دلبر، بَدَن ساڙيو برِهَ واري باهِ
دل جو دل ۾ ويٺي، ڳاهيان ڳُڻتين وارو ڳاهُ
سَدا توکي سُکيو رکي، بَخشي خوشيون سڀ اَللهُ
"جوهر" تـو دل سان دُعا ڪري، جيسين سريءَ ۾ ساهُ
مرَڻ کان پو بہ وَاللهِ، دُعاگو هُوندس دلبر تُنهنجو

▲

سَنجهي موڪلايو ساهَ، آيو اکين ۾ آبُ تَري
ويندي وقت وِڌِي، پُورَل پاڪُرَن جي تہ پَري
موڪلائيندي محبوب جي، وَيومَنُ منهنجو بہ مَري
جيئري نہ مِلنديَس "جوهر" سان، دل اِنهي ڳُڻتي ۾ آهِ ڳَري
چَوي تي پَئي چُوتِ چَري، وَري موتُ موقعو نہ ڏيندو

ڳاڙها
ڳوڙها

▲

مَتان موت مُهلت نہ ڏي، هاڻي اَڄ يار هَلي
اوريان احوالَ اَندر جا، توسان دلدارَ دِلي
ناهي پرواهَ زماني سَندِي، ساڙيلو سَڙي پَلي
اِئين گذاريُون پاڻ ۾ مِلي، جو وَري ”جوهر“ جُدا نہ ٿيون

▲

مون کي مارن کان ماريا، ڇو ڇِني ڪَيڙُءِ ڏار
مان وِساري ڪيئن ويهان، پنهنجا مارو مٺا ميهار
او منهنجا اباڻان اوني، ڏڻ چارين ڏنار
جيهاجي تيها ”جوهر“، آهن اکين جا ٺار
مولا جي پوندءِ مار، جي جِيئري جدا ڪَيئُءِ

▲

اڄ وَري ياد آيا، مون کي مارُو ۽ مَلِهير
سِڪي سانگين لئہ سُومرا، منهنجو ساهُ سَرِيرُ
ڪيستائين رَهنديَسِ ڪوٽن ۾، هوندا زور جا زنجيرَ
اِجهو وَريو واءُ وصل جو، لڳي تـڏڙي هيرَ
اُتر طرف اَباڻان، پيو وينا آهن پَنير
هي "جوهر" ڪندون ۽ ڪِيرُ، زَهُر پيانيان تـي زبانَ لئہ

▲

ڏِسي ڏاڍِ تنهنجا سُومرا، ڪوڙين ڪنَبن تا ڪوهَ
عِمر! تو اباڻن سان، ڊوهي ڪيا آهن ڊوهَ
تَپِي تندُورَن ۾ "جوهر"، ڪُندَنُ تي پيو لوهُ
سوچي ڏس سُومرا، مُنهنجي ڏوتين ڪهڙو ڏوهه
جِڏي مارن مَٽان سڀ جوهَ، ماري جِڏ پَلِ هِڪَ مارُئي

▲

عُمر! تون اَندو، منهنجا مارُو نِرمَلَ نسورو نُور
تو ڏيکاري ڏاڍايُون، مُون کي ڏوٽين کان ڪيِرڙو ڏور
جيسين هُوندن ساهُ سَرِير ۾، مُڙندا نہ ”جوهر“ مُورَئون مُور
او! مُنهنجا سانگي ايڏو سُور، هَئي هَئي! سَهِي نہ سگهندا سُومرا!

▲

اڄ مارُن مُون ڏي، نئون نياپو آهہ مُڪو
اِجهو پَهتا پَهنوار، ٻانُ تي لائيندا نَہ تِڪو
ڪر نہ تڪڙ سُومرا تابُ نہ ڏيکار، تي نہ تِڪو
ڇڏ اُرَهہَ زورائي، جَهلِ ٻانُ ”جوهر“ تي ويهُہ جهَڪو
مِلندَم مارُو يَڪو، ڪيرائي عُمرَ ڪوٽَ کي!

▲

او عُمر! تنهنجي ڪوٽن ۾، مُون کي تالن ڪيو آ تنگَ
هُتِ دهشت تنهنجي، ڏنارن تي ڏاريا تيزي ڏَنگَ
ڪَري ماٿِ مُڙندا ڪِينَ، مُنهنجا مارُو مَست مَلنگَ
”جوهر“ جن کي جَهانَ ۾، طَعنن ڪيو آهي تنگِ
هاڻي نياڻيون ۽ ننگَ، مَتي ڇڏيندا! نہ مينڌرا

▲

مُون کي آري تنهنجو آسرو، ٻي ڪانهيم ڪائي واهَ
اوکو پنڌ پهڻن جو، پيرَ  پٿُون ڪونهي سَنڌن ۾ ساهُ
پائي، الفي ڪٽي مالها، رُئندي وتم، رانجهن تنهنجي راهَ
جي پُڳس پرين تہ چڱو، جي رستي ۾ پُـڳا پَساهَ
پوءِ تہ "جوهر" وَهواهَ، اِيندُمِ آري پاڻ اڳيَرو

▲

ڪوڏي مُلهہُ نہ منهنجو، تون تہ آهين لعلن جو لَعلُ
تنهنجو نانءُ ناميارن ۾، هيٺون منهنجو حالُ
مِهرَ تنهنجيءَ سان محبوبَ مُلڪُ سڄو ٿيو مالا مالُ
ڪيچ ڏٺي ڪميٺي ڪي، ڏيکار پنهنجو قرب ڪمالُ
ڪر ٻُچڙيءَ سان پالُ، تہ "جوهر" آءٌ بہ اگهجي ويان

ڳاڙها
ڳوڙها

# سرائڪي نظم

اوميڏي محبوب منهڙي مورَ ماهي
ڪَران گهور تَين تُون ساري بادشاهي

تون رُس سِين مين جِيوِين تيوين مَنيسان
ٻانهان ٻَڌهيسان مِين پيرين پَويسان
جيوين اَڪيسِين مين تيوين ڪَريسان
تيڪُون ڪَنهين ويلي ٻهي رُسَڻ نہ ڏيسان
اوميڏي محبوب منهڙي مورَ ماهي

سارا جڳ ڇهوڙ ڪي تيري دَرَتي آويسان
اَڪان نال اڱڻ تيڏا يار ٻُهيسان
ڏادي چاهَ دي نال چائٽ تيڏي چُميسان
تيڏي مُلک دي مِٽي مين سُرمہ ڪريسان
اوميڏي محبوب منهڙي مورَ ماهي

جيهي آن تيهي تيڏي دردي آن ٻانهي
ڏونجها سونَهن دي وچ ڪوئي نهين تيڏا ثاني
ميڏي ڳلي وچ ٻانهپَ دِي آ يار نِشاني
ننگڙا نمائي دا، جِيوِين تيوين پال جاني
اوميڏي محبوب منهڙي مورَ ماهي

سُهڻا سُورَ دل دي نہ بيان نال سلَيسان
جو مڱٽان اي 'جوهر' بس تين ڪَنُون ئي مَنگيسان
معاف ڪر ڇڏ مورَ ميڏيَ ساري خَطائان
شرم وِچُون ڪِيوين اَکان تيڏي اڳُون مين چاوان
اوميڏي محبوب منهڙي مورَ ماهي

▲

دوستن، پاڙيسرين، پنهنجن، پَراون کي چئو
زندگي ۾ جن سان ’جوهر‘ واسطو آهي رهيو
ڪنهن عَملَ مُنهنجي ڪان، ڪنهن کي، رَنجَ جي پَهتو هُجي
مُنهنَ هُجن، جيڪي بہ مُون ڏي، سڀ خدارا بَخشِجو

▲

جي هيا مضبوط ٻيڙا سِيرَ پَهرِين ۾ ٻُڏا
۽ پڳا ساحل تي، مان جَهڙا وَيجي ”جوهر“ جُڏا

▲

هِن اکين ۽ دل جي آ، احساس جو عالم اِهو
ڪابہ اَکِ رُئندي ڏِسي، دل ۽ اکين روئي ڏنو
ڪَنهن بہ دل ۾ جي چُپيو ڪندو، تہِدل تڙپي اُٿي
آ ٻين جي غم ۾ ’جوهر‘، عُمر ساري مان رُنو

# متفرقات

# پياري دوست عزيزالله 'مُجروح' جي شهادت جي موقعي تي غم جو اظهار

عجب گردشِ چرخ نيلوفري
تي غائب ادب جو ويو مشتري

وفا کيش، مخلص، عزيزِ الـٰ
مروّت ۾ جنهن کي ملي برتري

محبت تي ماتم ڪري، الامان!
شرافت پيي لُڙڪن سان دامن ڀري

يکايک ڏسي منظرِ دل گداز!
دلِ آدميّت ۾ آتش ٻري

هئي جيڪا مجروح ماحول ڪان
ستم جو نشانو تي سا دل وري

وطن جي محبّت سان ڀرپور دل
نظر آئي مهراڻ موجن ڀري

هو همدرد مزدورُ هاريءَ سندو
هو مقصد سندس ملڪ جي بهتري

رُنو دردِ فرقت ۾ سُڏڪا ڀري
فراست، لياقت، ادب، شاعري

سخن دان، سخن سنج، معجز بيان
ڪئي جنهن سدائين سخن پروري

ڪئي خوب هن طنز ماحول تي
چئي ڳالھ ڏيندو هو بالڪل کَري

فصاحت جو حاڪم، بلاغت جو شاه
هيو سنڌ ۾ ثانيِ، انوَري

رُئن دوست احباب ٿا زار، زار
مهيسر محبّن جي دل پئي ڏري

رُئي ٿي فضيلت بہ سندرا ٻڌي
متانت زماني مان اڄ وئي مرَي

اَٺين ماه آگسٽ اربع جي رات
اجل جي متّس ڪا نہ گولي ٺري

شهادت جو سن "زخمِ چرخ آستان"
١٩٦٢ع
ٻڌائيندو 'جوهر' ويو جوهري

ڪنهن جي ماتم ۾ شريڪ آهن ٿيا مخلص هزار؟
ٿا رُئن سڏڪا ڀري پنهنجا پرايا زار زار
گلشنِ احباب کي رخصت چئي جانِ بهار
دوستن جي صبر جي دامن ڪري ويو تار تار
غمڪده مجروح جو سرو جهان بنجي ويو
آسمان پي قبر تي شبنم فِشان بنجي ويو

ڳاڙها ڳوڙها

# عزيز دوست شمس الدين ابڙو وڪيل جي

# وفات تي لکيل

صبر جي دامن تي آهي فرطِ غم کان تار تار
ضبط جي خرمن تي برقِ رنج آهي شعله بار
درد کان ڇوليون هڻي ٿو دل جو بَحرِ بي ڪنار
گلشنِ قرب ومُروّت تي پيو آ خار زار
ٿيو محبّت جو سچو ماحول آهي اشڪبار

باغ اِلفت جو هئين، تون ئي مقدّس باغبان
دوست تنهن جا ٿا ڏين، اج غم تي غم جو امتحان
توکي جاچن ٿيون اکيون استادُ شمسُ الدّين خان
موت تنهنجي تي رُئي ڌرتي سان گڏ ٿو آسمان
اشڪ افشان، بادوباران، برق ابرو کوهسار

يائيي جو بي بدل، فانوس هو تنهنجو وجود
دوستي جو نَنگ ۽ نامُوس هو تنهنجو وجود
هم نشينن واسطي، مانوس هو تنهنجو وجود
نيڪنامي سان سدا، ملبوس هو تنهنجو وجود
درد مان اج ٿارُئن پنهنجا پرايا زار زار

قربدارن جو ڏسان ٿو نرحَ خوان، جَمِّ غفير
ماتمي تنهنجا ٻٽيا ڪيئي، محبّت جا اسير
تنهنجي پَٽّر تي اچي ڳوڙها ٿا ڳاڙن، خود وزير
ٿا اگهاڙي سرهلن تنهنجي جنازي سان امير
قبر، تنهنجي تي ڪئا آهن، هزارين سوگوار

حيف! دنيا ئِي محبّت ۾ گهلي اهڙي هوا
فصلِ گل برباد ٿيو، ٿي غمزده هرهڪ ادا
تنهنجي فرقت ۾ مُروّت جي مُڪدّر ٿي فضا
آ فلڪ حيرانُ ۽ عبرت ۾ آ چشمِ قضا
ٿي خبر آبي خبر، بي اختيار آ اختيار
ڪاروانِ دهر مان هسو ر ڪيئي ٿا هلن
ڪي ٿيا، ۽ ڪي سگهو تو ساڻ شامل ٿا ٿين
مَه جدائي جو "جدا" تاريخ "هي هي" ٿا چون
٣٠٨
"نوجوان غمخوار" تنهنجي موت جو سن ٿا لکن
١٩٦٣ع
يادِ تنهنجي آهِ هاٺي قلبِ 'جوهر' جو قرار

# سنڌ جي نامور عالم، اديب، شاعر ۽ نقاد
# مولانا غلام محمد گرامي جي وفات تي لکيل

ناگهان علم وادب جي، سرزمين تي اشڪبار
چرخِ انشاءَ پَروَري، روئي رهيو آ زار زار
تي وئي تحرير جي رنگينُ دَامن تار تار
ويو لڏي شَعر وسخن جي شهر جو هڪ شهريار
تيو قلم، فرطِ اَلم کان، دل شڪسته، دل فگار

آه! اي جانِ ادب! تون ئي ادب جو آنُ هئين
سچ ته، مولانا ناگرامي! تون قلم جو شانُ هئين
تون بلاغت ۾ بلاشڪ، سنڌ جو سحبانُ هئين
يعني پنهنجي مارئي جي مُلڪ جو، تون مانُ هئين
ملڪ جي دانشورن ۾، پئي ٿيو تنهنجو شمار

غَمزَدَه ٿيو ملڪ جو، اهلِ قلم حضرات آ
صفحئِ قرطاس تي، وئي ڇانئِجي ظلمات آ
واديِ، مهراڻ ۾، رنج والم جي رات آ
جن پڙهيو، توکي ٻُڌو، سيني چيو هيهات آ
هر پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل کان، ٿا ڳڙن ڳوڙها هزار

خاص اسلوبِ سُخن جي مُلڪ جو معمار هئين
تون ئي اندازِ بيان جو هڪ "بهادر يار" هئين
مُلڪَ جي سُهڻي زمين جي تون ڳچيءَ جو هارُ هئين
الغرض، اَهلِ قلَم، اَهلِ زبان، فنڪار هئين
تا بقائي، سنڌ، تنهنجو فَنّ، رهندو يادگار

تون فصاحت، ۽ بلاغت، جو هئين عُمدَو مثال
توئي سهڻا ٿي رکيا، سنڌي زبان جا خَطَ و خال
"شاعر" و "مهراڻ" تنهنجو "البلاغ" و "الهلال"
قول تنهنجو "قولِ فيصل"، فڪر تنهنجو با ڪمال
تون بُدُورِ بازغہ جو هُئين مبلّغ نامدار

تو بيان کي زيب بخشيو ۽ حسين تمهيد ڏني
ڪئي روايات ادب جي، قدر جي تجديد ڏني
تنهنجو خاصو، معتبر تحقيق ۽ تنقيد ڏني
جا مِعيّت تي وَديعت، ايزَدِي تائيد ڏني
اي ادب جي، سيني صنفن جا، مُڪمّل شاهڪار

قدر تنهنجو، ڪو زماني ڪِين ڪيو، افسوس يار
تون رهين ماحول جي، ريشہ دوانين جو شڪار
فاقہ مستي ۾ بہ، خودداري رهيو تنهنجو شعار
تون تَوڪّل جي ٿئي، تُرهي تيَ، چڙهي، پهتو آن پار
خار زارِ زيست ۾، رهندو هئين باغ و بهار

او چتو حضرت وئين، فاني جهان مان، تون لڏي
جاءِ تنهنجي ڪانہ پرَبي، ٿو چوان وا ڪي وڏي
ڪيترا شاگرد، ساٿي ۽ پيارا، سڀ ڇڏي
غَمَزدَه 'جوهر'، لَقبَ ڪهڙي سان توکي، اڄ سڏي؟
محترم، استاد، سائين، دل گهريو، دلدار، يار؟

# اَثـر مـرحـوم لاءِ

اوچتو علمي فضا تي، ڇانئِجي ظلمات وئي
۽ پکڙجي عالمِ ادراڪ ۾ هيهات وئي
علم جي، اخلاق جي، انسانيت جي ذات وئي
سُورَ جو سامان ويو ۽ برهـَ جي هربات وئي
دل جي دنيا ۾ اچي ويو، هاءِ هيڏو انقلاب
ذهن جي تِنڪن کي، برقِ ناگهان ساڙيو شتاب

اي اثر! جانِ فضيلت، اي شرافت جا بيان
اي ادب جي آبرو، علم وفصاحت جي زبان
ڪائناتِ آدميت، اي مُروت جا جهان
سادگي ۽ اِنڪساري، تُنهنجي عظمت جا نشان
موت تُنهنجي تي، محبت جو جهان، ٿيو اشڪبار
تُنهنجي ميت تي رُئن، پنهنجا، پرايا، زار زار

ياد رهندي عُمر تائين، تُنهنجي شيرين گفتگو
هر بيان کي توئي پَهرايو، لباسِ مُشڪبُو
سڀ ٿيا گِرويدَه، جن توکي ڏِٺو هو، رُوبرُو
تُنهنجي خلقت، "اَحسَنِ تَقويمِ" مان ٿي خوبرُو
حُسنِ اخلاقي جو پورو، پاڻ گلدستو هئين
حُرمتِ انسا نيت جو راز، سَربَستو هئين

ڳالهيون اثرائتيون تُنهنجون، سَين کي ٿي وڻيون
بي مَزه سڀ مجلسون، توڪان، سوا آهن بڻيون
آ نظر جي تنگ دامن، خوبيون تُنهنجون گهڻيون
مورَ، مانجهي! ڪيترا ڳڻُ، اَڄ ڳُڻي تُنهنجا ڳڻيون؟
تون هُنر ۽ فڪر جي، دنيا سندو، فانوس هئين
مُخلصانه دوستي جو، نانءُ ۽ نامُوس هئين

خوب دُنيا ئي ادب ۾، تو ڪيو حاصل ڪمال
شعر جي مالها ۾ پوتئه لفظ، موتين جي مثال
توئي جرڪايا، مُبارڪ فڪر، پاڪيزهَ خيال
ٻيو سُخنور، هت اَچي، دنيا کي تو جهڙو محال
نثر تنهنجي، نظم تُنهنجي، ۽ غزل ٿيا شاهڪار
استِعارَه ۽ ڪنايا، تو بڻايا راز دار

آه! عَبداُللهِ، مُنهن جا دوست، دلبر، دادلا
وقت کان اڳ، ويجهڙا ڪيا، موت جا تو، فاصلا
تنهنجي گُلگون لاش تي روئن، هزارين بلبلا
سچ ته مون جهڙا سَوين، وڃنا وڃائي، حوصلا
حادثه جانڪاه تي، خود ٿيو فلڪ، شبنم فشان
موت تُنهنجي تي رئي، مون سان ٿـو گڏ جي آسمان


دل، 'گرامي' جي جدائي تي، ايجا هئي اشڪبار
اڄ وَري ٻيو، اوچتو ڪڙڪيو، غمن جو ڪوهسار
ياد تڙپايو نئين سر، 'عبد' جي، بي اختيار
هن جهان فاني تان، مُنهنجو، اڄ ٽُٽي پيو اعتبار
ڪي اکين آڏو هليا ويا، ڪي وڃڻ لئہ ٿيا تيار
بسترو، مون جان ٻڌيو، پيا وقت جو ڪن انتظار

رحمتون، توتي هجن، الله جا ٻانها، 'اثر'!
لَحدَ ٽُنهن جي تي وسي، رحمت سندو، هردم ڪڪرَ
غمزدَه 'جوهر' جي آهي، هي دعا شام وسحر
اي مکين دل! پوي شل خواب ۾، توتي نظر
ٽُنهنجي مستانن جي مجلس، آهہ ٿي ماتم ڪدَه
قرب وارن جي، ڪچهري ٿي، سراسر غَم ڪدَه

# پڙهنامو

| صحيح | غلط | سٽ | صفحو |
| --- | --- | --- | --- |
| ناتي | ناطي | ٢٧ | ١١ |
| جهڙو | جهڙي | ١٠ | ١٣ |
| رهجي | رهي | ۴ | ٣٢ |
| پوندو وڌي | پوندو وڏي | ١١ | ٥۴ |
| تان | تان | ١١ | ٥۴ |
| نہ چهتو | چهتو | ٢٢ | ٥۴ |
| آ اهڙي | اهڙي | ٢٣ | ٥۴ |
| افتاد | آ رفتاد | ٣ | ٨٢ |
| واڙ . | ولڙا | ١٥ | ٨٢ |
| ڪاتب | قدرت | ١٢ | ٩٠ |
| لئہ | ئي | ١۴ | ٩٠ |
| نامہ بر | اج نامہ بر | ١٦ | ٩٠ |
| سدوريون | سدريون | ٩ | ١٥٧ |
| ٿو ڦٽي ٿوهر پوي | ٿوم ٿي پيدا ٿئي | ٧ | ١٧٢ |
| آلام | آرام | ٦ | ١٨٢ |
| سامان بس | سا ترجمو مان بس | ٨ | ٢٥٦ |

نوٽ صفحو ٨٧ صفحو ٦٥ سان گڏي پڙهڻ گهرجي.



محمد علي 'جوهر' سنڌ جو هڪ ناميارو ڪُهنه مشق شاعر آهي. سندس شاعري جي تربيت بزم مشاعره لاڙڪاڻي جي مشاعرن ۽ جمعيت الشعراءِ سنڌ جي سايہ هيٺ ٿي آهي جنهن جو رنگ هن جي شاعري تي نمايان آهي.

جوهر ويهن سالن کان بہ وڌيڪ عرصو جمعيت الشعراءِ سنڌ جي جنرل سيڪريٽري جي ممتاز عهدي تي رهي سنڌ جي عروضي ۽ روايتي شاعري جي وڏي خدمت سرانجام ڏني آهي سندس شاعري ۾ عُروض جي پُختگي، فن جي مَهارت ۽ فڪر جي گهرائي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. سندس ٻولي سَلوڻي ۽ وڻندڙ سِنڌي آهي جنهن کي هُن پاڻ عربي ۽ پارسيءَ جي چاشنيءَ سان وڌيڪ مِٺو ۽ مزيدار بنايو آهي. جوهر شاعري جي مختلف صنفن غزل، نظم، رباعي، قطعہ، بيت، مُسدَّس، مُخمس، مثلَث ۽ ڪافي تي طبع آزمائي ڪري جنهن بہ صنف ۾ خيالن جو اظهار ڪيو آهي ان کي فن ۽ فڪر جو مَتاهون معيار عطا ڪيو آهي سندس شاعري ۾ جتي خارجي اثر ڏسڻ ۾ اچن ٿا اُتي شاعر جي اندر جي آه ۽ دانهن جو اثر بہ محسوس ٿئي ٿو.

سندس شاعري ۾ حمد ۽ ثنا، نعت ۽ مَدَح رسولِ عربيِ صلعم جي عقيدت جا سُرها گُل موجود آهن جي روح کي راحت رسائين ٿا. هن جي شاعري ۾ عشق ۽ محبت جون سموريون ڪيفيتون موجود آهن. حبيبن جون حڪايتون بہ آهن تہ حسينن جون شڪايتون بہ آهن. جوهر جي شاعري جو هڪ حصو ملڪ جي مختلف وقتن جي سياسي حالتن جي عڪاسي ڪري ٿو. هُن کي پنهنجي سنڌ سان محبت آهي جنهن جو هن پنهنجي شاعري ۾ ڀرپور اظهار ڪيو آهي ۽ سنڌ جي روماني داستانن جي ڪردارن کي ڪلاسيڪل انداز ۾ بيان ڪيو آهي. 'جوهر' جا ڳاڙها ڳوڙها صرف هن جا نہ پر سنڌ وارن جا بہ ڳاڙها ڳوڙها آهن.

ڊاڪٽر اياز قادري

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.